
ڳر لڳي ڳالهيون ڪريون
(سفرنامو)
عبدالحئي پليجو

# ڳر لڳي ڳالهيون ڪريون

(سفرنامو)

عبدالحئي پليجو

مومل سنڌو پبليڪيشن

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڪتاب جو نالو: ڳر لڳي ڳالهيون ڪريون
موضوع: (سفرنامو)
ليکڪ: عبدالحئي پليجو
ڇاپو پهريون: 2010ع
ڇپيندڙ: ذڪي پريس ڪراچي
ڇپائيندڙ: مومل سنڌو پبليڪيشن

قيمت: 120.00 روپيا

## ملڻ جا هنڌ

سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 071-5628368،
سنڌيڪا بوڪ شاپ، جتوئي منزل حيدر چوڪ حيدرآباد فون: 03013594679 ـــ
ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ، سکر-
ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي-
رابيل ڪتاب گهر اسٽيشن روڊ، رهبر بوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو-
رحيم ڪتاب گهر مهراڻ چوڪ بدين-
- المهراڻ ڪتاب گهر، زاهد بوڪ ڊپو، سانگهڙ-
ممتاز نيوز ايجنسي، ريلوي لائين دادو-

# انتساب

پنهنجي يارن

حمزه خان پليجو

ڊاڪٽر عارب راڄو

عبدالحڪيم شاهه

جي نالي

عبدالحئي پليجو

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (260) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”ڳر لڳي ڳالهيون ڪريون“** نامياري ليکڪ ۽ سفرناما نگار **عبد الحئي پليجي** جو يورپ خاص ڪري پئرس ۽ لنڊن بابت لکيل سفرنامو آهي.

هي ڪتاب **مومل سنڌو پبليڪيشن** پاران **سنڌيڪا اڪيڊمي** وٽان 2010ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون سنڌيڪا اڪيڊمي جي سرواڻ نور احمد ميمڻ ۽ فضل الرحمان ميمڻ جا جن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي. ٿورا سائين عبد الحئي پليجي صاحب جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

دروازي کي اليڪٽرانڪ چابي هينئر تہ دروازي تي لڳل ڳاڙهي بتي بند ٿي وئي وري سائي بتي ٻرڻ لڳي ۽ دروازي جي لاڪ کي گهمايم تہ دروازو کُل جا سم سم وانگر خود بہ خود کلي پيو ۽ اسان علاءُ الدين جادوئي چراغ کڻي اندر ڪمري ۾ داخل ٿياسين. ڇا تہ ڪمرو ڊيڪوريٽ ٿيل هو. هونئن تہ هر هوٽل ۾ خوبصورت نفيس غلم غاليچا، پردا بيڊ ۽ ٻيو فرنيچر، لائيٽ جا شينگلر جيڪي ڄڻ تہ هيرن جواهرن سان جڙيا پيا آهن. پر هي ڪمرو انهن سڀني شين ڪانسواءِ ننڍن ننڍن ڊيڪوريشن پيسز سان اهڙي تہ نفاست سان سنواريل ۽ سينگاريل هو جو دل پئي چئي تہ هر هڪ شيءِ کي ماڻهو وينو ڏسي انهيءَ ڪانسواءِ پئنٽنگس بہ ڏاڍيون پلوڙ لڳل هيون. جيڪي ڏاڍي سٺي ترتيب سان ٽنگيل هيون. ڪمرو ڏسڻ شرط سڄي ڏينهن جي مسافريءَ جو ڄڻ تہ ٿڪ ئي لهي ويو پر ٽوڪيو جي هوٽل گينزا ڊائچي لاس ويگاس، آمريڪا جي هوٽل مئراج ۽ جرمني ۾ رائن نديءَ جي ڪپ تي ٺهيل هوٽل Tulip جي ڳالهہ ئي ٻين هئي. جنهن ۾ گذريل گهڙين جون روح رچنديون ڄڻ تہ سڄي زندگيءَ جو سهارو ٿي پيون آهن. انهن يادن جي سهاري باقي زندگي بہ ڄڻ تہ بي مقصد ڪا نہ ٿي لڳي.

هونئن بہ مون کي زندگيءَ سان ڏاڍو پيار آهي ۽ آئون هر ايندڙ پل کي رب پاڪ طرفان موڪليل هڪ حسين تحفو سمجهي ٿو گذارڻ چاهيان ۽ چاهيان ٿو تہ رب پاڪ جي هن حسين تحفي جو هڪ پل بہ زيان نہ ڪريان ۽ آئون پنهنجي گذريل زندگيءَ کي بہ بي مقصد ڪو نہ ٿو سمجهان.

آگسٽ جو مهينو هو جنهن ڪري ايڏي سردي ڪا نہ هئي. مِنا ڪمري جي دري کولي تہ پئرس جي سونهن جي خبر پئي. اسان جو ڪمرو شايد هوٽل جي ڇهين فلور تي هو. جنهن ڪري شهر جو وڏو حصو اتان ڏسڻ ۾ پئي آيو ۽ ماڻهن جا فليٽ ۽ انهن جا صحن بہ چڱي طرح نظر پئي آيا. پئرس جا فليٽ ۽ انهن جا صحن پنهنجي ڪراچيءَ وارن فليٽن کان تمام وڏا ۽ خاص ڪري انهن جا صحن تہ بلڪل بنگلن جيان ٿي لڳا جن ۾ تمام گهڻي تعداد ۾ ڪونڊين ۾ گل رکيل نظر آيا ۽ ايئن چڱو خاصو پارڪ ٿي لڳو. ڪن ڪن جڳهين جي ڇتين تي صرف لان نظر آئي. بلڪل ايئن جيئن پاڻ وٽ بنگلن ۾ نظر اچي.ا سان انهن منظرن جا ڪافي فوٽا بہ ڪڍيا. آئون باٿ روم ۾ ويس تہ باٿ روم ڪمري کان بہ وڌيڪ خوبصورت ٿي لڳو. باٿ روم ۾ بہ هر سهوليت سان گڏ فون. ڪارپيٽ. ڪموڊ جي ڊڪ ۽ فليش جي مٿئين حصي تي ڳاڙهو ويليٽ ڪپڙو لڳل هو جنهن جي وچ ۾ سنهري گل سبيل هئا. باٿ روم سڄو خوشبوءِ ٿيو پيو هو. باٿ روم ۾ ننڍا وڏا ست اٺ ٽوال رکيل هئا. پنجن ڇهن جڳهين تي صابڻ رکيل هو. هڪ جوڙو سليپنگ سوٽ جو ۽ هڪ عدد چمپل رکيل. شيمپو باڊي لوشن. ڪريم. آفٽر شيونگ ڪريم ۽ پرفيوم جون ڪنئين ننڍيون ننڍيون شيشيون جيڪي هر روز ڪمري جي صفائي جي وقت استعمال ٿيل ڪڻي وري نيون رکي ڇڏين. جي ڪمري ڇڏڻ مهل صابڻ ۽ اهي شيشيون کڻون تہ هوٽل وارن کي ڪو بہ اعتراض ڪونهي ڇو تہ ڪمري جي مسواڙ ۾ اهي شيون شامل آهن. آئون باٿ روم کان ٻاهر آيس تہ هڪ تمام سهڻي نفيس وڻندڙ شيشي جي فروٽ داني ۾ اسٽرابيريءَ ۽ رس بري پنن سميت سينٽرل ٽيبل تي رکيا هئا. جيڪي کائڻ کان وڌيڪ ڏسڻ ۾ سنا لڳي رهيا هئا. اسان بہ ايئن ڪيو. منا اجان بستري تي ليٽي پئي هئي. مون ڪافي پيتي، ٿوريءَ دير

ڪان پوءِ فرخ فون ڪئي تہ شام جو ڇا پروگرام آهي. مون ڪيس چيو تہ ڪمري تہ اچو تہ پروگرام ناهيون. ٿوري ئي دير ۾ نور ۽ فرخ بہ اچي ويا اوتري ۾ منا بہ تيار ٿي وئي. اسان هوٽل جي رسيپشن تي چابي ڏئي ٻاهر روڊ تي پنڌ ئي پنڌ نڪري پياسين. پئرس جو شهر ڪيترن ئي وارڊن ۾ ورهايل آهي. جنهن کي پئرس وارا چون "اراندسمينتن". اسان جي هوٽل جنهن علائقي ۾ آهي انهيءَ علائقي جو نالو اوپيرا گارنيئر/پگال Opera garnier/ pigalle g.e آهي. موجوده حڪومت هن علائقي جي سُڌاري ۽ ترقي لاءِ تمام گهڻيون ڪوششون ڪيون آهن. جنهن ڪري هاڻ هي علائقو جيڪو اڳ ۾ اهڙو خوبصورت ۽ سهڻو نہ لڳندو هو. سو هاڻ پئي سڄي شهر جي سونهن سوڀيا وانگر ئي لڳي ٿو ۽ خاص ڪري گارنيئر اوپيرا جي ڪري تہ هي علائقو ڏاڍو مشهور ٿي ويو آهي. جت سڄو وقت رونقون لڳيون پيون آهن. هن اراندسمينتن يا علائقي ۾ رهائش جون هوٽلون، ڪاڏي جا ريسٽورانٽ، ڪلبون، مارڪيٽون ۽ ٿيٽر جام آهن. توهان جو هر ڪم هٽ روڊ تي هلندي آسان ٿي ويندو. ڳالهائڻو تہ توهان کي ئي آهي. ٻيو نہ تہ بہ صرف بہ ٽي لفظ ئي ڪوڙ آهن. يعني You are free پر مشڪندي، توهان اهو دل مان ڪٿڪوئي لاهي ڇڏيو تہ توهان کي ڪو اهو بہ جواب ملندو تہ آئون ڪا اهڙي تهڙي آهيان ڇا؟ جي ها تہ وڏو ٺهڪ ڏئي ٻيهي رهندي. جي نہ تہ پوءِ هلندي هلندي ڪنڌ ناڪار ۾ لوڏيندي هلي ويندي. ٻيو ٿيو خير، يا دل ئي دل ۾ چوندي ويندي تہ.

مڪڙا تيري پيار دارنگ نهين چڪڙا

ڪمري تان فون ڪري گهرائڻ جي مقابلي ۾ هي رستي هلندي نسخو آسان ۽ تمام سهانگو آهي.

يہ اندر کي بات هي

سو مهرباني ڪري جيسين پئرس پهچو تيستائين هي نسخو دل ئي دل ۾ هجي تہ بهتر. هلندي هلندي فرخ فرمائش ڪئي تہ اڄ ڪنهن انڊين ريسٽورانٽ ۾ ڊنر ڪجي تہ بهتر، سچ تہ اڄ منهنجو بہ اهو پروگرام هو تہ ڪنهن انڊين هوٽل ۾ ماني کائجي. سو فرخ جي فرمائش تي ها ڪرڻ ۾ دير ئي ڪا نہ ڪيم. پر مسئلو هو تہ هاڻ انڊين هوٽل کي ڳوليون ڪٿي. پر يڪدم ياد اچي ويو تہ بہ ٽي سال اڳ جڏهن آئون اڪيلو پئرس آيو هوس تڏهن بہ هن ئي هوٽل ۾ رهيو هوس ۽ هن علائقي ۾ ڪنهن انڊين هوٽل ۾ کاڌو کاڌم، ذهن تي زور ڏيڻ جي باوجود بہ هوٽل جو نالو ياد نہ آيم. هاڻ ڇا ڪجي رهائش جي هوٽل بہ ڇڏي آياسين. هٽ روڊن رستن تي انگريزي ڳالهائيندڙ ماڻهو ايئن ملن جيئن لنڊن ۾ فرينچ ڳالهائيندڙ سو ڪجي ڇا! نيٺ پري کان هڪ ميٽرو اسٽيشن يا انڊر گرائونڊ جو بورڊ نظر آيو. اندر گهڙي فقط بہ لفظ ڳالهايم يعني انڊين ريسٽورانٽ، وينل همراهہ ڪنڌ مٿي ڪٽي اسان ۾ نهاريو ۽ وري بہ اسان اهي لفظ ورجايا. انڊين ريسٽورانٽ، همراهہ کي ڪجهہ ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي ۽ سوچ ۾ پئجي ويو. نيٺ سوچيندي سوچيندي هٿن جي اشارن سان سمجهائڻ لڳو. جنهن مان اندازو ٿيو تہ هت ئي ڪٿي ارد گرد ڪا انڊين ريسٽورانٽ آهي. اسان ڪنڌ لوڏي سندس ٿورو مڃيندي ميٽرو اسٽيشن کان نڪري هن جي اشارن واريءَ ٻوليءَ تي غور ڪندي اڳيان هلڻ لڳاسين تہ پري کان هڪ بورڊ نظر آيو. جنهن تي عربي ۾ لکيل جهانگير فندق، فرينچ ٻوليءَ ۾ بہ ڪجهہ لکيل هو پر اسان جي سمجهہ ۾ پڙهڻ کان ڳالهہ زور هئي. بورڊ تي تير جو نشان بہ لڳل هو. هوٽل مين روڊ تي نہ پر گهٽيءَ ۾ هئي. اسان هوٽل جو دروازو کولي اندر وياسين تہ اسان کي انڊين هوٽل ئي لڳي. هوٽل لنڊن جي اهڙين هوٽلن کان

ڳُشادي ۾ تمام ويل ڊيڪوريٽڊ هئي. ڪرسين تي ويهڻ شرط هڪ همراهہ مينو سان اچي حاضر ٿيو. ڪنڌ سان سلام ڪري چار تمام خوبصورت ڪاڏي جا مينو ڪٽي اڳيان رکيائين ۽ پاڻ سواءِ ڪجهہ بہ وڏيڪ ڳالهائڻ جي واپس هليو ويو. اسان ون ڊش حساب سان ماني جو آرڊر لکايو ۽ ڪيرٽيءَ جو آرڊر پڻ ڏنو. نور ۽ فرخ دال ۽ ڪابلي پلاءُ جو بہ آرڊر ڏنو اسان سمجهيو تہ ماني ٿوري ايندي پر جڏهن ماني آئي تہ سمجهيوسين تہ هيءَ هيتري ساري ماني ڪائيندو ڪير. پر ماني ايڏي لذيذ هئي جو دل ئي دل ۾ پئي سوچيم تہ پيو نہ تہ بہ ڪيرٽي تہ وري بہ گهرائجي. ڪيرٽيءَ ۾ فروٽن جا ڪيترائي قسم، مٺان ٿورو آئس ڪريم ۽ آئس ڪريم جي چوٽيءَ مٿان هڪ ڳاڙهي اسٽرابري، مانيءَ ڪائڻ جو مزو اچي ويو پر جڏهن بل ڏنم تڏهن ڪاڏي جي مزي ڪان وڏيڪ بل ڳرو محسوس ٿيو. پئرس ۾ رڳو ڪنهن شيءِ تي هٿ رکڻ جي دير آهي. ڪيسا خالي. هوٽل ۾ جيتري دير وينا هئاسين تہ صرف اسين ئي هئاسين پيو مڙئي ٿيو خير. اسان بل ڏئي ٻاهر نڪتاسين تہ نور ۽ فرخ چيو تہ اسان ايفل ٽاور ۽ پيو شهر جو چڪر لڳائي پوءِ ٽا اچون. هو ميٽرو ۾ چڙهي اوڏنهين هليا ويا. اسان پنڌ ئي پنڌ واڪ ڪندا اچي پنهنجي هوٽل تي پهتاسين جت فرينچ ملوڪڙيءَ ڪان چاٻيون وٺي اچي ڪمري تي آرامي ٿياسين. منا ڪجهہ وقت تي وي ڏٺي ۽ مون هوٽل جي ڪيٽن منجهہ رکيل بہ ٽي رسالا ڪيدي ڏٺا. انهن ۾ هڪ انگلش مئگزين بہ هئي. جنهن ۾ فرانس بابت ڪافي مواد هو ۽ منجهس ڪافي فوٽا بہ هئا جنهن ڪان پوءِ بہ ٽي ڪلاڪ هيترن ڏينهن واري ٿوٽر جا ڪجهہ نوٽس بہ لکيم. ننڊ جي ٻانهن ۾ ڪيڏي مهل سمهي پيس خبر ئي نہ پئي. قرآن شريف جي دور جي منڙي آواز تي جاڳ ٿي. اجان صبح سوير هئي تنهن ڪري بستري تي ئي ليٽيو پيو هوس. انهيءَ انتظار ۾ تہ مِنا ڪلام پاڪ جي تلاوت پوري ڪري تہ ٻاهر واڪ تي وڃون. هوٽل جي دري کوليم تہ ٿڌي هوا محسوس ٿي ۽ دري يڪدم ڪٽي بند ڪيم. مِنا دور پورو ڪيو تہ اسان هوٽل تان هيٺ لهي پئرس جي فٽ پاٿن تي ٿورو تيز هلڻ لڳاسين. ڪافي تعداد ۾ فرينچ مرد ۽ عورتون بہ واڪ ڪري رهيا هئا. اڄڪلهہ جي دنيا ۾ سني ۾ سني ورزش واڪ ڪرڻ ئي آهي ۽ انگريزي ۾ چوٽي آهي تہ :

If exercise could be packed in a pill it would be the single most widely prescribed and beneficial medince in the world.

Regular excrise reduces the risk of (1) heart attack (2) obesity (3) stress (4) blood pressure (5) some kinds of cancer (6) high cloestrol (7) anxiety and increases (1) self confedence (2) Sex (3) Better mood (4) Memory and (5) Correct posture.

پر واڪ اهڙي نموني سان ڪجي جو 20 منٽن ۾ هڪ ميل پورو ٿئي ۽ واڪ ڪرڻ ۾ اهو بہ خيال ڪجي تہ پير پورو زمين تي لڳي، ڪي ماڻهو اهڙي نموني واڪ ڪن جو پير جي ڪُڙي زمين تي مس لڳي. اهو طريقو صحيح نہ آهي. هفتي ۾ پنج ڏينهن اڌ ڪلاڪ يا هفتي ۾ ٽي ڏينهن هڪ ڪلاڪ واڪ يا ورزش ڪري. اهو هر عام ماڻهوءَ لاءِ آمريڪن هارٽ ايسوسيئيشن American heart Association منظور ڪيو آهي جيڪو توهان انٽرنيٽ تي بہ ڏسي سگهو ٿا پر جيڪڏهن ڪا آرزو يا بيماري آهي تہ پنهنجي ڊاڪٽر سان مشورو ڪرڻ گهرجي. ان جي مشوري ڪانسواءِ واڪ نہ ڪجي.

اسان تيز تيز هلندا ڪافي اڳتي نڪري وياسين. اسان جي ڪابي طرف هڪ تمام خوبصورت ڍنڍ هئي. جنهن ۾ هن وقت به ڪجهه ماڻهو ٻيڙين ۾ گهمي رهيا آهن. ماڻهو ٻيڙيون خود پيا هلائين. اسان کين ڏسندي ڏسندي وڌي رهيا آهيون. ڪٿ ڪٿ سهڻا پارڪ به نظر اچي رهيا آهن. جت خوبصورت جانور ٽينگ ٽپا ڏئي رانديون ڪري رهيا آهن. ڍنڍ جي ڪپرن جي پرسان وڻن تي وينل پکي سهڻا سهڻا ٻول ٻولي رهيا آهن. روڊن ۽ رستن تي سانت لڳي پئي آهي. تمام ٿوري ٽرئفڪ هلي رهي آهي. انسان جي هن بي پناهه ترقيءَ انسان کي ڪٿان ڪان ڪٿ وڃي پهچايو آهي. جو اسان پاڪستان جي ڳوٺڙي جا رهواسي پئرس جي گهٽين ۾ واڪ پيا ڪريون . هوائي جهاز جي ايجاد کان اڳ اهو سوچڻ به ناممڪن هو پر هاڻ ته ٻڌون پيا ته خلا ۾ به هوٽلون پيون کُلن جن تي خلائي شٽل ذريعي پهچبو. ماڻهو تمام وڏيون عمريون ماڻيندا. سپر ڪنڪارڊ جهاز نهڻ ڪان پوءِ ڏينهن جا سفر ڪلاڪن ۾ ۽ ڪلاڪن جا سفر منٽن م پورا ٿيندا. الائي ڪير. خوشنصيب اهو سڀ ڪجهه ڏسندا. شل اسان به ڏسون.

اسان پئرس جي فوٽ پاٿن تان هلندا هلندا اچي پنهنجي هوٽل تي پهتاسين. تيار ٿي هيٺ ڊائينگ هال ۾ آياسين ته سياحن جو چڱو خاصو ڇهچٽو لڳو پيو هو. انهن مان ڪافي تعداد ۾ ناشتو ڪري رهيا هئا ته ڪي وري پاڻ ۾ گپ شپ ڪري رهيا هئا ۽ ڪي انهيءَ انتظار ۾ هئا ته پلي رش گهٽجي ته پوءِ ناشتو ڪريون. آئون جڏهن پليٽ کڻي رهيو هوس ته انهيءَ ڪئنيڊين جوڙي جنهن سان نيس ۾ ملاقات ٿي هئي. تنهن ڊائيننگ ٽيبل ڏانهن اشارو ڪري ٻڌايو ته فلاڻي ڊبل روٽي ضرور کڻجو. هيءَ پئرس جي خاص سوکڙي آهي. اسان سندس شڪريو ادا ڪيو پر اهو ڪو نه ٻڌايومناس ته آئون اڳ به پئرس اچي چڪو آهيان ۽ اهي ڊبل روٽيون اڳ ۾ به کاڌيون اٿم. اسان ڊائيننگ ٽيبل تان ناشتو کڻي وڃي پاسيرا ٿي ويهي رهياسين ته نور ۽ فرخ به پهچي ويا ۽ ناشتو پليٽن ۾ کڻي اچي گڏ ويٺا. مون کين چيو ته پئرس ۾ پاڻ وٽ گهمڻ لاءِ سڄا سارا ٽي ڏينهن پيا آهن. هڪ ته هي ٽوئر وارا گهمائيندا ٻيو ته پاڻ کي به پنهنجي ليکي پئرس شهر گهمڻو آهي. انهيءَ لاءِ پاڻ کي سڄو پروگرام اڳواٽ ناهڻ گهرجي. جيئن هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين جلد جلد پهچي سگهون. پاڻ چئون ته اسان کي ٻن ٽن جڳهين ڪان سواءِ ٻي ڪا به خبر ڪانهي. اهو سڀ ڪجهه توهان تي آهي. چو ته پئرس توهان اڳ به اچي چڪا آهيو. ڳالهين ڪندي ناشتو ڪري ورتوسين. نور ۽ فرخ ڪافيءَ جو وڏو مگ پري کڻي آيا جيڪو پيتوسين. اسان ناشتي ڪان واندا ٿي هيٺ آياسين ته ڪافي بسون ۽ سياح پنهنجين پنهنجين بسن ۾ هلڻ لاءِ تيار بيٺا هئا. اسان به اچي پنهنجي بس جي ويجها ٿي بيناسين. جت اسان جي ٽوئر گروپ وارا ڪجهه سياح اڳ ۾ ئي بيٺا هئا. اسان ساڻن هيلو هيلو ڪندا وڃي بس اندر پنهنجي سيٽ نمبرن تي ويناسين. بس ڪان ٻاهر بيٺلن مان چند سگريٽ پي رهيا هئا. اڄ ڪلهه يورپ، آمريڪا ۽ جپان ۾ ماڻهو سگريٽ تمام ٿوري تعداد ۾ پيئن. انهن ملڪن ۾ هوائي جهاز وانگر توهان کي هر جڳهه هوٽل، ايئرپورٽ ۽ آفيس ۾ نو سموڪي جڳهه نظر ايندي جت توهان آرام سان ويهي سگهو ٿا.

پاڻ وٽ سگريٽ پيئندڙ ٻئي نہ سگريٽ پيئندڙ جو ڪو خيال ئي ڪو نہ ڪري، هونئن بہ اسان جي معاشري ۾ رواداري ۽ سهپ گهٽ آهي. اسان عورت ۽ ٻارن جو بہ جائز احترام ڪو نہ ٿا ڪريون. جڏهن تہ معاشرو اخلاقيات ۽ مذهب انهن ڳالهين لاءِ خاص هدايت ٿو ڪري پر خبر نہ آهي ڇو اسان ايئن ڪو نہ ٿا ڪريون، ڪنهن حد تائين اسان انهن جي دل آزاري بہ ڪريون ٿا. پر يورپ ۽ جپان ۾ مون ٻارن ۽ عورتن لاءِ وڏي عزت ۽ احترام ڏٺو. ڪنهن مصروف روڊ تي سائي بتي ٻرندي بہ ڪو ٻار يا عورت غلطيءَ سان روڊ ڪراس ڪيو تہ سوين گاڏيون بيهي رهنديون. جيسين نہ اهي ٻار يا عورتون روڊ ڪراس ڪن. ڪنهن ٻار کي بيٺل اُت پوليس واري ڏٺو تہ ڪٽي يا آڱر کان وٺي روڊ ڪراس ڪرائيندو ڪيڏو نہ فرق آهي پنهنجي ۽ يورپ جي معاشري ۾، انهي جاڪوڙ مثال آهن پر توهان صرف هڪ ننڍو مثال وٺو. يعني پنهنجي ۽ يورپ جي پوليس جو. يورپ ۾ پوليس ماڻهن لاءِ هڪ پيار ۽ محبت جو احساس آهي جنهن کي هر ننڍو وڏو وڏي عزت ۽ احترام سان ڏسي. وڏا تہ ٺهيو پر ننڍڙا معصوم ٻار جڏهن صبح سوير اسڪول ايندي ويندي ڪنهن پوليس واري کي ڏسن تہ ضرور کيس سلام ڪن. انگلينڊ ۾ تہ ننڍا ٻار پوليس وارن کي پيار مان چون ئي بوبي جيڪي پڻ انهن ننڍڙن ٻارن لاءِ ٽافيون کيسن ۾ وجهيو گهمن ۽ هيلو هيلو ڪرڻ شرط يڪدم ٽافي ڪڍي ڪٽي ٻار کي ڏيندا پر انهيءَ جي مقابلي ۾ پاڻ وٽ پوليس هڪ نفرت جو احساس آهي. جنهن کي معاشري ۾ شديد نفرت سان ڏٺو ٿو وڃي. ان حد تائين جو ڪنهن فلم ۾ ڌاڙيل ۽ پوليس جو مقابلي وارو سين هوندو تہ ماڻهن جي پوليس کان وڌيڪ انهيءَ ڌاڙيل سان همدردي هوندي نہ ڪي پوليس سان، انهيءَ فلمي سين ۾ ڪنهن ڌاڙيل جي گولي سان جي ڪو پوليس وارو مري پيو تہ سڄي هال ۾ تاڙين جا ٺڪاءَ ٿي ويندا. انهيءَ مان اهو تاثر ٿو ملي تہ غريب ۽ مسڪين ماڻهوءَ کي پوليس سان تر برابر بہ همدردي ناهي. اسان جي معاشري جي قابل نفرت يعني ڌاڙيل هٿان مرندي بہ عوام کي انهن سان همدردي بدران خوشي ٿي ٿئي يعني غريب مسڪين ماڻهوءَ لاءِ مصيبت ۽ آزار ڌاڙيل نہ پر پوليس آهي. ڪيڏي نہ افسوس جو مقام آهي. منهنجو گهر شهر ۽ ٻهراڙيءَ ٻنهي هنڌ آهي پر مون ڏٺو آهي تہ شهرن جي مقابلي ۾ ٻهراڙيءَ جا ماڻهو پوليس جو شڪار وڌيڪ ٿين ٿا. هڪ تہ شهري ماڻهو پڙهيل لکيل آهن، ٻيو تہ اخبارون بہ شهري مسئلن کي وڌيڪ اهميت ڏين ٿيون.

پاڪستان ٺهڻ کي ٿيهٺ سال ٿي ويا آهن پر غريب مسڪين ٻهراڙيءَ جو عوام اڃان انهيءَ حالت مان پنهنجي جان آزاد ڪرائي نہ سگهيو آهي، نہ وري انهن جا ڪي آثار ٿا نظر اچن.

شيخ اياز پنهنجي لکڻين ۾ ٿاڻي کي گهاٽي سان تشبيح ڏني آهي. انهيءَ موضوع تي هندستان وارن "مرچ مصالحا" نالي ڏاڍي لاجواب فلم ٺاهي، سميتا پاٽيل ۽ نصير الدين شاھ انهيءَ فلم ۾ يادگار اداڪاري ڪئي آهي.

پرويز مشرف ضلعي ليول تي يونين طرز تي جيڪا ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ٺاهي اهو ڏاڍو سٺو سسٽم آهي، جيڪر يورپ وانگيان انهيءَ تي عمل ٿئي تہ عام ماڻهوءَ کي ڏاڍو سستو انصاف ملي ۽ فائدو رسي پر اهو ممڪن ناهي، ڇو تہ اسان جي ملڪ ۾ بيوروڪريسي يا نوڪر شاهي ايڏي تہ مضبوط آهي جو انهيءَ جو زور ٽوڙڻ ممڪن ئي ڪونهي. اهو صرف عوام طرفان پنهنجي جاڪوڙ سان ئي ممڪن آهي، نہ ڪنهن آمر طرفان ٺهيل قانون سان. مشرف جي وڃڻ کان پوءِ آيل

حڪومت بہ هاڻ لوڏن ۾ آهي. پر آئون پاڪستان جي معاشرتي مسئلن تي سوچيندو ڪٿان ڪان الائي ڪٿان وڃي نڪتس.

اسان ڪي اڄ ٽوئر وارن طرفان شهر جو سير ڪرائڻو هو يا سٽي ٽوئر ڪرائڻو هو. جنهن ۾ سڀ کان پهرئين ناٽرڊيم ڪئٿيڊرل ڏسڻو هو. جيڪو مون ڪيترا دفعا اڳ ۾ بہ ڏٺو آهي. اسان جي بس رستن روڊن تان ڦرندي سرندي اچي هٽ پهتي. اسان سڀ هڪ هڪ ٿي بس مان لٿاسين تہ اسان جي گائيڊ اسان کي ڪٺي هڪ مقامي فرينچ عورت گائيڊ جي حوالي ڪيو. جيڪا اسان کي ٻاهر مختصر ليڪچر ڏئي ڪئٿيڊرل اندر وٺي وئي. اندر ٻيا سياح بہ ٿوري تعداد ۾ هئا. ڪئٿيڊرل جي اندر ۽ ٻاهر مون کي ڪا بہ نواڻ محسوس نہ ٿي. اهي بئنچون، اهي ڪرسيون ناٽرڊيم گرجا گهر فرانس جي وچئين دور جي عمارت سازيءَ جو عظيم ڪارنامون آهي. هن عمارت جون پوري ناسي پٿر مان ٺهيل پٿيون وچئين دور ۾ پئرس جي طاقت ۽ عظمت جي علامت طور موجود آهن. هيءَ گرجا گهر جيڪو 1163ع ۾ قائم ٿيو هڪ قومي اثاثو آهي، صبح ۽ شام جي وقت جڏهن هن جو عڪس سين نديءَ ۾ ڏسجي ٿو ان وقت هي گرجا چمڪڻ لڳي ٿو. هي گرجا دنيا جي مشهور گرجا گهرن ۾ مکيہ حيثيت رکي ٿو ۽ گذريل ڇهن صدين دوران گوٿڪ فن جي ڪمال جي علامت طور موجود آهي. اندر جي پيٽ ۾ عمارت جي ٻاهرئين طرز تعمير وڏيڪ دلچسپيءَ جي حامل آهي. گهڙيل رنگين پٿر سان عمارت جي اڏاوت نديءَ جي ڪپ تان موسيقيءَ جي مڌرتا وانگر لطيف ۽ حسين لڳي ٿي. کاٻي طرف چورس دالان وٽان تيرهين صديءَ ۾ ٺهيل گيٽ جن تي مجسما تراشيل آهن، مثلث جي صورت ۾ موجود آهن. ڪنواريءَ ماءُ واري گيٽ تي فلڪياتي جسمن يعني نڪتن ۽ ڪنواريءَ ماءَ جي تاجپوشيءَ جي اُڪر ٿيل آهي. آخري فتويٰ واري گيٽ جي سنگتراشي ٽن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪڙي حصي ۾ متفرق عقيدن جي نقاشي آهي، ٻئي حصي ۾ مسيح عليہ السلام ۽ سندس مکيہ پوئلڳ Apostles ڏيکاريل آهن. ٽئين حصي ۾ يسوع عليہ السلام وري جيئرو ٿي ڪافرن تي فتح حاصل ڪيل نظر اچي رهيو آهي. ساڄي طرف سينٽ ايني Saint Anne جو گيٽ آهي. جنهن تي ڪنواري ماءُ ٻار سميت تخت نشين ڏيکاريل آهي.

وچئين گيٽ جي مٿان هڪ شاهي دري ٺهيل آهي. انهيءَ ۾ هڪڙو شاهي شوڪيس فٽ ٿيل آهي. انهيءَ شيشي جي ڪبٽ ۾ ڪنواري ماءُ ۽ ٻار جو مجسمو رکيل آهي.

ڪلوئسٽر گيٽ تي ڪنواري جي ڳنڀير ۽ اداس شبيهہ ٺهيل آهي. سندس هنج ۾ قتل ٿيل ٻار ڏيکاريل آهي. ٻار جي ڳچي ڪپيل آهي. ڪنواري ماءُ جو مجسمو اصل ۾ تيرهين صديءَ جو گهڙيل آهي. سج لهڻ مهل گرجا اندر گهمڻ وٽان آهي. اترين پاسي واري گئلريءَ ۾ ٺهيل North rose window تيرهين صديءَ جي بهترين شاهڪار آهي. اندريون حصو گوٿڪ فن عمارت سازيءَ جي علامت ڪالمن يا پيلرن تي مشتمل آهي. انهن تي مقدس بائيبل جي واقعن جا نظارا پٿر تي تراشيل آهن. ممبر جي ويجهو ڪنواري ماءُ ۽ ٻار ڏيکاريل آهن. جيڪي پرسڪون نظر اچن ٿا. گرجا جي مال خاني ۾ شاهي تاجن سميت سون ۽ ٻيو قيمتي سامان رکيل آهي. هن گرجا گهر کي اهو خاص اعزاز بہ حاصل آهي تہ هتي اصلي صليب ۽ ڪنڊن وارو تاج بہ موجود آهي.

وڪٽر هيوگو جا لافاني بنايل ڦوهارا ڏسڻ لاءِ جاڙڙ ٽاورن تي چڙهبو جيڪي 225 فٽ اوچا آهن.

اتان ڪان ڪيترن پوٽرن، پريتن، ڏاڏين ۽ شڪار ڪندڙ پکين جون تصويرون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. گرجا گهر جي پويان باغ ۾ انهن شهيدن جو يادگار ٺهيل آهي، جن کي ٻي عالمي لڙائيءَ دوران آسڪوترAschwitz ۽ بُڇين ورلڊ Buchen world تشدد جي ڪيمپن ۾ ماريو ويو هو. انهيءَ يادگار تي رت واري ڳاڙهي رنگ ۾ هيٺيان لفظ لکيل هئا. Forgive, But donot forget يعني معاف ڪيو مگر نہ وساريو جنهن کان پوءِ اسان هوٽل ترائيٽن محل ڏسڻ وياسين. لوئس چوڏهين جي دور حڪومت ۾ هن محل جي اڏاوت جي خرچ سبب فرانس جي خزاني جو ڏيوالو نڪري ويو. ٿي سگهي ٿو تہ هن عمارت جي شان شوڪت جو ڏاڪو اڃا وڌيڪ وقت ڄميل رهي.

ورسيلس وارو تاريخي امن معاهدو سن 1919ع ۾ هن عمارت ۾ صحيح ڪيو ويو جڏهن هتي وڊرولسن لارڊ جارج، جارجس ڪليمينسيو ۽ اٽلي ۽ بيلجم جا قومي اڳواڻ اچي ڪٺا ٿيا هئا. ڪلاسيڪي فن تعمير جي نقشي ۽ شاهاڻي جاه ۽ جمال سان اڏيل هيءَ عمارت پنج ايڪڙ زمين تي پوکيل باغ ۾ واقع آهي. هاٽوڪن جپاني مالڪن 60 ملين ڊالرن جي خرچ سان هن عمارت کي هوٽل طور چالو ڪيو آهي. توهان محل يا ٻي عمارت جيڪا باغ کان ٻاهر اڏيل آهي انهيءَ ۾ رهي سگهو ٿا.

محل ۽ هوٽل جي اها عمارت زير زمين سرنگهہ Under ground Tunnelوسيلي ڳنڍيل آهي، پراڻي توڙي نئين طرز جا ڪمرا موجود آهن، پر جپاني طرز جا ڪمرا آرائش توڙي لطف ۾ بيمثال آهن. طعام تفريح توڙي مختلف خدمتون جيڪي توهان کي پئرس جي وڏين هوٽلن ۾ نصيب ٿين. سي سڀ سهوليتون هت هر وقت مُيسر آهن. صرف ريسپيشن تي هڪ فون ڪرڻ جي دير آهي. انهن سڀني سهولتن جي ڄاڻ لاءِ عرض آهي تہ فون جي هيٺان رکيل خاني کي کوليو تہ ڪيترا سارا ڪتاب پيا آهن جن جي پڙهڻ سان هر ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويندي. جنهن ۾ فون نمبر، فوٽا ۽ ٻي سڀ معلومات لکيل آهي. توهان سڌي طرح هوٽل مان يا ٻاهران بہ انهن سان فون تي ڳالهائي سگهو ٿا. اسان ٽوئر گروپ ۾ هئاسين نہ تہ هوٽل گهمائڻ تہ پري پر اندر داخل بہ ٿيڻ نہ ڏين. جي اهڙي هوٽل ۾ ماڻهو رهي تہ جاپاني طرز ڪمرن ۾ رهي خاص ڪري اهي ڪمرا جن ۾ پٽ تي سمهبو آهي. جنهن کي جپان ۾ چون رائيوڪان Royokan جنهن ۾ ڪمري ۾ هيٺ پٽ تي سمهبو آهي ۽ ڪمري ۾ اندر چمپل يا جُتيءَ سان ڪو نہ وڃبو آهي. جُتو ڪمري کان ٻاهر لاهي ڇڏبو. جپاني طرز ڪمري ۾ صبح ۽ رات جي ماني جا پيسا بہ ڪمري جي مسواڙ ۾ شامل هوندا آهن ۽ ماني بہ جپاني ملندي آهي، اهو بہ مزو وٺڻ گهرجي. آئون جڏهن ٽوڪيو ويو هوس تڏهن اهڙي هڪ ڪمري ۾ رهيو هوس.

فرانس جو اهو علائقو جنهن ۾ هي محل نما هوٽل ۽ ناٽرڊيم ڪٿيڊرل آهن. تنهن کي هت فرانس ۾ سينٽ لوئس ۽ بيو برگ Ue_ Saint Louis and Beau boarg چون. هن علائقي ۾ سياحن لاءِ هر شيءِ موجود آهي. هي شهر جو قديم ترين علائقو آهي. ڪنهن دور ۾ هي علائقو شانزلي زي وانگر پئرس جي دل هو پر هينئر بہ شهر جو مک حسين ترين علائقو آهي. سينٽ چئپل ۽ سينٽ لوئيس واري ٻيٽاري بہ هن وارڊ ۾ آهي. پئرس شهر جي پکين ۽ گلن جو مرڪز بہ هي علائقو آهي. انهن ٻنهين جنسن جو هت وڏي پئماني تي واپار ٿئي ٿو. پئرس جا بہ مک مرڪز يعني جارج پامپيڊو واسڪوائر ۽ وڪٽر هيوگو اسڪوائر پڻ هن علائقي ۾ آهن. اميراڻي طرز ۽ راندين جا وڏا وڏا گرائونڊ بہ هن علائقي

۾ آهن. اسان هن عظيم هوٽل مان نڪري سامهون هڪ وڏي واپاري مرڪز ۾ گهمڻ لاءِ وياسين. هت جمعا بازار وانگر ڪنئين بازارون لڳل آهن. پرسا ن هڪ وڏو تلاءُ آهي، جنهن ۾ ننڍڙا ٻار پلاسٽڪ بوٽس ۾ چڙهي رانديون رونديون ڪري رهيا آهن. اسان هت پين سياحن وانگر پيل بئنچن تي ڪجهه دير لاءِ ويهي رهياسين. ڏاڍو خوبصورت منظر هو هتان کان پوءِ اسان جي ٻي منزل ايفل ٽاور آهي. اسان جي بس وڏي چوڪ تان ڦري درياءَ سين ڪراس ڪري مين روڊ تي چڙهي ايفل ٽاور ڏانهن وڃي رهي آهي. هن علائقي ۾ فرينچ آرمي جون آفيسون آهن، جت ڪجهه آرميءَ وارا نظر آيا. آرمي هيڊ ڪوارٽر تي فرينچ اڇو، ڳاڙهو ۽ بلو رنگ جو قومي جهنڊو نه پر شايد آرمي وارن جو جهنڊو لڳل آهي. جنهن جي مون کي خبر ڪانهي. پئرس جي رستن تي هلندي هلندي نيٺ اسان جي بس منزل مقصود ايفل ٽاور وٽ اچي بيٺي. ايفل ٽاور جي چوگرد بس اسٽينڊ ۽ وڏا وڏا پارڪ آهن. جت سون جي تعداد ۾ بسون ۽ هزارن جي تعداد ۾ سياح هر هنڌ گهمي ڦري کائي پي، فلمون پري ۽ فوٽا ڪڍي رهيا آهن. نور ۽ فرخ رات به هت گهمڻ آيا هئا. باقي منا هت پهريون ڀيرو آئي آهي. آئون اڳي ايفل ٽاور گهمي ويو آهيان. هر انسان جي اها تمنا هوندي آهي ته پئرس گهمان. پئرس پهچڻ کان پوءِ هر سياح جي آرزو هوندي آهي ته ايفل ٽاور، ناٽرڊيم چرچ، لوور عجائب گهر، يورو ڊزني، ورسيلس ۽ شانزلي زي ڏسان ۽ واقعي اها ئي ته پئرس آهي. انهيءَ ۾ به جيڪي سياح هفتو ڪن رهن سي ته سڀ ڪجهه آرام سان ڏسن پر جيڪي هڪ يا ٻه ڏينهن اسان وانگر رهن. تن کي ته ڪڙين تي زور رکي سواءِ هڪ منٽ به ضايع ڪرڻ جي، شهر جي انهيءَ تاريخي ماڳن مڪانن کي گهمڻو آهي. پئرس هوڻ به ڪورو جي سيج آهي.

اسان جي ٽوئر وارن اسان کي چيو ته هاڻ الله واهي، پاڻ وري هاڻ صبح جو هوٽل تي گڏباسين، پوءِ جا پروگرام پوءِ سان. اڄ توهان پنهنجي مرضيءَ سان گهمو ڦرو يعني خوش رهو پنهنجي خرچ تي. هميشه ايئن ٿيندو آهي. اها ڪا نئين ڳالهه ڪانهي. نور ۽ فرخ ٻڌايو ته رات هت ميلا لڳا پيا هئا. سرچ لائيٽن ۽ خود ايفل ٽاور وارين روشنين ڪري هي سڄو علائقو روشنين ۾ جرڪي رهيو هو. هن کان رات وڌيڪ رش هئي. ڄڻ ته سڄي پئرس جا ماڻهو هت کهي آيا هئا. هر طرف رنگن ۽ روشنين جي چمڪ ۽ نور ورڪا نظر اچي رهي هئي. هر چهرو انهيءَ روشنيءَ ۾ ٻهڪي رهيو هو. هي هڪ روح پرور نظارو هو. جيڪو لفظن ۾ بيان ڪرڻ ته ممڪن ئي ڪونهي. هينئر ته اها ڳالهه ئي ڪانهي. مون اڳ به ايفل ٽاور ڏينهن جو ڏٺو هو. ٽاور تي مٿي چڙهڻ لاءِ ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ لائينون لڳيون پيون هيون جن جو نڪو هو آر نڪو پار سڄي ٽوئر ۾ ٽڪيٽن جو بندوبست ٽوئر وارا ڪن، پر هت اسان کي ٽڪيٽ وٺڻي هئي. سو سڀ آسرا لاهي لائين ۾ بيهي رهياسين. لائين تمام وڏي هئي پر لائين ڪٽڻ ۾ دير ئي ڪا نه ٿي. هونئن به يورپ ۾ سياحن جي ٻي پناهه رش آهي ۽ انهن ملڪن جي ماڻهن کي انهيءَ جو احساس آهي. تنهنڪري هنن سياحن جي سهوليتن لاءِ اهڙا ته بندوبست ڪيا آهن جو دير نٿي ٿئي. اڪ چنپ ۾ ڪم ٿيو وڃي. جي ايئن نه ڪن ته وري ڪير ايندو پنهنجو پيسو ۽ وقت ضايع ڪرڻ. هنن ملڪن جو جياپو ئي سياحن ۽ سيلانين ۽ پنهنجي تعليمي ادارن جي ڪمائي تي آهي. يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن جي مقابلي ۾ اسان جي ملڪ ۾ ڪنئين جڳهيون وڌيڪ پرڪشش ۽ حسين آهن. جن ۾ اسڪردو، سوات ۽ مري هلس، يورين پٽرايانا ۽ ڪراچي شامل آهن. ڪراچيءَ تي پرويز مشرف

حڪومت تمام گهڻو پئسو خرچ ڪيو. جنهن ۾ ڪراچي بيچ تي سمنڊ جي ڪنارن تي سرچ لائيٽون، قائداعظم جو مقبرو، شهر جا روڊ رستا. فلاءِ اوورس انڊر پاس ۽ پارڪ شامل آهن. اسان ٽڪيٽ وٺي وري بہ مٿي وڃڻ واري لائين ۾ اچي بيناسين.

لنڊن ٽاور، ٽوڪيو ٽاور ۽ پيزا واري ٽاور کان سواءِ ايفل ٽاور بہ دنيا ۾ مشهور آهي. هي ٽاور ست هزار ٽن فولاد سان تعمير ڪيو ويو ۽ انهيءَ وقت هن کي هميشہ قائم رهڻ لاءِ ڪو نہ اڏيائون. هڪ ماهر معمار مسٽر گستو اليگزينڊر ايفل 1889ع ۾ عالمي نمائش لڳائڻ خاطر هي ٽاور جو ڙيو. هي انجنيئر هن کان اڳ فقط درياهن جون پُليون اڏڻ ۾ مشهور هو پر اتفاقي طور تي آمريڪي آزادي واري مجسمي جي ڊزائين بہ مسٽر ايفل ٺاهي هئي.

هي ٽاور تي وي اينٽينا سميت (جيڪا 55 فوٽ ڊگهي آهي) ڪُل هڪ هزار ڇاونجاهہ (1056) فوٽ اوچو آهي. جڏهن آسمان صاف هوندو آهي تہ هي ٽاور چاليهن ميلن جي مفاصلي وٽان ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هن ٽاور جي بناوت جي ڊزائين دنيا ۾ اهڙي طرز تعمير موجب بين ٽاورن اڏڻ لاءِ راهہ هموار ڪئي. ڪيترن ماڻهن جو خيال هو تہ هن ڊزائين موجب ٽاور ٺهي نہ سگهندو. پر ايفل اهو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو.

ڪافي سالن تائين هي ٽاور انسان جو جوڙيل سڀ کان وڌيڪ اوچو ٽاور رهندو آيو. تان جو نيٽ نيويارڪ شهر ۾ ايمپائير اسٽيٽ بلڊنگ اڏي هن ٽاور واري اوچائي جو رڪارڊ ٽوڙي اجا وڌيڪ اوچائي وارو رڪارڊ قائم ڪيو ويو. مواصلات جي وائرليس نظام سبب هن ٽاور کي تباهي کان بچايو ويو. اج ڪلهہ پيٽرو مليشيا جو ٽاور وڏو آهي، هي ٽاور ٽن مرحلن ۾ گهمي سگهجي ٿو. پهرئين طبق تي ايليويٽرن وسيلي پهچڻ سان پئرس شهر جي جڳهين جون ڇتيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هن طبق تي هڪ سئنيما، هوٽل بار ۽ هڪڙو ميوزم آهي اهي سمورا پورو سال کليل رهن ٿا.

ٻي ماڙ تي توهان کي وڌيڪ عجيب نظارا ڏسڻ ۾ ايندا. هن طبق تي لي جولس ورنيس ريسٽورانٽ آهي جتي لنچ يا ڊنر مزي سان حاصل ٿئي ٿي.

ٽئين طبق تي پهچڻ سان ماڻهو وڌيڪ حيرت ۾ ۽ خوش ٿيندو. هن طبق وٽان شهر جي مکيہ ماڳن ۽ مڪانن کي سڃاڻي سگهجي ٿو.

گرائونڊ فلور تي اوير ۽ اولهہ وارن پيلپاون ۾ اصلي ايليويٽر ڦٽل حالت ۾ ڏسڻ ۾ ايندا. اهي ايليويٽر 1889ع ۾ ٽاور ٺاهڻ وقت لڳايا ويا هئا.

لي جولس ورنس ريسٽورانٽ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ توهان کي گرائونڊ تي ڏکڻ طرف قائم هڪ خانگي ايليويٽر استعمال ڪرڻو پوندو، جنهن وسيلي توهان هڪ پيانو بار ۾ پهچندا جتي ڪجهہ ساهي کڻو ۽ هڪ بک وڌائيندڙ مشروب سان لطف اندوز بہ ٿي سگهو ٿا. ڪجهہ دير ڪانپوءِ توهان ڊائننگ روم جي ڪنهن بہ ميز وٽ وڃي ويهي سگهو ٿا، جتان روح پرور نظارو پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مندن مطابق مينو ۾ مڇي ۽ گوشت مان ٺهيل ڪنئين ايٽم تبديل ڪندا آهن. هتي رزرويشن بہ ٿئي ٿي.

پئرس جي عظمت جو قديم اهڃاڻ جنهن کي ڪروڙين سياح هر سال سڄي دنيا مان ڪهي اچي ڏسن، تنهن کي ڏسندي ڏسندي ڪنئين ڪلاڪ گذري ويا. هاڻ لوور ميوزم ۽ يورو ڊزنيءَ لاءِ وقت نہ بچيو هو ڇو تہ انهي کي ڏسڻ لاءِ بہ ڪافي وقت گهرجي سو خيال ڪيوسين تہ پئرس شهر

جي ۽ دنيا جي حسين ترين بازار Champs Elyseas جنهن کي فرانس ۾ عام زبان ۾ شانزلي زي چون، تنهن جو چڪر لڳايون سو انڊر گرائونڊ ٽيوب ۾ چڙهي شانزلي زي روانا ٿيا سين. فرانس جون ٽيوب، يورپ جي سيني انڊر گرائونڊ ريلوي اسٽيشنن کان وڏيڪ ڪشاديون، سينگاريل ۽ صاف سٿريون آهن. جنهن ۾ ڪٿ بہ گند ڪچرو نظر نہ ايندو. اسان ٿوريءَ دير ۾ شانزلي زي جي ٽيوب اسٽيشن تي لهي ٻاهر آياسين. شانزلي زي جي چوڪ جو فوٽو فرانس جي هرسجاٽپ ڪارڊ ۾ نظر ايندو. انهيءَ کي فرانس ۾ فتح چوڪ، چون Victory squre اها جڳهہ مٽي تي چار ماڙ آهي ۽ وڏين وڏين ونگن سان آرچ طرز تي ٺهيل آهي. جنهن جي ڇت تي چڙهڻ سان پئرس شهر جون ڇهہ اهم بازارون توهان اتي دوربينيءَ سان ڏاڍي سهڻي نموني ڏسي سگهو ٿا. اهڙيون دوربينيون مٿي ڇت تي چوطرف فٽ ٿيل آهن. جن جي ڪا بہ في ڪانهي. اُتي توهان انهن بازارن جي چوطرف پکڙيل رونقون ڏاڍي مزي سان ڏسي سگهو ٿا.

شانزلي زي پئرس جي تمام پراڻي بازار آهي. جنهن کي سيني حاڪمن ڏاڍي چاهہ سان هميشہ سنواريو ۽ سينگاريو آهي.

مون آمريڪا، سڄي مغربي يورپ، جپان، سينگاپور ۽ هانگ ڪانگ جون گهڻو ڪري سيئي مشهور بازارون ڪنئين دفعا ڪارن موٽرن ۽ پيرين پنڌ گهمي ڦري ڏٺيون آهن اسڪاٽ لينڊ جي پرنس اسٽريٽ، سئنفرانسڪو جي گلن واري بازار، لنڊن جي آڪسفورڊ اسٽريٽ ۽ ٽوڪيو جي گنزا بہ پنهنجي سونهن ۾ بي مثال آهن. پر شاهراہ شانزلي زي تي پوکيل وڻ ۽ گل، فٽ پاٿ جن تي فٽ پاٿي هوٽلون ۽ ماڻهن لاءِ رکيل بئنچون ۽ سڄي. دنيا مان آيل سياحن جي رنگ رونقن هن بازار کي سڄي دنيا جي سياحن جي توجهہ جو مرڪز بنائي ڇڏيو آهي. هيءَ بازار پئرس جي 8_ اي سيمينٽن ۾ آهي. هتي فتح چوڪ ۽ ڪنڪارڊ محل جي نالي پنيان ٺي فرانس جي جڳ مشهور هوائي جهازن ڪنڪارڊ ۽ سپر ڪنڪارڊ جو نالو رکيو ويو آهي.

سڄي پئرس جون سٺي ۾ سٺيون هوٽلون، ريسٽورانٽ، مارڪيٽون، سپر مارڪيٽون، فيشن جون مک بازارون، پئرس جي هن ٺي اتر واري شاهراهہ شانزلي زي ۾ آهن جت سڄو ڏينهن رنگينيون ۽ روشنيون پکڙيون پيون آهن. پئرس سڄي دنيا ۾ سهڻو شهر آهي ۽ هيءَ بازار پئرس شهر جي سونهن جو مرڪز آهي. جيڪو سياح پئرس اچي ۽ هيءَ بازار نہ ڏسي معنيٰ تہ هن پئرس ڏٺي ٺي ڪا نہ۔ اسان ڪلاڪ کن پنڌ ٺي پنڌ هت چڪر لڳايا جنهن کان پوءِ بئنچن تي ويهي هر ايندڙ ويندڙ کي ڏسندا رهياسين.

اسان لڊو سرڪس جي پرسان مئڪڊونلڊ وارن جي هڪ ڏاڍي سهڻي هوٽل تي ڪجهہ کاڌو پيتو. زندگيءَ ۾ ڪافي جڳهيون ۽ بندر بازار اهڙا بہ هوندا آهن، جيڪي وسرندا ٺي ڪو نہ آهن. شانزلي زي بہ انهن مان هڪ آهي. واقعي جهڙي ٻڌيسين تهڙي ڏٺيسين. پئرس دنيا ۾ سياحت جو سڀ کان وڏو مرڪز آهي ۽ گذريل سال بہ ان ۾ هميشہ جيئن واڌارو ٿيو آهي.

جيتوڻيڪ شهر جي نئين عمارتن جي مرمت جي تہ ڪا نشاني ڏسڻ ۾ نٿي اچي پر صفائي جي روايتي مهم جنهن ۾ لوورميوزم ناٽرڊيم، چرچ ۽ آپيرا ٿيٽر جي صفائي سبب شهر جي رونق ۾ اضافو بيشڪ ٿئي ٿو. هر شوق ۽ مزاج جا ماڻهو هت ۾ هٿ ڏيئي گهمندا ڦرندا، ٻار راند روند ۾ مصروف، ڪاڏي

پيتي جي هوٽلن وغيره ۾ ماڻهن جي ڪل خوشي گپ شپ ۽ ڪلبن ۾ راڳ ناچ وغيره. هن وقت بہ پئرس ۾ اڳي ڪان وڌيڪ ميوزم، ڪلب ۽ ٻيا باعث ڪشش لوازمات گهڻي مقدار ۾ موجود آهن. هن ڪان اڳ ۾ ايترا وڏا بين الاقوامي شهرت يافتہ هوٽل ۽ ڪلب هيڏي وڏي تعداد ۾ ڪو نہ هئا. اڄ پئرس جا ماڻهو اڳي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سچائي سان توهان جي آجيان ڪن ٿا ۽ پنهنجي گذر جو مدار توهان تي رکن ٿا. پئرس اچي زندگيءَ جي خوشيءَ ۽ لطف کي ماڻي سگهو ٿا. جنهن بابت پئرس جي عظمت جو علمبردار هر شخص توهان کي يقين ڏياريندو تہ هتي حاصل ٿيندڙ خوشي، سڪون ۽ لطف آمريڪا، لنڊن ۽ اٽليءَ ۾ هرگز ڪو نہ ليندو. اها ڳالهہ اٽليءَ، آمريڪا ۽ لنڊن وارا تہ يقينن ڪو نہ مڃيندا پر اها حقيقت آهي. ناپسند ڳالهين کي تاريخ جي صفحن مان ڦاڙي نہ ٿو سگهجي.

جڏهن قديم رومين فرانس کي پنهنجي شهنشاهت جو حصو بنايو تڏهن انهن پنهنجي سرحدن کي رائين نديءَ جي ڪناري ۽ پئرس وارن پيلن تائين وڌائي ڇڏيو. شهنشاهہ جوليئس سيزر جي شهرت جيڪا ڪيس اليشيا جي ميدان ۾ بادشاهہ ورسينگيٽورڪس کي 52 ق م ۾ شڪست ڏيڻ سان حاصل ٿي. تنهن جي اشاعت هن قديم دنيا جي ادبي شاهڪار ”گئولن جون جنگيون“ Gallin wars نالي ڪتاب جي صورت ۾ جلدي ڪرڻ پئي چاهي. انهيءَ سال سين واديءَ جي هڪ جزيري لوٽيٽيا Lutetia ۾ رومين پنهنجي بينڪ قائم ڪئي. جنهن کي پوءِ پئرس سڏيو ويو.

پئرس شهر ۾ ويجهڙائي ۾ بہ واقعا ڏاڍا اهم ٿيا جيڪي هن ريت آهن.

اول هيءَ تہ سن 1997ع ۾ فرانس ۾ آمريڪي سفير جيڪا چرچل جي پٽ هيريسن جي زال هئي تنهن جو قتل ٿيو. هن عورت جي زندگي ۽ سندس عشق پئرس شهر ۾ گفتگو جو موضوع ٿي پيو ۽ سندس شخصيت ماڻهن جي دلين کي جيتي ورتو. هن ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ لڳاتار سرد لاڳاپن کي هڪ دفعو گرمائي ڇڏيو. سندس قتل کان هڪ سال کان اڳ سندس واپس وڃڻ جا افواهہ شهر کان ٻاهر بہ پکڙجي ويا هئا.

انهيءَ کان پوءِ وري پئرس ۾ ليڊي ڊائنا ۽ سندس بواءِ فرينڊ دودي فائد جو پئرس شهر ۾ ايڪسيڊنٽ ۾ موت ٿيو. جنهن لاءِ عام مشهور اهو ٿيو تہ ليڊي ڊائنا دودي فائد مان اميد سان هئي ۽ پاڻ مسلمان ٿي دودي فائد سان جلد شادي ڪرڻ واري هئي. اها ڳالهہ انگريز بهادر کي نہ وڻي تہ ليڊي ڊائنا جو هڪ پٽ انگلينڊ جو بادشاهہ عيسائي ۽ پيو پٽ مصري مسلمان هجي. تنهن ڪري ليڊي ڊائنا سميت سڄي واردات ئي گم ڪئي وئي. يعني ڪاري ٿي مئي يا ڪاري ڪري مارئونس.

اپر سنڌ جي سماج ۾ ڪاروڪاريءَ جو ڏاڍو آزار آهي. جنهن تي اسان جي ٻن بزرگ ليکڪن شيخ اياز ۽ جمال ابڙي پنهنجي لکڻين ۾ ڏاڍي سُني روشني وڌي آهي. خاص ڪري جمال ابڙي پنهنجي سوانح حيات جي چوٿين ڪتاب ”ورندو نہ وري هي وڻجارو“ ۾ ڪاروڪاريءَ متعلق تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. جيڪو پڙهڻ گهرجي. ڪارو ڪاريءَ جو رواج اڄ تہ جام ٻڌجي پيو پر اسان جي پراڻي تاريخ ۾ انهيءَ جو ڪو بہ ذڪر ڪو نہ ٿو ملي. جنهن جا ڪنئين مثال آهن. جن مان صرف بہ مثال آئون توهان جي اڳيان پيش ڪريان ٿو. هڪ تہ جڏهن راڻو مومل سان ڪاڪ ۾ ملڻ ويو ۽ پاڻ ڏٺائين تہ مومل سان ڪو ٻيو مرد ستو پيو آهي تہ پاڻ انهيءَ کي ڪاري ڪري مارڻ بدران پنهنجي اچڻ جي نشاني طور ٻنهي جي وچ ۾ باننو (لڪڻ) رکي ويو. ٻيو مثال مارئي جو آهي. جيڪا بہ عمر جي

ڪوٽ مان واپس آئي ته انهيءَ کي به ڪاري ڪري ڪو نه ماريو ويو. سڄي دنيا ۾ انهيءَ نوعيت جا ڪنئين قتل ٿيا آهن. جيئن آمريڪا ۾ مارلن مئنرو ۽ انگلينڊ ۾ ليڊي ڊائنا جا مثال پاڻ جي اڳيان آهن پر اهي انفرادي واقعا آهن انهن جو آمريڪا يا انگلينڊ جي سماج سان ڪوئي واسطو ڪونهي. جيئن پاڻ وٽ هاڻ اپر سنڌ ۾ اها هڪ سماجي برائي بڻجي چڪي آهي.

اسان شانزلي زي جي ٽيوب اسٽيشن ۾ چڙهي پنهنجي هوٽل واري ٽيوب اسٽيشن تي اچي لٿاسين. جتان پنڌ پنڌ پئرس جي رنگين رونقن ۽ نظارن کي ڏسندا اچي پنهنجي هوٽل ريسپيشن تان حسين و جميل ريسپيشنسٽ ڇوڪريءَ کان چابيون وٺي اچي پنهنجي ڪمري تي پهاسٽين. جت ٿوري دير آرام ڪري ڪافي پي آئون ۽ منا ٻاهر وڃڪڻ نڪري وياسين. هلندي هلندي ڪافي اڳيان هليا وياسين جت هڪ هوٽل تي پهچي فرينچ اونين سوپ جو آرڊر ڏنوسين جيڪو منا خود به ڏاڍو سٺو ٿاهيندي آهي. منا پاڪستاني، چائنيز ۽ انگلش کاڌن ٺاهڻ جي ته ماسٽر آهي پر فرينچ ۽ انڊين کاڌن ۾ به فرينچ اونين سوپ ۽ ڊوسا تيار ڪري وٺندي آهي، هينئر به جڏهن آئون پنهنجي گهر ۾ سفر جون هي سٽون لکي رهيو آهيان. منهنجي اڳيان فرينچ اونين سوپ جو وڏو پيالو پريو رکيو آهي.

يورپ ۾ هوٽلون اندران ۽ ٻاهران ايڏيون ته سهڻيون سينگاريل هونديون آهن جو ماني ته پنهنجي جڳهه تي پر دل ڪا نه چاهيندي آهي ته هوٽل مان ٻاهر نڪرجي. ماڻهو چاهيندو آهي ته هوٽل ۾ ئي وينو هجي. فرنيچر ۽ اندرين سجاوٽ اهڙي ته نفاست سان ٿيل هوندي آهي جو هر هوٽل کي ڏسندي ماڻهو چاهيندو آهي ته آئون به پنهنجو گهر ايئن ڊيڪوريٽ ڪندس پر ايترا سارا ڊيڪوريشن جا تعداد ڪنهن کي ٿا ياد پون سو واپس ملڪ پهچندي سڀ ڪجهه وسريو وڃي.

سوپ ڏهن منٽن ۾ آٽي اسان جي اڳيان رکئون جنهن مان دونهان ايئن پئي نڪتا جو دل پئي چاهيو ته ڪٽي مٿس هٿ سيڪجن. هيڏو سارو پيالو جيڪو ڪنن تائين ٿمٽار. جنهن ۾ ڊبل روٽي جي هڪ سلائيس، هڪ بيدو. ڪيترا ڪتر ٿيل سنهان سنهان ٽڪرا جنهن ۾ تمام ٿورو ڪريم پيل، سڄي سوپ جي پيالي مٿان سڻڀ ۾ داغ ٿيل بصر جنهن جي وڻندڙ خوشبوءِ ۾ سوپ ڄڻ ته ماڻهو تڪ سان پي ڇڏي، پر ڪوسو اهڙو جو هڪ هڪ ڦڙو به ڦوڪي ٿي پيئڻون پيو. سوپ ايتري تعداد ۾ هو جو ٻي ڪنهن شيءِ کائڻ لاءِ پيٽ ۾ گنجائش ئي ڪا نه هئي. سو اسان بل ڏيئي واپس گهمندي ڦرندي اچي پنهنجي هوٽل پيڙا ٿياسين. رستي ۾ منا منهنجي لاءِ ڪير ۽ ٻي به ڪا هڪ اڌ شيءِ خريد ڪئي. مون ڪمري تي پهچي نور ۽ فرخ کي فون ڪئي پر ٽلهي گهنٽي وڃندي رهي. پاڻ شايد اڃان ٻاهران موٽي ڪو نه آيا هئا. هيڏي ساري گهمڻ ڦرڻ کان پوءِ رات جو رڳو پلنگ تي ليٽڻ جي دير ٿيندي هئي. ننڊ جو ته ڪو انتظار ئي ڪو نه ڪرڻو پوندو هو ۽ جاڳ دستور مطابق منا جي ڪلام پاڪ جي دور جي مٺي آواز تي ٿيندي هئي. جنهن کان پوءِ گهڻو ڪري ٻاهر واڪ تي هليا ويندا هئاسين. تنهن کان پوءِ اچي تيار ٿيندا هئاسين. قسمت سانگي ڪڏهن ڪڏهن واڪ تي ڪو نه به وڃبو هو پر ايئن تمام گهٽ ٿيندو هو. اسان تيار ٿي هيٺ هوٽل ۾ ناشتي لاءِ پهتاسين ته مختلف ملڪن جون ناريون ۽ مرد خوش پوش لباس ۽ خوشبوئن ۾ ٻهڪي چمڪي هڪ ٻئي کي سلام ڪري ۽ چمي چٽي رهيا هئا. اسان به هلندي هلندي اهڙا رنگين نظارا ڏسندي ڏسندي اچي سون قسمن جي طعامن مٿان بيهي رهياسين. جيڪي اسان جي کائڻ لاءِ گرما گرم ۽ هڪيا تڪيا حاضر هئا. جن جي صرف پليٽن ۾

وجھڻ جي دير هئي. ناشتي، لنچ يا ڊنر ۾ ايترن قسم جا طعام جوس منا ۽ فروٽ هوندا هئا جو ڏسندي ئي ڏسندي پيٽ پرجي ويندو هو. ماڻهو ڇا کائي ڇا کائي فيصلو ئي نہ ڪري سگهبو هو. اکيون تہ ڏسڻ شرط ڍاپجي ويندي هيون پر پيٽ ڏسڻ کان وڏيڪ کائڻ جي موڊ ۾ هوندو هو. سو سنڌي مثال تہ ڦِپيا اهي جيڪي ڦاٽي مئا. سو هتي بہ پيٽ پوڄا ڪرڻي آهي. هڪ فرينچ پليٽ کڻي پهريان تہ پليٽ کي ڏٺم ڇا تہ نفيس ۽ خوبصورت هئي. جنهن تي ڪيترن ئي رنگن جي چٽسالي ٿيل هئي. آئون اجان پليٽ ڏسڻ ۾ مشغول هئس تہ معاف ڪجو جو زنانو آواز ڪنن تي پيم. ڪنڌ ورائي ڏٺم تہ هڪ حسين، نازنين مهجبين مرڪندي ڏٺم. انهيءَ جي پنيان ڪيترا سارا ماڻهو منهنجي اڳتي وڌڻ جي انتظار ۾ بيٺل ڏٺم سيني سان مشڪندي معذرت ڪندي تڙ تڪڙ ۾ جيڪي ڪجهہ اڳيان ڏٺم پليٽ ۾ وجهندي وجي ڪرسين تي ويهي کاڌو کائڻ لڳاسين. تيستائين نور ۽ فرخ بہ اچي سهڙيا، مون کين ٻڌايو تہ رات مون توهان جي ڪمري تي فون ڪيو هو پر توهان شايد ٻاهر هئا. انهيءَ جو نڪي هنن جواب ڏنو نہ وري پيهر مون سوال ڪيو.

منا مون کان پڇيو تہ توهان لاءِ ڪهڙو جوس کڻي اچان. منا جيسين ڪرسي تان اُٿي تيستائين فرخ چيو تہ توهان ويهو. آئون ٿو جوس کڻي اچان ۽ ايئن نور ۽ فرخ مون لاءِ اناناس ۽ منا لاءِ اورينج جوس جا ٻہ وڏا مگ ڀري کڻي اچي اسان جي اڳيان رکئون ۽ اسان بہ گلاس خالي ڪرڻ ۾ ڪا دير ئي ڪا نہ ڪئي. اسان جي ٽوئر جا سياح آهستي آهستي ٿي ڊائيننگ هال مان نڪرڻ لڳا. اسان بہ انهن جي پنيان ٻاهر نڪري اچي پنهنجي بس جي ويجها ٿهلڻ لڳاسين. جٽ سج پنهنجي آب تاب سان روشنين جي ورڪا ڪري يورپين کي سندن چمڙي جي روشنين جي ڪوٽ کي پورو ڪرڻ ۾ سندن مدد ڪري رهيو هو ۽ اسين وري انهيءَ روشنين جي ڪري وجي ڪنهن ڇانوَ جي پناري پياسين. وٽئمن ڊي بدن کي گهڻي نداز ۾ سج جي روشني مان ملي ٿي.

پاڻ وٽ بهشت جو تصور معنيٰ ٿڌاڻ ۽ دوزخ جو تصور معنيٰ سج نيزي برابر زمين ٽاندا ئي ٽاندا سخت باهہ ۽ گرمي پر گرين ليند ۾ وري بلڪل انهيءَ جي ابتڙ يعني بهشت معنيٰ باهہ ئي باهہ ۽ گرميءَ جا آڙاهہ ۽ دوزخ معنيٰ ٿڌاڻ ۽ برفون ئي برفون، چوندا آهن تہ ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي، سو جنهن جنهن خطي ۾ انسان جي جيڪا جيڪا ضرورت آهي، انهيءَ ضرورت مطابق ئي انسان پنهنجا پنهنجا بهشت ۽ دوزخ جوڙي ورتا آهن. اسان آهستي آهستي ٿي بس ۾ چڙهي پنهنجين سيٽن تي ويناسين تہ اسان جي گائيڊ اسان کي اڄ جي ٽوئر جي باري ۾ ٻڌايو تہ پاڻ پهريائين لوور عجائب گهر هلنداسين. تنهن کان پوءِ ورسائل هلنداسين. جيئن تہ اڄ جا ٻئي ٽوئر آپشنل هئا.

اسان فقط پهرئين ٽوئر ۾ هنن سان گڏ هونداسين تنهن کا ن پوءِ اسان جو پروگرام هنن کان الڳ هو. يعني ڊزني ليند ڏسڻ. آپشنل ٽوئر ۾ گهڻو ڪري سڀ سياح ڪو نہ هوندا آهن تنهن ڪري هر روز واري رش بہ ڪا نہ هوندي آهي ۽ سيٽ جي ويهڻ جي بہ ڪا پابندي ڪا نہ هوندي آهي، جٽ کپي وجي ويهي رهو.

اسان جي بس پئرس جي صاف سٿرن سهڻن سينگاريل سنواريل رستن تان هلندي نہ پر جڻ تہ ٽلندي ٺمندي مائي پاڳيءَ جو هي لوڪ گيت ڳائيندي تہ ”تارن مان ترندي اچي، ڇولين مان ڇُلندي اچي. هو دل ٻاروچل، ٻاروچل پئي ڪري، اڳتي پنهنجي منزل ڏانهن هلڻ لڳي.بس جڏهن درياءَ سين

تان گذري تہ باغن ۽ باغيچن جي ايڏي ساوڪ جن وچان رستي تي هلندي رنگبرنگي ڪپڙن ۾ ملبوس محبوبائون ڏسي مون کي زيبنساءَ جو هي شعر ياد اچي ويو.

”لب جو سبزه زار، شراب وروئي نگار،

يعني، ندين جي ڪنارن جي چوطرف سرسبز ساوڪون، سهڻا ساجن، شباب ۽ شراب.

اسان اهي سربسز ساوڪون ۽ ملوڪ ماڻهو ڏسندا اچي پنهنجي اڄ جي پهرئين منزل لوور عجائب جي اڳيان بس مان لٿاسين. جت ڄڻ تہ سياحن جي ٻَسُن جو ميڙو متل هو. ٻاهر پري کان هلڪي بلورنگ جي شيشن سان ٺهيل تمام وڏو ٽڪنڊو ڏسندي ايئن محسوس ٿيو ڄڻ تہ احرام مصر کي شيشا هنيا ويا آهن. بلڪل پئرامِڊ جيان ٿي لڳو.

جڏهن متران فرانس جو صدر چونڊيو تہ هن ٻين ڪيترين پئرس جي يادگار عمارتن سان گڏ لوور ميوزم جي نئين سر جوڙجڪ جو پڻ حڪم ڏنو. جنهن تي ملڪ ۾ وڏي پئماني تي نڪتہ چيني ڪئي وئي پر متران انهن نڪتچينين کي رد ڪندي پنهنجي انهيءَ فيصلي تي قائم رهيو. متران ترقي پسند سوچ رکندڙ هو. هن صدر چونڊجڻ شرط ملڪ ۾ ڪيترن انقلابي قدمن جو اعلان ڪيو. جنهن ۾ فرانس طرفان ناٽو ڇڏڻ جو بہ اعلان شامل هو. جنهن تي ملڪ ۽ ملڪ کان ٻاهر رجعت پسند لابيءَ مٿس زبردست تنقيد ڪئي پر هن انهيءَ تنقيد جي ڪا بہ پرواهہ نہ ڪئي ڇو تہ ماڻهن جي وڏي اڪثريت سندس انهن ترقي پسند ريفارمس جي واڪاڻ ڪئي ۽ پاڻ اهڙي طرح ٻيو دفعو بہ فرانس جو صدر چونڊجي ويو. جيڪو چوڏهن سالن جو طويل عرصو هو. ڇو تہ فرانس ۾ صدر جو عهدو آمريڪا وانگر چئن سالن جو نہ پر ستن سالن جو آهي. سو بہ دفعا صدر چونڊجڻ جي ڪري اهو عرصو ڪُل چوڏهن سال ٿيو. سندس سياست مان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ بہ سندس وزيراعظم شيراڪ کي پاڻ صدر جي چونڊ لاءِ نامزد ڪيو هو. جنهن کي بہ فرانس جي عوام وڏي اڪثريت سان صدر چونڊيو.

اسان دنيا جي هن عظيم عجائب گهر ۾ پنهنجي گائيڊ جي سربراهي ۾ بنا ٽڪيٽ جي مٿان کان هيٺ سيڙهين ذريعي داخل ٿي وياسين تہ هيڏي ساري مخلوق کي ڏسندي حيرت ۾ پئجي وياسين. هيٺ تمام وسيع لابي ٺهيل هئي. جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ سياح فوٽا ڪيدي ۽ مووي پري رهيا هئا. هيٺ بيشمار ننڍا ننڍا دُڪان هئا جن تي ريفريشمينٽ سان گڏ هر قسم جي موقع مهل جي ضرورت جو سامان ميسر هو. جنهن ۾ ڪئميرائن جا رول، خالي ننڍيون وڏيون وڊيو ڪيسٽون، سيل، ويو ڪارڊ ۽ سوونيئر مختلف قسمن جا هزارن جي تعداد ۾ رکيل هئا. جيڪي سياح وڏي تعداد ۾ خريد ڪري رهيا هئا. اسان بہ ڪجهہ ويو ڪارڊ خريد ڪيا. هيٺ توڙي مٿي سيڪيورٽي جو سهڻو بندوبست نظر آيو. عجائب گهر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ وڏيون وڏيون قطارون لڳل هيون. اسان بہ پنهنجي واري اچڻ تي پنهنجي گائيڊ سان گڏ ميوزم ۾ داخل ٿياسين. اسان جي گائيڊ دروازي تي بيٺل سيڪيورٽي عملي کي پاس ڏيکاري جنهن کان پوءِ اسان اندر داخل ٿياسين. اندر بلڪل رش ڪا نہ هئي. ڇو تہ هيڏي وڏي عظيم ميوزم ۾ ماڻهو چوطرف پکڙجي ويا هئا. جنهن ڪري ٻاهر جيان هت رش ڪا نہ هئي ۽ سڪون نظر آيو. هت اندر رش صرف مونا ليزا واري رکيل تصوير جي هال ۾ نظر آئي. اُت هر وقت بي پناهہ رش ۽ ميڙو متو پيو هوندو آهي.

ڊيوانچي جي هن بيمثال شاهڪار کي ڏسڻ لاءِ پئرس ۾ ايندڙ سياح جي اها خواهش هوندي

آهي تہ آئون دنيا جي هن مشهور فنپاري کي ضرور ڏسان. تنهن ڪري تصوير رکيل هن هال ۾ هميشہ رش نظر ايندي. عجائب گهر ۾ زياده ۾ زياده سيڪيورٽي بہ هت نظر ايندي جت الارام ظاهري ۽ خفيہ ڪئميرائن جو وڏو بندوبست ٿيل آهي. ڇو تہ هن تصوير جي وڏي اهميت آهي. هيءَ تصوير ڪيترا دفعا چوري بہ ٿي آهي. جنهن ڪري هاڻ هن جي حفاظت لاءِ چوويهہ ڪلاڪ سخت سيڪيورٽيءَ جو بندوبست ٿيل آهي. اسان پنهنجي گائيڊ جي پٺيان پٺيان هڪ گئلريءَ کان ٻي گئلري ڏسندا اڳتي وڃي رهيا آهيون. لوور عجائب گهر جو مختصر پر جامع تعارف ڪجهہ هن ريت آهي.

فرانسيسي عمارت سازيءَ جي عروج جي حامل هن عجائب گهر ۾ ٽن لکن کان بہ وڌيڪ تعداد ۾ تصويرون فن جي شاهوڪاريءَ جو ثبوت آهن. جيڪي هڪ ئي وقت ۾ نمائش جي لاءِ موجود آهن. تصويرن جو هيڏو سارو مجموعو ٻن عورتن مونا ليزا ۽ وينس ڊي مائلو جي تصويرن کي ڏسڻ لاءِ روزانو ايندڙ هزارين سياحن جي ڀيٽ جي باوجود پنهنجي عظمت کي برقرار رکيو اچي. 1980ع واري ڏهاڪي ۾ عجائب گهر واري ٻاهرئين ڇپري جي عظمت ماهر عمارت ساز آءِ ايم پيئي جي جوڙايل شاهي مخروطي گنبذ سبب چڱيءَ پَرِ ختم ٿي وئي.

هي دنيا ۾ سڀ کان وڏو محل ۽ عجائب گهر آهي. هن جي مهاڙيءَ جي صفائي کان پوءِ هي اڳي کان بہ وڌيڪ سهڻو ٿي پيو آهي. هتي گهمندي توهان کي پنهنجي پسند جي چونڊ تہ ڪرڻ پنهنجي ماڳ اُتلو ڪيترائي ناياب شاهڪار ڏسڻ رهجي ويندا. ڇاڪاڻ تہ توهان وٽ نہ ايترو وقت آهي نہ ئي گهربل سگهہ ڇو تہ هن عجائب گهر ۾ نوادارات جو ذخيرو تمام گهڻو آهي. فقط هڪ ڏينهن ۾ پئرس شهر گهمندڙ سياح ڪوشش ڪري سڀ کان وڌيڪ مشهور عورتن مونا ليزا ۽ وينس ڊي مائلو جون تصويرون ڏسڻ لاءِ هزارين ماڻهن جي ميڙ مان پاڻ نڪرڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪندا آهن ڇو تہ انهن تصويرن کي ڏسڻ جي خواهش هر هڪ کي تمام گهڻي هئڻ سبب اتي تمام گهڻي ڀيهہ لڳل هوندي آهي، انهيءَ هوندي بہ جيڪڏهن ڪنهن وٽ ڪجهہ گهڙيون پاڇي آهن. تہ ونگڊ وڪٽري نالي مجسمو جنهنجي ٻڇي پڳل آهي. اها ڏسڻ گهرندو آهي. اهو مجسمو سيمو ٿريس ماڳ تان لڌو ۽ اندازاً 200 ق م پراڻو ڇيو وڃي ٿو.

عجائب گهر م داخل ٿيڻ لاءِ اڱڻ تي شيشي جي ٺهيل 71 فٽ اوچي گنبذ منجهان لنگهڻو پوندو. اهو گنبذ هڪ ماهر عمارت ساز نالي آءِ ايم پيئي جي نگرانيءَ ۾ جوڙيو ويو جيڪو 1989ع ۾ جڙي راس ٿيو. گنبذ شيشي جو هئڻ سبب هيٺان ٺهيل استقباليہ دڪانن ۽ هوٽلن تي سج جي روشني پوي ٿي. عمارت جي مرمت سبب نمائش لاءِ گهربل گئلرين ۾ 80 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي ۽ ٽوئر وارين گاڏين لاءِ زير زمين گيريجون پڻ ٺاهيون ويون آهن. ميوزم ۾ داخلا لاءِ گهربل ٽڪيٽ لاءِ قطار ۾ بيهڻ کان بچڻ لاءِ گهربل ٽڪيٽ ٽيلي فون تي بہ خريد ڪري سگهجن ٿا. اهي ٽپال وسيلي بہ گهرائي سگهجن ٿا يا توهان FNAC جي ڪنهن بہ پئرس واري آفيس تان حاصل ڪري سگهو ٿا.

هتي گڏ ڪيل شين کي نمائش ۾ آساني پيدا ڪرڻ لاءِ ستن حصن ۾ ورهايو ويو آهي.

1_ ايشيائي نوادرات

2_ مصري نوادرات

3_ رومي نوادرات

4۔ يوناني نوادرات
5۔ مجسما
6۔ پينٽنگ ٽيل تصويرون
7۔ چيپل شيون ۽ ڊرائنگ جا شاهڪار وغيره.

1997ع ۾ نئين گئلرين جو تعداد وڌايو ويو. انهن ۾ اٽلي جون پينٽنگس ۽ رومي شيشي ۽ ڪنجهي جو سامان، مشرقي نوادرات ۽ مصري نواردات رکيل آهن.

ميوزم جي رچليو ونگ واري حصي جو افتتاح سن 1997ع ۾ ٿيو. هتي اتر يورپ ۽ فرانس ۾ ٺهيل پينٽنگس، آرائشي سامان ۽ فرانس ۾ ٺهيل مجسما، مشرقي نوادرات جن ۾ اسلامي دنيا جا فن پارا موجود آهن، ۽ نيپولين ٽئين وارا شاهي سيلون نمائش لاءِ رکيل آهن .عمارت جو هي حصو اصل ۾ 1852ع کان 1857ع جي وچ ۾ ٺهيو هو. هن ۾ پوءِ وڏيڪ ڪمرا اڏيا ويا. هاڻي هن پاڱي ۾ 165 ڪمرا ۽ ٽي ڍڪيل دالان آهن. جتي ٻارهن هزارن کان وڏيڪ فن پارن جي نمائش جاري آهي. هتي رکيل يوناني ۽ رومي نوادرات ۾ پارٿينن گرجا گهر مان هٿ آيل ڪپڙي تي ٺهيل تصويرن جا ٽڪرا به شامل آهن.

سڄي دنيا جي ماڻهن جو موناليزا ۽ وينس جي تصويرن سان تہ گهڻو لڳاءُ آهي پر فرينچ ماڻهن لاءِ جيڪس ڊيوڊ جي ٺهيل ميڊم ريڪاميئر جي پينٽ ٿيل تصوير دائمي دلچسپيءَ جي حامل آهي. نيپولين جي مخالف جي حيثيت ۾ 23 سالن جي عمر ۾ پنهنجي آرامده سوفي تي ڪلاسيڪي شاهڪار انداز ۾ بَرانجِمانِ آهي. شپ آف فولس، فورسيزنيس ليبرٽي ليڊنگ دي پيپل ۽ پائولو ويرونير واري پينٽنگ ويڊنگ فيسٽ ايٽ ڪينا هن ونگ ۾ شامل آهن. هتي گهمندي ٽڪجڻ سان ساهي پٽڻ ۽ ڪاڏي پيتي لاءِ بہ ڪيفي هڪ رچلوءِ بيو مارلي موجود آهن.

سستين چيپل، برٽش ميوزم ۽ لنڊن ٽاور ۾ اندر ويهڻ لاءِ ڪو خاص بندوبست ٿيل ڪونهي پر هٽ سياحن جي ويهڻ لاءِ تمام سهڻو بندوبست ٿيل آهي. هر هال ۾ تمام سنا بئنچ پيل آهن. جن تي سون جي تعداد ۾ توهان کي سياح ويٺل نظر ايندا. هي عجائب گهر متي ڄاڻايل عجائب گهرن کان تمام وڏو عجائب گهر آهي.

اسان جي گائيڊ ٻڌايو تہ پنهنجو اڄ جو هٽ گهمڻ وارو پروگرام پورو ٿيو. پاڻ هاڻ ٻاهر نڪرنداسين. اسان کي جيترو بہ هن مختصر وقت ۾ ممڪن هو. ايترو گهمايو ويو. تنهن کان پوءِ اسان جي هن گروپ مان هڪڙن کي ورسيلز ٽوئر وارن سان گڏ وڃڻو هو. جيڪو منهنجو اڳ ۾ بہ ڏٺل هو. تنهن ڪري اسان جو اُت نہ پر پئرس جي ڊزني لينڊ وڃڻ جو پروگرام هو. تنهن ڪري اسان پنهنجي ٽوئر وارن کان موڪلائي پنهنجي اڳتي جي منزل ڊزني لينڊ وڃڻ لاءِ ان طرف جي ٽيوب اسٽيشن ڏانهن رونا ٿياسين. والٽ ڊزني آمريڪا جو هڪ مشهور ماڻهو هو جنهن پهريائين آمريڪا ۾ ٻارن جي تفريح لاءِ ڪارٽون فلمون ناهيون. تنهن کان پوءِ ڪمرشل فلمون بہ ناهيون. هن ڪجهہ وقت کان پوءِ ڊزني لينڊ جي نالي سان لاس اينجلس ۾ هڪ تمام وڏو تفريحي ادارو قائم ڪيو. اهو ايڏو تہ ڪامياب ٿيو جو پوءِ هن اُرلانڊو، ٽوڪيو ۽ پئرس ۾ پڻ اهڙي قسم جا تفريحي مقام ناهي سڄي دنيا جي ماڻهن لاءِ تفريح مهيا ڪئي. جت روزانو هزارين نہ پر لکن جي تعداد ۾ سياح اچن ٿا نہ صرف آمريڪا پر

سڄي دنيا مان ماڻهو ڪهي هنن تفريحي ماڳن ڪي ڏسڻ اچن. سڄي دنيا ۾ زياده ۾ زياده پگهار کڻندڙ به هن ڪمپني جو سربراهه آهي ۽ انهن زياده پگهار کڻندڙن ۾ آمريڪي صدر جو نمبر 785 آهي.

ڊزني ليند جي هنن تفريحي مرڪزن ۾ وڏي ۾ وڏو مرڪز اُرلانڊو جو ڊزني ورلڊ آهي. جيڪو وڏي سان گڏ جديد پڻ آهي. ڊزني ورلڊ آمريڪا جي رياست فلوريڊا ۾ آهي. جت ميامي بيچ پڻ آهي. دنيا ۾ زياده ۾ زياده سياح پئرس، اسپين ۽ آمريڪا جي هن رياست ۾ اچن ٿا. پئرس جو هي ڊزني ليند شهر کان ڪافي پري آهي. تقريباً ايترو جيترو ڪراچيءَ کان گلش حديد پري آهي. ٽئڪسي ذريعي پهچڻ لاءِ گهرجن هزارين رپيا. سو بهتري انهيءَ ۾ سمجهي سين ته ٽيوب جي ٽڪيٽ ۾ وڃي ڊزني ليند پهچون. انهيءَ کان اڳ جو ڪنهن ٽيوب اسٽيشن پهچون. پئرس جي رستن تي وڏن وڏن وڻن جي هيٺان پئرس جي حسين نارين کي ڏسندا سندن سونهن ۽ سرهاڻ مان لطف اندوز ٿيندا اڳتي هلندا وياسين. جت هاڻ صبح واري ناپر نه پر ٽرئفڪ ۽ ماڻهن جي ڪافي گهما گهمي نظر آئي ۽ انهن کان به وڌيڪ رش ۽ گهما گهمي توهان کي هت سياحن جي نظر ايندي. اهڙن شهرن ۾ جون جولاءِ ۽ آگسٽ جي مهيني ۾ ته توهان کي مقامي ماڻهن کان به زياده سياح نظر ايندا. گهڻو ڪري سپ جوڙا جوڙا پيرن ۾ ربڙ جو ٽُلهو جوتو بدن تي گنجي نمابشرٽ جنهن هيٺان چڊي پهريل هٿ ۾ ننڍي چٽي هل هلان، هر سياح چاهيندو آهي ته ڏينهن جو پنهنجو هڪ منٽ به ضايع نه ڪيان. پيو گهمان ڦران. سو اسان به هنن جي نقش قدم تي هل هلان ڪري اچي هڪ ٽيوب اسٽيشن تي پهتاسين جت پٽ تي ٽيوب اسٽيشن جي نقشي تي نگاهه وجهي ٽڪيٽ واري دريءَ تان پڇي ڳاڇي هٽي هنڌ ڪري نيٺ وڃي ڊزني ليند ٽيوب اسٽيشن جون ٽڪيٽون خريد ڪيون سين. باقي ٽڪيٽ ۽ نقشي تي پنهنجي منزل جي ٽيوب بابت هر سمجهاڻي لکي پئي آهي. صرف سوچڻ سمجهڻ ۽ اکيون کولي هلڻ جي دير آهي نه ته هيڏن شهرن ۾ جي ماڻهو ڦُليو ته پوءِ واپس پنهنجي منزل تي پهچڻ لاءِ وقت سان گڏ پيسو به خامخواهه خرچ ٿيو وڃي ۽ بوريت ان ڪانسواءِ. سو اسان به ٽڪيٽ وٺي پڇي ڳاڇي اچي پنهنجي اچڻ واري انڊر گرائونڊ ٽرين جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. باقي يورپ ۾ ٽيوب ۽ ريل جي ليٽ ٿيڻ جو ته ڪو سوال ئي ڪو نه ٿو اُٿي. هت اليڪٽرانڪ بورڊ هر هنڌ لڳل آهن. جت سيڪنڊ سيڪنڊ جي انفارميشن لکي پئي آهي. اسان جي ٽيوب اچڻ تي اسان به انهيءَ اندر گهڙي پياسين ته ڪيئن قسمن جي سرهاڻ شرير ۾ داخل ٿي اسان جو استقبال ڪيو ۽ ايئن اسان اڳتي پئرس جي ڊزني لئنڊ لاءِ روانا ٿي وياسين. ٽيوب ۾ فرينچن کان ٻيا زياده، سياح نظر آيا. جيڪي شايد ڊزني ليند گهمڻ وڃي رهيا هئا. ٽيوب ۾ هڪ به نيگرو نه هو. هونئن به توهان کي آمريڪا ۽ انگلينڊ جي ڀيٽ ۾ ٻي سڄي دنيا ۾ نيگرو گهٽ نظر ايندا ۽ انهن ۾ وري پئرس ۾ گهٽ ۾ گهٽ نظر ايندا. باقي انگلينڊ ۽ آمريڪا ۾ ته توهان کي هر هنڌ نيگرو وڏي تعداد ۾ نظر ايندا. ٽيوب ۾ ڪافي رش آهي. اسان مٿي ٻيهڻ وارن لاءِ لڳل هوڪس کي جهلي بيٺا آهيون. ٿورا ٿورا ماڻهو هر ٽيوب اسٽيشن تي لهن پيا پر اجان به ويهڻ لاءِ جڳهه نظر نه آئي. اسان آهستي آهستي هڪ ٻئي سان ڳالهائي رهيا آهيون. سڄي ٽيوب ۾ بلڪل سانت لڳي پئي آهي. لنڊن جي مقابلي ۾ هت ٽيوب اندر ائڊورٽائيز ڪجهه گهٽ آهي.

ٽيوب سائيز ۾ لنڊن جي ٽيوب جيڏو ئي آهي ۽ سندن ٽڪيٽ جو اگهه به تقريباً هڪ جهڙو آهي

پر هي وڏيڪ سنواريل ۽ سينگاريل آهي. هن جون سيٽون بہ وڏيڪ نفيس ۽ آرامده آهن. صفائي بہ هر هنڌ لنڊن جي ٽيوب کان وڌيڪ نظر آئي. اسان بيٺل آهيون جنهن ڪري ٻاهر ڪجهہ بہ ڏسي ڪو نہ ٿا سگهون جنهن ڪري دل ئي دل ۾ پئرس ڏسي ۽ گهمي رهيا آهيون. انگلش چينل وٽ ڏکڻ اوڀر طرف پئرس شهر سين نديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي اهڙي طرح اڏيل آهي. جو هڪڙو قدرتي شاهي رستو اتر ڏکڻ انداز ۾ سين نديءَ کي پار ڪندڙ آهي. فرانس ملڪ جي گاديءَ وارو هي شهر بہ هزار سالن کان بہ وڌيڪ پراڻو آهي ۽ يورپ کنڊ جي مکيہ خشڪي ڀاڱي ۾ سڀني کان وڏو شهر آهي. هن ڪنئين سئو سالن کان وٺي ڪڏهن بہ ڪاميابيءَ سان واضح نہ ٿيندڙ عمل تحت پوري دنيا ۾ لکين ڪروڙين ماڻهن کي پنهنجي جاهہ ۽ جمال جي جادو ۾ گرفتار ڪري رکيو آهي. انهن ۾ اهڙا ماڻهو بہ شامل رهيا آهن. جيڪي هي ساحر شهر ڏسڻ ڪانسواءِ ئي مري ويا آهن, يا اجا تائين زنده آهن. پرستان يا جنت نشان حسين, شوقين, عالمن, ڪاريگرن ۽ فنڪارن جو هي شهر جن پاڻ کي انهيءَ ساڳئي ننڍي عالمي گروهہ جي زاوين تائين محدود ڪري رکيو ۽ ڪيس سورهين صديءَ ۾ ڪمال ۽ جمال بخشي سياحن لاءِ وندر ۽ ورونهن جو مرڪز بنائي ڇڏيو.

هن دور ۾ شاهوڪار مغربي قومن وٽ جتي ماڻهن کي جنسي آزادي حاصل آهي. ات فرينچن جي جنسي عرياني جنسي مذاق ۽ جنسي ناول بيضرر خيال ڪيا وڃن ٿا.

سن 1948ع ۾ پئرس جا جنسي ڪاروباري مرڪز قانون طور بند ڪيا ويا. تڏهن کان وٺي روايتي رنديون هاڻ ڪال گرلس ٿي ويون آهن جن کي توهان هوٽل ۾ ٽيليفون يا ٽيوب ۾ رکيل ڪتابن کي ڏسي فون ڪري گهرائي سگهو ٿا. ماضيءَ ۾ علوم و فنون جو مرڪز هي شهر پنهنجي اها حيثيت في الحال وڃائي وينو پر اوڻيهين ۽ ويهين صديءَ دوران پئرس تخليقي صلاحيتن جي حامل قاموسي ذهنن جو چمن سڏجڻ لڳو. سموري دنيا کان سوين هزارين مصور, سنگتراش, عالم اديب, موسيقار, رقاص ۽ ٻيا فنڪار ڪهي پئرس ايندا هئا, ڇو تہ ڪين اميد هوندي هئي تہ پئرس ۾ ڪين ڪاميابي, ترقي ۽ عروج حاصل ٿيندو. سن 1970ع تائين اها صورتحال باقي نہ رهي. البتہ انهيءَ جي خاتمي جو غم سو موجود هو. اڳوڻو انتظامي ڍانچو بدلجي هاڻي تجارتي ۽ مشيني طريقي وارو ٿي ويو آهي. مجموعي طور تي نظام زندگي ڪافي تبديل ٿي ويو آهي. البتہ سماج جي زود رنج طبيعت اجا تائين برقرار آهي. جنهن سبب ڪو بہ اهڙو سال نٿو گذري جنهن دوران پئرس شهر ۾ سياسي يا معاشي هنگاما آرائي ۽ هڙتال نٿي ٿئي. اها روايت اجا برقرار آهي. سن 1960ع ۾ پئرس جي ماڻهن سندن روايت موجب شائستگي ۽ ٻين ماڻهن جي معاملن ۾ بيجا مداخلت نہ ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ تحريڪ هلائي. جنهن دوران مذهبي اخلاقيات کي نظر انداز ڪندي عملاً پنهنجو اخلاقي معيار گهٽائي ڇڏيو. سن 1970ع ۾ پنهنجن جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪين عجيب قسم جي خوشامد سان گڏ رعب تاب ۽ ڌمڪيون پڻ ڏيڻيون پيون خصيص مسئلن لاءِ بہ بيجا هنگامہ آرائي کان ڪو نہ مڙيا. اهڙيءَ طرح شهر جو سڪون ۽ آرام برباد ٿي ويو. اڳي وانگر هن وقت تائين بہ عام ماڻهو حاڪم طبقن جي استحصال جو شڪار رهندا آيا آهن.

سن 1921ع کان پوءِ شهر جي باشندن هتان لڏڻ شروع ڪيو. انهيءَ سان شهر جي آبادي 2906500 هئي. ماڻهن جي وڃڻ سان جيڪي جايون خالي ٿيون تن ۾ دفتر ۽ مختلف آفيسون

قائم ڪيون ويون. باقي رهيل ماڻهن کي شهر جي محدود ايراضين ۾ رهايو ويو. ڏاڍيون مزدور جيڪو نهايت خراب حالت ۾ هو. تنهن کي شهر جي ٻاهر 150 بدحال بستين ۾ رهڻ تي مجبور ڪيو ويو.

گهڻن ماڻهن جي لڏي وڃڻ سان شهر جي پسگردائي ۾ وسنديون پکڙجڻ لڳيون. سن 1958ع ۾ دنيا جي وڏن شهرن وارين مهلڪ بيمارين کان پئرس شهر کي بچائڻ لاءِ حڪومت اپاءُ ورتا. پر شهر جي پسگردائي ۾ اڳوڻي حڪومت مناسب اپاءُ ڪو نه ورتا. ماضيءَ ۾ شهر جي ترقي لاءِ مکيه ڪم سن 1898ع ۾ ميٽرو وارو ڪيو ويو.

صدر چارلس ڊي گال ۽ سندس جاءِ نشين جي ذاتي مداخلت سان هڪڙو تمام وڏو ڪم هٿ ۾ ڪنيو ويو. جنهن تحت فرانس ملڪ جي ايراضيءَ جو 2 سيڪڙو جنهن تي پئرس شهر جي پسگردائي ۾ 1305 ڪميون قائم هئا. هڪ خودمختيار ريجن جي حيثيت بحال ڪري اختياري ۽ آزادي ڏيڻ وارو ڪم هو. جيئن ته اڪثر طاقتور مستقل مفاد سندس آزاد ريجن واري حيثيت کي ڇيهو نه رسائي سگهن. ڇاڻايل مقصدن جي حصول لاءِ نوان سياسي حلقا تشڪيل ڪيا ويا. اُتي نئون انتظامي ڍانچو برپا ڪيو ويو. جنهن کي موزون قانوني ۽ مالياتي اختيار حاصل هئا.

سن 1968ع ۾ هن ريجن جي ٽن محڪمن کي نون ستن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو. انهيءَ ورهاست تحت سين محڪمو هيٺين ڀاڱن ۾ ورهايو ويو.

1_ ول ڊي پئرس
2_ هاٽس ڊي سين
3_ سين سينٽ ڊينس
4_ وال ڊي مارن

سين ايٽ او وائيز محڪمو ٽن ڀاڱن

1_ ايسون
2_ واءِ ويلائين
3_ وال ڊي او وائيز ۾ ورهايو ويو.

سين ايٽ مارن محڪمو ساڳيءَ حالت ۾ برقرار رهيو اهڙيءَ طرح پئرس ريجن ۾ هاڻي ٽن بجاءِ 8 پريفيڪٽ يعني محڪما انتظام هلائڻ لڳا انهن کي پئرس ريجن جو ڊسٽرڪٽ پڻ مهيا ڪيو ويو. جيڪو ريجن جو مالي ادارو هو. اهو ادارو 1961ع ۾ قائم ڪيو ويو. ريجن جي مالي پورائي لاءِ ريجنل ٽئڪس وصول ڪري مقامي ترقياتي منصوبا مڪمل ڪيا وڃن ٿا. پئرس ريجن جي ترقيءَ لاءِ ماسٽر پلان سن 1965ع ۾ پڌرو ڪيو ويو ۽ پئرس شهر جي سلسلي ۾ اهو سن 1968ع ۾ شايع ڪيو ويو. انهن منصوبن موجب پئرس شهر جي اتر توڙي ڏکڻ ۾ ڪُل پنج نوان شهر تعمير ڪرڻا هئا جيڪي هيٺيان آهن.

1_ ڏکڻ_ اوپر طرف تي لک آباديءَ وارو evry شهر ۽
2_ چار لک آباديءَ وارو شهر Melan Senart
3_ اوپر طرف ڇئن ڀاڱن تي مشتمل پنج لک آباديءَ وارو علائقو Vallee de la Marne

4۔ اولھ۔ اتر اولھ طرف تي هڪ لک آباديءَ وارو علائقو Pointoise

5۔ ڏکڻ۔ ڏکڻ اولھ طرف تي ڇهن ڳوٺن تي مشتمل ساڍا تي لک آبادي وارو علائقو Trappes

جاڳايل ماسٽر پلان تحت هنن نون شهرن ۾ جديد رهائشي، سائنسي، تعليمي، تفريحي ۽ صحت جون مڪمل سهوليتون مهيا ڪرڻيون هيون. رستن توڙي نيڪال وارو جديد سرشتو تعمير ڪرڻو هو. سن 1966ع ۾ فرينچ ڪابينه هن پئرس ريجن کي اجا به وڌيڪ اختيار ڏنا جن تحت ڪيس منصوبن جوڙڻ ۽ انهن کي رد يا بحال ڪرڻ جا اختيار ۽ انهن تي ٽيندڙ خرچ لاءِ ناڻو ڏيڻ جا پڻ اختيار شامل هئا. تنهن ڪانسواءِ هن ريجن کي ڪابينا جي ڪاميٽين جي ميمبري پڻ حاصل هئي. اهو سن 1968ع ۾ نئين سر تشڪيل ٿيڻ لڳو سن 1970ع جي ڏهاڪي واري شروعات ۾ دل جي شڪل سان مشابھ 20 اروندبُ سيمنٽن يعني واربن تي مشتمل سين درياءَ جي ڪنارن تي آباد هي پئرس شهر ايئن پائنجي ٿو جڻ ته اهو دل آهي ۽ سين درياءَ ڌاڳو آهي. جنهن ۾ اهو پوتل آهي. سو پنهنجي حسين اُفق وچائي وينو ٽيهه ٽيهه ماڙ ٽاورن جون چوٽيون سوين سورهن ماڙ رهائشي عمارتن ڏانهن حيرانگيءَ سان پيون نهارين، شاهي رستا، توڙي زير زمين رستا شهر جي ٻاهران تعمير ڪيا ويا آهن. ماڻهن جو عام چاهه يا لڳاءُ انهيءَ قديم پئرس سان آهي. جيڪا بيرن هائوس مين سن 1835ع کان 1870ع تائين تعمير ڪرائي هئي. انهيءَ دوران شهر جي پاڻيءَ جي رسائي ۽ خراب پاڻيءَ جي نيڪال جو سرشتو جوڙيو ويو. پراڻيون پُليون نئين سر تعمير ڪرايون ويون ۽ ضرورت موجب ٻيون نيون پليون به ٺاهيون ويون.

ليس هال نالي قديم مارڪيٽ نئين سر اڏي وئي. هڪ نئون اوپيرا هائوس به تعمير ٿيو. موجود منصوبي موجب پئرس شهر کي سن 2000ع تائين اڳوڻي کان وڌيڪ سهڻو جاذب ۽ دلڪش بنائڻو هو شهر ۾ فضائي آلودگيءَ جا مکيه ڪارڻ گهٽي ٽرئفڪ ۽ لکين ماڻهن جو روزانو هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ آهي. انهيءَ گدلائڻ کي گهٽائڻ لاءِ شهر کان ٻاهر گاڏين جا گيريج تعمير ڪيا ويا آهن. زبردست تجارتي مرڪز توڙي روزمره جي ڪمن لاءِ دفتر ۽ آفيسون پڻ شهر کان ٻاهر قائم ڪيون ويون آهن. ميٽرو سروس پڻ شهر جي مرڪز کان پريِ ۽ ٻاهر قائم آهي.

ران ٽائون پارڪنگ لاءِ جوڙيل منصوبي موجب وڏين گهڻ ماڙ عمارتن جي تهخانن کي پارڪنگ لاءِ استعمال ڪجي ٿو.

سن 2000ع تائين ماسٽر پلان ۾ هر هڪ جديد شهري سهولت مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ اختياريون عمل پيرا رهيون جنهن تحت جديد اسپتالون، اسڪول، اپارٽمينٽ، نرسريون، اسپورٽس، ۽ ليجر سينٽر، باغيچا ۽ پارڪ شامل هئا.

پئرس ننڍو شهر آهي ناٽرڊيم ڪيٿيڊرل جي اڳيان تعمير ٿيل عظيم اسڪوائر کان ماپي ڏسبو ته هتان کان وني شهر جي ڪا به ڪنڊ يا دنگ نشان ڇهن ميلن کان وڌيڪ پري ڪونهي. شهر جي ٻنهي ڇيڙن تي قائم شاهي پارڪن کي ملائڻ سان شهر جي پکيڙ 41 چورس ميل مس ٿي ٿئي. انهن پارڪن واري ايراضيءَ ڪانسواءِ سڄي شهر جي ڪُل ايراضي 34 چورس ميل ٿيندي. پئرس شهر سين درياءَ طرفان پيالي نما تراشيل زمين جي قطعي تي اڏيل آهي. جنهن جي ڪنارن کي شهر جي سرحد يا دنگ قرار ڏنو ويو. سين درياءَ شهر جي مرڪز وٽان قوس جي صورت ۾ گذري ٿو ۽ شهر جي ڪُل ويهن واربن مان ڏهن منجهان لنگهندڙ آهي. درياءَ شهر ۾ ان جي ڏکڻ اوپر ڪنڊ وٽان داخل ٿيڻ کان

پوءِ اتر طرف مڙي ٿو. پوءِ وري ڏکڻ اولهہ ڪُنڊ ڏانهن ڦيرو کائي شهر مان نڪري وڃي ٿو. صورتحال موجب درياءَ جو هڪڙو ڪپ شهر ۾ داخل ٿيڻ سان اپرندو ڪپ اڳتي هلي اُتريون ڪپ ۽ شهر مان نڪرڻ وقت الهندو ڪپ ٿي پوندو آهي. تنهن ڪري شهر جي ماڻهن آسانيءَ لاءِ درياءَ جي وهڪري موافق منهن ڪري بيهڻ سان نديءَ جي ڪپن کي ساڄو ۽ کاٻو سڏڻ جو اصول قائم ڪيو. حقيقت ۾ اهو اصول عام استعمال ۾ ڪونهي. ڇو تہ مخصوص ماڳن ۽ عمارتن جي سڃاڻپ يا جاءِ وقوع جي نشاندهي اراندسهينٽ يا واردن جي نالن ۽ نمبرن موجب ٿيندي آهي.

شهر جي گهٽين جي سطح کان 30 فوٽ هيٺ درياءَ جي پاڻي جي سطح برابر درياءَ جي ڪنارن تي پٿر جا دڪا ٺهيل آهن. جتي ٻيڙيون اچي تڙ ڪنديون آهن. انهن دڪن جي چوڌاريءَ وڻ ۽ ٻوٽا پوکيل آهن. گهٽين جي سطح تي وڻن جون جدا قطارون پوکيل آهن. جيڪي پاڻيءَ تائين پهچن ٿيون. مٿي جاٽايل ٻنهي سطحن جي وچ تي پٿر جي ڇپن سان ٺهيل ديوار لوهہ جي شاهي جهنگلي سان آراستہ آهي، انهي لوهي جهنگلي ۾ مختلف هنڌن تي درياهہ جي گهيڙن ۽ تڙن وٽ گيٽ ٺهيل آهن. هيءَ ديوار جتي ڪٿي آئوي ivy نالي ول سان ڍڪيل نظر ايندي.

هتي جون قديم عمارتون، درياهہ ۾ هلندڙ ٻيڙيون، 32 پُليون، ڪنئين باغ باغيچا ۽ درياءَ جي پاڻي ۾ مختلف رنگن جو عڪس ۽ ان ۾ ٿيندڙ عجيب تبديلي، دنيا جي عجيب ترين ۽ سڀ کان وڏيڪ وڻندڙ شهر جو نظارو پيش ڪن ٿا.

اسان جي ٽيوب اسٽيشن هاڻ اچڻ واري آهي جنهن ڪري ڊزني ليند لهندڙ مسافرن ۾ هاڻ چرپر نظر اچي رهي آهي، اسان وٽ ڪو بہ سامان ڪو نہ آهي پر جن سياح مسافرن وٽ ٿورو گهڻو سامان ساڻ آهي سي پنهنجو پنهنجو سامان چنڊي ڦوڪي ڪلهن ۾ وجهي رهيا آهن يا هٿن ۾ جهلي بيٺا آهن. ڇو تہ ٽيوب، اسٽيشن تي صرف چند گهڙيون بيهندو آهي. جنهن دوران خود بہ خود در کلن ۽ بند ٿين ان ٿوري عرصي ۾ ماڻهو چڙهن ۽ لهن. اهو سڄو عمل چند گهڙين ۾ ٿئي تنهن ڪري مقامي ماڻهو جيڪي هر روز پنهنجن پنهنجن مصروفيتن ڪري جنهن ۾ نوڪري، واپار تعليم ۽ ٻيا ڌنڌا ڌاڙي شامل آهن. جنهن ڪري هو ڏينهن ۾ هڪ دفعو نہ پر ڪئين دفعا چڙهن ۽ لهن سو انهن لاءِ ڪا نئين ڳالهہ ڪانهين نہ وري انهي ۾ ڪين ڪا دقت ۽ پريشاني ٿئي. هلندڙ ٽيوبن ۾ ايئن پيا لهندا چڙهندا آهن جو ڏسڻ ۾ بہ مزو پيو ايندو آهي.

ٻيا اهي غير ملڪي سياح جن جي ملڪن ۾ بہ اهي ئي ٽيوب ۽ ٽيوب اسٽيشنون هر هنڌ پيا هلن سو انهن کي بہ انهي لاهہ چاڙهہ ۾ ذري جي بہ دقت نہ ٿي پر اهي سياح جن جي ملڪن ۾ ٽيوب نالي ڪا شيءِ ٿئي ڪا نہ تن سياحن کي پهريائين ڪجهہ تڪليف محسوس ٿئي پر هرڪو انسان آهي سوچ سمجهہ ۽ پرئڪٽس سان، ڪجهہ وقت ۾ سڄي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچيو وڃي پوءِ تہ هر روز جو معمول ٿيو وڃي ۽ اهو ساڳيو ماڻهو پيو ٻين کي سمجهايو ٻڌائي. اسان جو ٽيوب هٽ بيٺو تہ هزارن جي تعداد ۾ سياح هيٺ پليٽ فارم تي لهڻ لڳا ۽ ڏسندي ڏسندي سڄو پليٽ فارم ڀرجي ويو. اسان بہ نهايت ئي ڦڙتائي سان ٽيوب مان. هيٺ لهي ورياسين ۽ ڏسندي ڏسندي ٽيوب پنهنجي اڳتي جي منزل لاءِ روانو ٿي ويو ۽ سڄو پليٽ فارم خالي ٿي ويو. ڊزني ليند ٽيوب جي بلڪل ويجهو هو جنهن ڪري چند منٽن ۾ سون قسمن جي گلن مان هلندي هلندي اچي ڊزني ليند جي دروازي تي پهتاسين. دروازي

تي ٽڪيٽ خريد ڪرڻ لاءِ هڪ نہ پر ڪئين گيٽ هئا جن تان جلدي جلدي ٽڪيٽ وٺي هر ڪو اندر وڃڻ لاءِ آتو هو. اسان بہ پنهنجا پنهنجا ٽڪيٽ خريد ڪري اندر روانا ٿياسين. سڄي لوئر ۾ هي پهريون موقعو هو جو ٽڪيٽ خريد ڪري رهيا آهيون نہ تہ اهي سڀ ڪم ڪار اسان جي ٽوئر ڪمپني وارن تي هوندا هئا. اسان هر هنڌ بالم ٿيا بيٺا هوندا هئاسين پر هت اهو بار بہ اسان تي هو.

هي ڊزني لينڊ لاس اينجلس جي ڊزني لينڊ کان تمام گهڻو ننڍو تي لڳو پهريائين وڏي تعداد ۾ اسان هڪ ٻئي جا فوٽو ڪڍيا ۽ مووي پري. هي پئرس جو ڊزني لينڊ جديد فرينچ تاريخ ۾ ڪنئين ملين يورو ڊالرن سان تيار ٿيو آهي ۽ دنيا جي عجائبات ۾ شامل آهي. اهو 1992ع ۾ عوام جي تفريح لاءِ کوليو ويو. هي پارڪ پئرس شهر جي اوڀر طرف 20 ميل پري واقع آهي ۽ پنج هزار ايڪڙ زمين تي پکڙيل آهي. انهيءَ علائقي کي مارني لا ويلي Marne la Vallee سڏجي ٿو.سن 1994ع ۾ هن پارڪ جو نالو غير سرڪاري طور تي بدلائي ڊزني لينڊ رکيو ويو.

ڊزني لينڊ پارڪ ۾ پنج تفريحي مکيہ مڪان، ڇهہ ساهي هوٽلون، هڪڙو شاهي ڪيمپ گرائونڊ، هڪڙو فيسٽيول ڊزني مرڪز، هڪ زبردست گولف راند جو ميدان جنهن ۾ بال وجهڻ لاءِ 27 سوراخ آهن. ڪنئين ڊزن ننڍا ريسٽورانٽ، شوروم ۽ دڪان موجود آهن. سموري يورپ کان اينڊڙسياح هتي گلن جي ٻارين جي وچ مر گهمندا ڦرندا نظر ايندا جتي ڪنئين تلاءَ ڦوهارا ۽ هٽرادو ڍنڍ هوٽلن سان گهيريل آهن. هتي هٽرادو جانور هزارين ٻارن جي خوشي ۽ وڏن جي عبرت لاءِ موجود آهن.

مکيہ رستي Main Street U.S.A تي گهوڙي گاڏيون موجود آهن ۽ رستي جي ڪارنر تي باربر شاپس آهن هتي ٻاڦ تي هلندڙ ريل ڪارون بہ آهن. جيڪي فرنٽيئر لينڊ تائين هلايون وڃن ٿيون، اهي ڪارون مِيسِيسِپِي درياءَ ۾ هلندڙ ٻيڙين جي يادگار آهن. هتي ٻي دلچسپ شيءِ هڪڙو چڙيا گهر آهي، جنهن کي ڪريٽر ڪورل Criter Correl سڏين ٿا. اهو ڪاٽن ووڊڪريڪ ۽ لڪي نگيٽ سيلون Lucky Nigget Salon وٽ آهي. پارڪ ۾ موجود ٻاڦ واريون ريل ڪارون ايڊوينچر لينڊ کان فينٽاسي لينڊ ڏانهن بہ هلن ٿيون. هتي پارڪ جو مکيہ عنصر سليپنگ بيوٽي ڪيسل Sleeping Beauty castle نالي هڪڙو محل آهي. انهيءَ جا تمام اوچا مينار فرينچ محلاتن جي علامت تصور ڪجن ٿا. محلات جي چوڌاري قائم باغ ۾ ڪيترا ٻيا عناصر جهڙوڪ:

1. Snow white and the Seven Dwarfs.
2. Peter Pan
3. Dumbo,
4. Alice (from wonder land)
5. The mad hatter's tea cups
6. Sir loncelots magic carousel.

وغيره پڻ موجود آهن.

ڊسڪوري لينڊ ۾ سائنس جي جديد تصور موجب تيار ڪيل شين ۽ ڳالهين جي نمائش ڪئي وڃي ٿي ۽ انهيءَ سان گڏ مشهور مصورن ليونارڊو ڊاونچي، جولس ورن ۽ ايڇ جي ويلس جي خيالن سان ٺهڪندڙ شين جي پڻ نمائش ٿئي ٿي.

تنهن ڪانسواءِ ڪيترين ئي فلمن جا شاهڪار ڪردار پڻ نمائش لاءِ موجود آهن.
مٿئين سمورين شين سان گڏ هتي وليج ڊزني انٽرٽينمنٽ سينٽر village Disney entertainment center پڻ قائم آهي. جنهن ۾ ناچ گهر، دڪان، ريسٽورانٽ، بارون، ٽوئرسٽ آفيس، پوسٽ آفيس ۽ هڪ بيڙين جو گهاٽ پڻ آهي.
هڪ بالغ جي لاءِ هڪ ڏينهن لاءِ گهمڻ جي في 30 کان U.S.A 39 ڊالر برابر 150 کان 195 فرانڪ، هڪ ٻار لاءِ 24 کان 30 ڊالر برابر 120 کان 150 فرانڪ.
گهمڻ جو وقت: جولاءِ ۽ آگسٽ روزانو صبح 9 بجي کان رات 11 بجي تائين.
۽ سيپٽمبر کان جون ۾ سومر کان جمع تائين صبح 10 کان شام 6 بجي تائين، ڇنڇر ۽ آچر صبح 9 بجي کان شام 8 بجي تائين. اسان فوٽو ڪيڻ ۽ مووي پرڻ کان واندا ٿي ڊزني ۾ وڌيڪ گهمڻ ڦرڻ لاءِ روانا ٿياسين. اڃان ٿورو اندر گهڙياسين ته ڇڳيرڙي برسات شروع ٿي وئي. اسان تيز تيز هلندا وڃي هڪ هوٽل پيڙا ٿياسين. جت اڳ ئي ڪافي رش لڳي پئي هئي پر نيٺ ڳولي ڳولي وڃي هڪ هنڌ ويٺاسين. اسان جا ڪپڙا ٿورا ٿورا پڇي ڇُڪا هئا ۽ بدن آهستي آهستي ٺڏو ٿي رهيو هو ۽ ڏسندي ڏسندي منا سيءَ ۾ رڦڻ لڳي. مون ڇيس خير ته آهي. پاڻ ڇيائين ته ريشمي ڪپڙا پهريل آهن. انهيءَ ڪري وڌيڪ سيءُ محسوس ٿي رهيو آهي. مون پنهنجي بدن تي پهريل ڪوٽ لاهي ڪيس پارايو ۽ ڪٽي ڪيس پنهنجن پاڪرن ۾ آندو پر مون ڏٺو ته سندس سيءُ ڪو نه لٿو هو وبتر مون کي به سيءُ وارئي ويو هو. منهنجي باڊي هيٽ واري سڄي سائنس فيل وئي. سوچيم ته جي سردي جو اثر نه لٿو ته سڄو پروگرام الٽ پلٽ ٿي ويندو ۽ اسان کي واپس هوٽل وڃڻو پوندو. سو سوچي هڪ آئيڊيا يا نسخو دماغ ۾ اچي ويو. يڪدم هوٽل بواءِ کي سڏ ڪري ڪيس چيم ته ٽي بليڪ ڪافي ۽ هڪ ڊبل پيڪ نيٽ ڪونيڪ جو آڻ پر دير نه ڪر سرديءَ ۾ وڃون پيا ٺرندا. همراهه آرڊر آڻڻ ۾ دير ئي ڪا نه ڪئي ۽ اسان به پيئڻ ۾ دير ڪا نه ڪئي ڪونيڪ پيئڻ ڪري سيءُ ته لٿو پر مڏ چڙهي ويا. سو ڪيس وري به هڪ ڪافي منا لاءِ ۽ هڪ ننڍو پئگ مون لاءِ جو آرڊر ڏنو. پاڻ وري به اڳ وانگر جلد ڪافي ۽ ڪونيڪ ڪٽي آيو. ڪافي ۽ ڪونيڪ پيئڻ کان پوءِ سردي گهٽجڻ سان چستي به اچي وئي ۽ برسات به بلڪل بند ٿي وئي ۽ اسان به ٻين سياحن سان گڏ نڪري پياسين. فرخ ۽ نور کي چيم ته توهان جيترو به گهمي سگهو اوترو گهمو مون آمريڪا ۾ به ڊزني لينڊ ڏٺي آهي ۽ منا جي طبيعت به ٺيڪ نه آهي. سو ان لاءِ اهو بهتر آهي ته خوفائتا ۽ محنت مشقت وارا پروگرام نه ڏسي ۽ توهان ٻيا پروگرام ته ڏسو پر خلا جو سير ۽ سمنڊ اندر سير ۽ هاررشو Horrer Show ضرور ڏسجو. اسان ٻن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ توهان کي هت ملنداسين. پاڻ ڇيائون ته اسان جدا ڪو نه ٿا وڃون پاڻ گڏئي گڏ ٿا گهمون. توهان کي جنهن پروگرام ۾ هلڻو ناهي ته ٻاهر ويهي رهو ۽ ائين اسان سڀ گڏ ڊزني لينڊ گهمڻ نڪري پياسين. پهرئين ڊزني ريل ۾ چڙهي سڄي ڊزني لينڊ جو چڪر لڳائي واپس انهيءَ ريلوي اسٽيشن تي لٿاسين جت انهيءَ ۾ چڙهيا هئاسين، پوءِ زمين کان مٿي ئي مٿي ڦرندڙ هڪ مني ريل وانگر هلندڙ سواريءَ ۾ چڙهياسين. هن ۾ هلندي ڏاڍو مزو آيو هر شيءِ مٿان کان هيٺ ٿي نظر آئي. جنهن ڪري مزو پئي آيو. تنهن کان پوءِ نور ۽ فرخ هڪ تيز سواري هيٺائين کان مٿي ۽ مٿي کان هيٺ هلندڙ ۾ گهميا.
آئون آمريڪا ۾ ان ۾ چڙهيو هوس ڪا به تڪليف محسوس ڪا نه ٿي ٿئي. پر هينئر خبر ناهي

چو ڇاڻي ٻجهي هن سواريءَ ۾ ڪو نہ چڙهيس. تنهن ڪان پوءِ وري بہ نور ۽ فرخ مختلف پروگرامن ۾ حصو وٺندا رهيا ۽ آئون ۽ منا ٻاهر ئي ٻاهر چڪر هڻندا رهياسين. اُس نڪري چُڪي هئي ۽ گهمڻ ڦرڻ ۾ مزو اچي رهيو هو. برسات جي سرديءَ وارو اثر ختم ٿي چڪو هو ۽ گهمڻ ڦرڻ ڪري بدن چست ٿي ويو هو دل پئي چاهيو تہ پيا پرين جي هن ڏيهہ ۾ گهمون ڦرون. جت هڪ جنت نہ پر سڄي ڌرتيءَ جي گولي جون پريون اچي گڏ ٿيون آهن جن جي ڳاڙهين اگهاڙين سٿرن تان اکيون تہ هٽن ئي ڪو نہ ٿيون. پر جرمن عورتن جون ٿلهيون متاريون سٿرون ڏسيو ڊپ سان گڏ جرمن مردن جي قسمت تي ڪل سان گڏ افسوس بہ ٿيو پئي تہ اها ڳالهہ بہ سمجهہ ۾ آئي تہ جرمنن سندن زالن جا خار هميشہ يورپ ۾ جنگيون ڪري ئي ورتا پر اسان هي خار ڪنهن مان ڪڍون. سو چُپ آهي پلي. انهيءَ تي ئي گذارو ڪرڻو پيو. جيسين وچي جرمن سياحن جو هي ٽولو هڪ پاسيرو ٿئي. پرين جي هن آستان ۾ گهمندي ڦرندي ڪافي دير ٿي وئي هئي تنهن ڪري دل جي نہ چاهيندي بہ مجبورن واپس وڃڻو پيو. واپس ويندي ويندي بہ ٻڙني ليند جي هنن پرين کي دل ئي دل ۾ good bye چوندا اچي ٻڙنيءَ جي ٽيوب اسٽيشن پهتاسين جت ڪافي رش هئي پر جڏهن ٽيوب آيو تہ خبر ڪا نہ پئي تہ هيتري خلق ڪيڏانهن وئي. اسين بہ انهيءَ رش ئي رش ۾ ٽيوب ۾ چڙهي پئرس جي هڪ چيڙي ڪان ٻئي چيڙي واري ٽيوب اسٽيشن جيڪا اسان جي هوٽل ڪان ٿوري پنڌ تي هئي اچي لٿاسين. پئرس ۾ هن وقت روڊ رستن تي تمام گهڻ ٽرئفڪ هوندي آهي. هلندي هلندي اچي پنهنجي هوٽل تي پهتاسين جت هوٽل رسپيشن واري فرينچ ۾ سلام ڪان پوءِ سواءِ اسان جي ٻڌائڻ جي ڪمرن جون چابيون ڪڍي اسان جي حوالي ڪيون. اسان سندس ٿورا مڃيندا اچي لفٽ جي گيٽ تي بيٺاسين، جت اڳ ئي ڪافي سياح لفٽ جو انتظار ڪري رهيا هئا.

جنهن هوٽل ۾ اسين رهيل هئاسين اها تمام وڏي هوٽل هئي. منجهس ڪنئين فلور ۽ گهڻي تعداد ۾ ڪمرا هئا. هوٽل جي لفٽ تمام وڏي هئي. جنهن ۾ هڪ وقت پنجويهہ ٽيهہ ماڻهو هيٺ مٿي چڙهي لهي سگهيا ٿي پر تڏهن بہ رش لڳي پئي هئي. پئرس ۽ فرانس ۾ سياحن جي سيزن ۾ سڄي ملڪ ۾ بي انتها رش هوندي آهي. جنهن ۾ خاص ڪري هوٽلون. بارون، نائيٽ ڪلبون، ريسٽورانٽ، ٽرينون، بندر بازارون ۽ سپر مارڪيٽون تہ سياحن سان ڀريون پيون هونديون آهن. پئرس، نيس، ڪئينس، مونٽي ڪارلو جي رنگين راتين ڪري سڄي دنيا مان سياح کهي هنن ملڪن ۾ اچن. جنهن ڪري صرف سياحن جي آمدني مان ۽ ٻاهرين ملڪن جي شاگردن جي فين مان ئي هي ملڪ دنيا جا امير ترين ملڪ ٿي ويا آهن. دنيا ۾ زياده ۾ زياده سياح يعني اٺ ڪروڙ فقط هڪ سال اندر فرانس ۾ اچن.

گنيز ورلڊ رڪارڊ صفحو 151 سال 2001ع جنهن ۾ خاص ڪري عرب ڇا نہ پيسو خرچ ڪندا هئا. هن ملڪ ۾ عرب، ايراني گهڻو ڪري سياحت لاءِ ايندا آهن. ٻيو تہ خود فرانس جا ماڻهو بہ موڪلن ۾ فرانس ۾ ئي موڪلون ملهائيندا آهن. ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ سياحت لاءِ تمام گهٽ ويندا آهن. فرانس ۾ موڪلن جي شروعات آگسٽ ۾ ٿيندي آهي. تنهن ڪري آگسٽ جي مهيني ۾ فرانس ۾ بي انتها رش هوندي آهي ۽ اسان جو بہ سڄو فرانس وارو ٽوئر آگسٽ ۾ ئي ٿيو.

دنيا ۾ زياده ۾ زياده سياحت لاءِ ماڻهو فرانس ۾ اچن ٿا پر سڄي دنيا ۾ سياحت وري زياده ۾ زياده آمريڪن ڪن ۽ سياحت مان زياده ۾ زياده ڪمائي بہ آمريڪا کي ٿئي.

ڪنهن وقت ۾ مسلم ملڪن ۾ بي پناهہ سياحت ٿيندي هئي. جنهن ۾ سعودي عربستان، ايران، عراق، ترڪي، پاڪستان، افغانستان، مراڪش، انڊونشيا، ملائيشيا، مصر ۽ لبنان شامل هئا. جن ۾ ايران، عراق، سعودي عربستان زيارتن ڪري، مصر احرامن ۽ نيل درياءَ جي ڪري باقي مراڪش پاڪستان، ترڪي، لبنان، انڊونيشيا ۽ ملائيشيا مختلف قديم آثارن، پرڪشش نظارن ۽ سونهن سوڀيا جي ڪري سڄي دنيا جي سياحن جي توجهہ جو مرڪز هئا. ڪراچي جو شهر 1940ع ۾ سڄي ايشيا جي شهرن ۾ وڌ کان وڌ صاف سٿرو شهر ڊڪليئر ٿيل هو ۽ لبنان جي گاديءَ جو شهر بيروت تہ سڄي دنيا جي پهرئين نمبر شهرن جي لسٽ ۾ شامل هو پر مغربي دنيا انهن مان چند ملڪن کانسواءِ باقي ملڪن کي کنڊرن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. جنهن ۾ عراق لبنان ۽ افغانستان خاص قابل ذڪر آهن.

اسان پنهنجي ڪمرن ۾ پهچي چانهہ پي ٿوري دير آرام ڪري تازا توانا ٿي رات جي ماني کائڻ ۽ ٿوري دير وڙڪڻ لاءِ وري ٻاهر نڪري پياسين.

يورپ، آمريڪا ۽ جپان ۾ هندستاني پاڪستاني هوٽلن جو ڪاڌو تہ تمام لذيذ هوندو آهي پر انهن ۾ گهڻو ڪري سوپ ڪو نہ هوندو آهي. مون کي رات جي مانيءَ ۾ سوپ پيئڻ جي ننڍي هوندي کان عادت آهي. خاص ڪري گهمڻ ڦرڻ ۾ تہ اهو شوق اجان بہ وڌي ويندو آهي، ڇو تہ گهر ۾ ڊاڪٽري اصولن مطابق ماني ملي ۽ سٽيپ استعمال ٿئي. آئل ۽ لوڻ بلڪل بند، ان جي ابتڙ هوٽلن جا ڪاڌا سٺيا ۽ مصالحن ڪري چٽ پٽا، کائڻ ۾ مزيدار ۽ سوادي ٿين جو پيٽ ئي نہ پرجي، دل پئي چئي تہ وينو کائجي ۽ هوٽلن وارا دڪان کوليو ويٺا ئي انهيءَ لاءِ آهن تہ اسان وٽ وري وري ماڻهو اچن سو اهي ڪاڌا بہ اهڙا لذيذ تيار ڪن جو ماڻهو اهي کائڻ لاءِ ڪٿان ڪان ڪٿان کهي اچن. اسان بہ فيصلو ڪيو تہ بہ راتيون اڳ جنهن هندستاني هوٽل تي ماني کاڌي هئيسين اڄ بہ انهيءَ کي موقعو ڏيون هو خوش بہ ٿيندو تہ اسان جي هوٽل جي ماني هنن کي وڻي آهي، ٻيو تہ اسان جي هوٽل جي ويجهو بہ هئي ۽ ٻين هوٽلن لاءِ وري پڇ پڇان ۽ ٽئڪسي جو خرچ ۽ دير بہ لڳي. سو هن سرهي شام جي خوشبودار ۽ خوشگوار موسم ۾ هلندي هلندي خبر ئي ڪا نہ پئي ۽ قدم خود بخود اچي هوٽل جي دروازي تي رڪيا. اسان دروازو کولي اندر داخل ٿياسين هتي هلڪي هلڪي آواز ۾ مڪيش جو هي گانو وڄي رهيو هو.

ڪبھی ڪبھی میرے دل میں خیال آتا ہے
کہ زندگی تری زلفوں کی نرم چھاؤں میں
گذرنے پاتی تو شاداب ہو بھی سکتی تھی
یہ رنج و غم کی سیاہی جو مجھ پہ چھائی ہے
تری نظر کی شعاعوں سے کھو بھی سکتی تھی
مگر یہ ہو نہ سکا اور اب یہ عالم ہے
کہ تو نہیں ترا غم تری جستجو بھی نہیں،

گذر رہی ہے کچھ اس طرح زندگی جیسے
اسی کسی سہارے کی آرزو بھی نہیں
نہ کوئی جادہ دلی نہ منزل نہ روشنی کا سراغ
بھٹک رہی ہے خلاؤں میں زندگی میری
رہ جاؤں گا کھوکر انھیں خلاؤں میں اک دن
میں جانتا ہوں مری ہم نفس مگر یوں ہے
کبھی کبھی میرے دل میں خیال آتا ہے۔

مون دل ۾ سوچيو تہ ڪبهي ڪبهي ميري دل مين خيال آتا هي چو هميشہ خيال اچڻ گهرجي. ٻيو تہ سهاڳ رات هي گهونگهٽ اٺها رها هون مين. بلڪل غلط پر هيئنئن هجي ها تہ سهاڳ رات هي..... اٺها رها هون مين. انهن خيالن ۾ ٽيبل تي مينو پيل ۽ پير ۾ ويٽر بيٺل ڏٺم تہ ذهن تان گاني جي ڳالهہ لهي ڪاڏي جي ياد اچي وئي. شايد سيني پنهنجو پنهنجو آرڊر ڏئي ڇڏيو هو ۽ منهنجي آرڊر جي انتظار ۾ ويٽر بيٺو هو. سو سيني ۾ ڏسي مشڪي ۽ جلد جلد ۾ ڪريلا ۽ قيمي جو آرڊر ڏئي چُپ ٿي ويهي رهيس. منا آهستي چيو تہ مينو ۾ سوپ بہ آهي توهان چيس ڪو نہ. مون دل ئي دل ۾ سوچيو تہ هاڻ ڇا چوانس ڏڪ گُسي ويو ۽ منا کي چيم سوپ سياٽي لنڊن هلندي هلندي شپ ۾ پيئنداسين. ڏاڍو مزو ايندو.

نور ۽ فرخ پنهنجي ڌُن ۾ مگن هئا. اسان ڏانهن شايد ڌيان ڪو نہ هئن. ائن ڏهن منٽن ۾ ويٽر چار گرما گرم ويجيٽيبل سوپ اچي اڳيان رکيا. منا مشڪي چيو تہ مون تنهنجي سوپ جو آرڊر بہ ڏئي ڇڏيو هو. چو تہ توکان پڇيم تہ توکو جواب ئي ڪو نہ ڏنو سو تنهنجي بنا پڇڻ جي ئي آرڊر ڏئي ڇڏيو. مون پڇيس تہ پوءِ تو مون کان پڇيو تہ تو سوپ چو نہ گهرايو. پاڻ چيائين تہ تون ڪافي دير کان وٺي چُپ ويٺو آهين. الائي ڇا پيو دل ئي دل ۾ سوچين.

منا مون کي ٻڌايو تہ توکي ياد آهي تہ شاديءَ جي پهرئين رات بہ تو هي گانو ٽيپ ۾ وڄايو هو ۽ جنهن جا ٻول اڄ بہ مون کي ياد آهن. جيڪي، ڪجهہ هن ريت هئا.

سمٽ رهي هي تو شرما کي ميري باهون مين

۽ ائين ڪبهي ڪبهي فلم جي هن گاني مون کي پنهنجي پيار جي ياد پئرس ۾ ڏياري ڇڏي. واقعي پئرس جو شهر انسان کي سڄي زندگيءَ جي خوشين جون گهڙيون ياد ڏياريو ڇڏي ۽ انهن منٺڙين يادن کي ياد ڪندي ماٺهو سوچي ٿو تہ منهنجي زندگي بي معنيٰ ڪا نہ گذري آهي. اسان بل ڏئي هوٽل مان نڪري پئرس جي جڳمڳ روشنين مان هلندي هلندي اچي پنهنجي هوٽل تي پهتاسين.

منا نور ۽ فرخ کي ٻڌايو تہ سياٽي پئرس ڇڏي لنڊن هلبو تنهن ڪري توهان پنهنجو پنهنجو سامان هينئر ئي پئڪ ڪري ڇڏجو. جيئن توهان کي صبح جو سوير ڪا دقت پيش نہ اچي. انهن کي ايئن تاڪيد ڪرڻ کان پوءِ پاڻ بہ سڀ سامان پئڪ ڪري ڇڏيائين. سواءِ برش ۽ ريزر جي باقي صابڻ، شيمپو ٽوال، شيونگ ڪريم، آفٽر شيونگ ڪريم، باڊي لوشن، هيئر لوشن، هيئر ڪريم، فيس

لوشن، فيت لوشن، باڊي پرفيو، مائوٿ واش ۽ ڪيترن قسمن جا ننڍين شيشين ۾ پرفيوم مفت ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ پيا هئا. جيڪي استعمال ٿيل هر روز تبديل ڪري وري نوان رکي وڃن ۽ توهان هوٽل ڇڏڻ وقت جي اهي کڻي وڃو ته به هوٽل وارن کي ڪو به اعتراض نه ٿئي. ڇو ته هوٽل وارن اهي شيون توهان کي ڏئي ڇڏيون آهن. پوءِ توهان استعمال ڪيو يا پاڻ سان کڻي وڃو. اها توهان جي مرضي. صرف پندرهن ڏينهن جي ٽوئر ۾ جي اهي گڏ ڪريو ته به سون جي تعداد ۾ گڏ ٿي ويندا.

اسان اڄ به دستور مطابق پنهنجي مقرر ٽائيم تي لائيٽ آف ڪري سمهي پياسين. ڇو ته صبح هلڻ لاءِ گهڻو ڪري هڪ ئي ٽائيم هوندو هو ڪڏهن ڪڏهن ويڪ اپ ڪال wake_up_cal جو وقت گهٽ وڌ هوندو هو. سو به اڌ ڪلاڪ ڪن.

صبح سوير دستور مطابق منا قرآن شريف جو دور ڪيو جنهن کان پوءِ ٿورو ٻاهر نڪري پئرس جي پرهه ڦٽيءَ کي ڏسندا اڳتي واڪ لاءِ هلڻ لڳاسين. هڪ رات جي پڇاڙي ٻي ڏينهن جي شروعات به ڄڻ هڪ جنم جي شروعات آهي. جنهن سان نه صرف انسان ٿو متاثر ٿئي پر سج- چنڊ-تارا- پکي- پکڻ- جيت، جانورن سان گڏ وڻ ٽڻ ۽ ڌرتيءَ تي به انهيءَ جو اثر ٿيندو آهي.

صبح ٽاڻي بلڪل سانت ۽ سڪون هوندو آهي. پري پري جو آواز بلڪل صاف سٺرو ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ۽ آهستي ماڻهن ۽ ٽرئفڪ جي چرپر کان پوءِ اها ڌرتيءَ جي سڳنڌ ۽ سونهن قائم نه رهندي آهي. انهيءَ سانت جي جڳهه تي گوڙ ۽ دونهون اچي جاءِ والاريندو آهي. اڄ اسان مختصر واڪ ڪيو ۽ پئرس جي رستن، چوراهن، فوٽپاٿن ۽ گهٽين کي آخري سلام ڪندي اچي هوٽل تي پهاستين.

جت پهرئين فرخ ۽ نور کي جلد تيار ٿيڻ لاءِ چيو سين ۽ اسان به جلد تيار ٿي پنهنجو سامان ٻاهر در جي اڳيان رکي، لفٽ ۾ چڙهي اچي هيٺ آخري پيرو مفت جي نيرن سان هٿ اٽڪاياسين ڇا کائي ڇا کائجي. ٽيبل تي رکيل طعامن کي ڏسڻ سان ئي دل پرجيو وڃي پر ناشتي ۾ فرانس جي روايتي ڊبل روٽي، آلپائن ميوزلي ۽ انناس جو جوس ته ماڻهو ڇڏي نه ٿو سگهي ۽ ايئن انهن سان ئي پيٽ پرجيو وڃي. فرخ چيو ته لنڊن ڪيڏي مهل پهچبو. مون چيس ته اٽڪل شام جو ڇهين بجي گهر پهچي وڃبو. پر جڏهن انگلش چئنل ۾ شپ ۾ سير ڪبو ته لنڊن ۽ پئرس وسري ويندي ۽ دل چاهيندي آهي ته شپ ۾ پيو سير ڪجي.

اسان بس ۾ چڙهڻ کان اڳ لنڊن ۾ پوراڻيءَ کي فون ڪري ٻڌايو ته اسان شام لنڊن پهچي ويندا سين. پاڻ دستور مطابق تي چار دفعا ويلڪم ويلڪم ڪري اسان کي پليڪار ڏنائين ۽ پاڻ ڏاڍو خوش ٿيو ته اسان پنهنجو يورپ جو ٽوئر ختم ڪري واپس لنڊن اچي رهيا آهيون. اسان پئرس جي سرزمين تان هميشه لاءِ قدم کڻي بس ۾ رکيا ۽ اسان جي گائيڊ ٻڌايو ته توهان کي هاڻ ڇا ڪرڻو آهي ۽ توهان وٽ هاڻ ڇا ڇا هئڻ گهرجي.

مثلاً لنڊن وڃڻ لاءِ پاسپورٽ. ان تي ملٽي پل ويزا لنڊن کان اڳتي هر هڪ کي پنهنجي ملڪ لاءِ او کي ٽڪيت ۽ وڌيڪ ڏينهن لنڊن ۾ رهڻ لاءِ مناسب ڪرنسي شپ ۾ کٽڻ لاءِ صرف به بئگون ۽ هر هڪ کي بند ليٽر ڏنائين جنهن ۾ ڪمپني طرفان لکيل هو ته هن کي مناسب ٽپ ڏيندا ته مهرباني. اهو پاڻ واتان ڪو نه چيائين هڪ فولڊ ٿيل ليٽر ڏنائين ٽپ به انهيءَ ۾ وجهي ڪيس واپس ڪرڻي هئي. هٿ ۾ نوٽ ڏيڻا ڪو نه هئا. جيئن شخصي تذليل نه محسوس ٿئي. ٽپ توهان جي مرضي ڏيو يا نه ڏيو

۽ ڪيتري ڏيو ڪا بہ هجت يا بندش ناهي.

انهيءَ ڪارروائي دوران بس آهستي آهستي پئرس جي حسين شهر ۾ سين نديءَ سان لڳو لڳ رستي تان اڳتي پنهنجي منزل ڏانهن وڌي رهي آهي. سين نديءَ جي ڪنارن تي ساوڪ ۾ ننڍڙا ننڍڙا پکي چُهِڪي رهيا آهن تہ ڪي چهنب چهنبن سان ملائي راند ڪري رهيا آهن يا پاڻ ۾ چنبڙي پيار ڪري رهيا آهن. ڪارا, ساوا, ڳاڙها, هيڊا ۽ رنگبرنگي پکي هڪ ڪپر کان ٻئي ڪپر ۽ سين نديءَ جي پرسان وڻن ۾ رانديون ڪري رهيا آهن. نديءَ ۾ ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ بوٽ هلي رهي آهي. نديءَ جي ڪپرن تي روڊ جي فوٽ پاٿ تي ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو تيز تيز قدمن سان اچي وڃي رهيا آهن. اسان جي بس پُل پار ڪري ٻئي ڪپر تي هڪ سڌي روڊ تي هلي رهي آهي. ٿوري ئي پنڌ تي هڪ ٻئي وڏي روڊ تي چڙهي تہ روڊ تي Main street U.S.A لکيل هو. هي هڪ وڏو چوڪ آهي. جتي ڊزني لينڊ وانگر ٻارن جي تفريح لاءِ ڪنئين رانديون ۽ پارڪ ٺهيل آهن. هن ڪارنر ڪي Disney characters چون. هت ٻارن جي وندر لاءِ هڪ هٽرادي عاليشان ڊنڊ بہ ٺهيل آهي. جنهن ۾ ڪنئين ننڍيون ننڍيون ٻيڙيون ٻارن جي تفريح لاءِ بيٺل نظر آيون پر هينئر هت ڪو بہ ماڻهو نظر ڪو نہ ٿو اچي سواءِ ڪم ڪار ڪرڻ وارن جي ڊنڊ جي وچ ۾ وڏو ڦوهارو ۽ پاسن کان ننڍا ڦوهارا ٺهيل آهن. پر هينئر بند پيا آهن پاسي کان ڪيئي جڳهيون آهن. جيڪي شايد هوٽلون ۽ دڪان آهن. انهن جي پٺيان گهوڙي گاڏيون بيٺيون آهن. هت پارڪ اندر ٻاف تي ٽرام بہ هلندي آهي. ٽرام تي ڪنئين ڪارٽون ڪيترن رنگن ۾ ٺهيل نظر اچي رهيا آهن.

اسان جي بس عام بسن کان مٿانهين آهي تنهن ڪري پري پري تائين ڏسي سگهجي ٿو پر هاڻ اسان هن ٻارن جي تفريحي پارڪ کان ايترو تہ پري وڃي چُڪا آهيون جو هر شيءِ اکين کان غائب ٿي وئي آهي.

پئرس جي بنياد رکندڙ شخص کي شايد اها خبر ئي ڪا نہ هئي تہ هي شهر اڳتي هلي سڄي دنيا جي سونهن ۽ سوڀيا جو اهڃاڻ بڻجي پوندو نہ تہ هو هن شهر کي پنهنجي نالي سان ضرور منسوب ڪري ها. دنيا جا ٻيا وڏا ۽ مشهور شهر لاس اينجلس, نيويارڪ, سينفرانسسڪو ٽوڪيو لنڊن, روم, هانگ ڪانگ ۽ سينگاپور کي بہ ماڻهن سنواري سينگاري ڪٽي اڳيان ڪيو آهي پر پئرس جي ڳالهہ ئي ٻي آهي. پئرس قدرتي طرح حسين وجميل آهي. جنهن کي ڪنهن جي سينگارڻ سنوارڻ جي ضرورت ئي ڪانهي. هن جي سونهن قدرتي طرح سان هن جي شرير ۾ شامل آهي. سو سڄي دنيا خود بخود هت هلي اچي. واقعي پئرس کي قدرت دائمي سونهن نصيب ڪئي آهي, سا ختم ٿيڻي ئي ڪانهي. اسان جي بس فتح چوڪ جي يادگار کان ڦرندي پري کان شانزلي شاهراهہ جو ديدار ڪرائيندي اجان شهر جي حدن ۾ ڊوڙون پائيندي اڳتي وڃي رهي آهي. بس جي اندر صفا چُپ لڳي پئي آهي. سڀ ڪو پنهنجي ليکي شايد پئرس کان موڪلائي رهيو آهي, يا وري اچڻ لاءِ سوچي رهيو آهي. يا شايد پئرس کي ڇڏڻ لاءِ دل ئي ڪا نہ ٿي چوي, يا لنڊن پهچڻ جو انتظار آهي. يا پنهنجو شهر ياد اچي رهيو آهي, ڪجهہ تہ آهي. جو ايتري خاموشي آهي. انهن خيالن ۾ ئي اسان جي بس پئرس کي ڇڏي فرانس جي ڪشادي ۽ صاف سٿري, وڻن ۽ گلن سان سينگاريل سنواريل موٽروي تي پهچي وئي. جت بس ڪجهہ اسپيڊ ورتي تہ مسافر اکين تي ڪا شئي رکي آرامي ٿي پيا. مون ڊائري ڪڍي ڪجهہ

نوٽس لکڻ شروع ڪيا. ڇا لکان. ڪٿان شروع ڪريان پوءِ لکندس ۽ ايئن واپس ڊائري رکي ڇڏيم. منا بلڪل ستي پئي آهي. سندس پرس هيٺ لڙڪي رهيو آهي. مون خيال ڪيو ته پرس ٺاهي رکان پر دل ۾ خيال آيو ته ننڍ خراب ٿيندس. ننڍي هوندي سُتل ٻارن کي گهر ۾ اُٿاري ماني کارائبي هئي، ننڍي هوندي رات جي وقت سواءِ ماني کائڻ جي سمهي پوندا هئا سين ته ننڍ مان اٿاري گهر وارا ماني کو نه کارائيندا هئا ڇو ته بابا سائين جو چوڻ هوندو هو ته ننڍ مانيءَ کان وڌيڪ بهتر آهي. تنهن ڪري ڪنهن به ٻار کي ننڊ مان اٿاري ماني کارائڻ جو ته سوال ئي ڪو نه ٿي اٿيو. سو انهيءَ نظريي تي اسان به عمل ڪندا اچون ٿا.

ڊيگال جا قول آهن ته ”عظيم ماڻهن کانسواءِ عظيم مقصد حاصل ڪرڻ ناممڪن آهن“ سو دنيا ۾ جتي ملڪن جي ترقيءَ ۾ قدرتي وسيلن جو وڏو اثر آهي، تيئن وري ڪن ملڪن کي اهڙا ته عظيم حاڪم مليا، جن انهن قومن ۽ ملڪن جي تقدير ئي بدلائي ڇڏي

1. چارلمين
2. پوئنڪير
3. نيپولين بونا پارٽ
4. جان آف آرڪ
5. پٽپري
6. چارلس ڊيگال
7. جانڪالون
8. هينري iv

۽ ڪليمنشو جهڙا فرانس کي عظيم حاڪم مليا جن هن ملڪ کي به عظيم ملڪ ڪري ڏيکاريو ۽ جن هن ملڪ جي تقدير ئي بدلائي ڇڏي. انهن سيني پنهنجي وقت ۾ فرانس جي وڏي خدمت ڪئي. انهن ۾ هينري iv به هڪ آهي.

تاريخ ۾ اهڙا گهٽ ماڻهو ملندا جن پنهنجي ملڪ جي ڏکئي وقت ۾ پنهنجي ڪمائتين شخصي خوبين سان ايتري خدمت ڪئي هوندي. جيتري نواري جي هينري، جيڪو پوءِ فرانس جو هينري iv ٿيو ۽ پنهنجي ملڪ جي خدمت ڪئي. هو هڪ اهڙي زماني ۾ فرانس جو محبوب وطن ۽ ملڪي مدبر ثابت ٿيو. جڏهن سندس ملڪ جا ماڻهو گهٽي ياڱي مذهبي اختلافن ۽ خانداني جهيڙن ۾ ڦاٿل هئا. هن نه صرف پنهنجي تيز فهمي سان فوجي ڪاميابيون حاصل ڪيون پر عقيدي جي معاملي ۾ دنياوي لذتن کان پاسو ڪندي انهيءَ ميدان ۾ به ڪاميابي حاصل ڪئي. بادشاهي معاملن ۾ آپيشاهي هلائڻ سان گڏوگڏ درگذر کان به ڪم ورتو. هينري بوربان گهراڻي جو پهريون بادشاهه هو. هن پنهنجي ملڪ فرانس کي ٽيهن سالن کان هلندڙ مذهبي جنگين کان نجات ڏياري، ان کي خوشحال، طاقتور ۽ يورپي قومن ۾ منفرد حيثيت جو مالڪ بڻايو.

ٽيهن سالن جي تجربي هينري کي قائل ڪري ڇڏيو هو ته رياست ۾ صرف ۽ صرف بادشاهه جا اختيار هلڻ گهرجن، هو گهڻو ڪري چوندو هو ته سندس بادشاهي ”عوام جي حفاظت هيٺ“ آهي پر هن فرانس جي نمائنده اداري (اسٽيٽ) اڳيان وڌيڪ سچائي سان ڳالهائيندي چيو هو ته ”توهان جي

سڀ کان قيمتي موڙي بادشاهه جي حمايت“ آهي. هينري جي زندگي جو سڀ کان وڏو مقصد فرانس ۾ مضبوط مرڪزي حڪومت قائم ڪرڻ هو ۽ هن فرانس لاءِ اهو ئي ورثو ڇڏيو. ٽيهن سالن جي افراتفري کان پوءِ فرانس جي هر نسل ۽ طبقي جي ماڻهو آزادي مٿان، حڪومت جي سٺي ڪارڪردگي ۽ امن امان قائم ٿيڻ کي ترجيح ڏني. هينريءَ جو پاڻ سان، فرانس سان ۽ فرانس جي هر هڪ ماڻهوءَ جي حالت سان جيڪو چاهه هو تنهن ڪيس مقبول ڪرڻ سان گڏوگڏ سندس عزت به وڌائي.

سندس دور ۾ صنعت ترقي ڪئي. هن جو وزراعظم سولي هوگوبو نات ڪٽر ڪالونسٽ هوندي به، سندس بهترين صلاحڪار ثابت ٿيو. هن جي زماني ۾ روڊن، پلين ۽ واهن جي حالت سڌاري وئي، سلڪ، ڪلابات (سوني ڌاڳي) جي ڪم ۽ شيشي جي صنعت، ملڪ جي اقتصادي حالت سڌارڻ ۾ مدد ڪئي. هينري فرانس جي بوربان گهراڻي جو پهريون بادشاهه هو. جنهن پنهنجن پوين لاءِ هڪ اهڙو خوشحال ۽ مذهبي معاملن ۾ رواداري رکندڙ ملڪ ورثي ۾ ڇڏيو جيڪو مضبوط ۽ متحد هو. هن پنهنجن اختيارن ۽ مضبوط قوت ارادي، خوش خلقي ۽ حرفت کان ڪم وٺي ناممڪن کي ممڪن ڪري ڏيکاريو. جڏهن آگسٽ 1610ع ۾ هڪ ڪئٿولڪ مذهبي مجنون، ڪيس خنجر هڻي ماري ڇڏيو. تڏهن هو سڄي يورپ ۾ سڀ کان وڏيڪ متحد ۽ طاقتور ملڪ جو حاڪم هو. هن جي بواربان جانشينن فرانس کي مهانگين ۽ فضول جنگين ۾ جيڪو ڦاسايو سو شايد اڻٽر هو پر هن جي دور، هڪ صديءَ لاءِ اهڙا بنياد مهيا ڪري ڏنا جنهن ۾ فرانس يورپ جي سڀ کان وڏي طاقت رهيو. هن ملڪ سورهين صديءَ ۾ جيڪو ڪامياب تجربو ڪيو سو ڪنهن به طرح گهٽ ڪارنامو نه هو.

ماڻهو جنهن به ملڪ وڃي ٿو ته صرف انهيءَ ملڪ جي تعريف ٿو ڪري ته، واهه جو ملڪ هو ڏاڍا سٺا ماڻهو هئا، سڀ ڪم ڪار قانون مطابق پئي ٿيو اصل شينهن ٻڪريءَ گڏ پئي ڪاڏو پر ڏسڻ ۾ اهو آيو آهي ته انهيءَ ملڪ جي اوڻائين جي باري ۾ يا ته بلڪل ڪجهه به ڪو نه لکيو ويو آهي يا وري بلڪل نه برابر لکيل آهي پر انهيءَ جي ابتڙ سنڌ ۾ جيڪي به سياح آيا انهن جيڪي ڪتاب لکيا اهي سڀ سنڌ ۽ سنڌين جي خلاف لکيل آهن. مثلاً ڇچ نامو مظهر شاهجانيءَ ۾ ته سنڌين جي باري ۾ تمام گهڻو ڪينو ظاهر ڪيو ويو آهي. سنڌيءَ جي هڪ انگريز محقق لامبرڪ به Terrost ۾ حرن جي خلاف لکيو آهي حر به ته سنڌي آهن.

سو آئون به چاهيندو آهيان ته جنهن به ملڪ ۾ وڃجي انهيءَ ملڪ جي خوبين سان گڏ خامين جو به ذڪر ڪجي پر ڪي ملڪ اهڙا به هوندا آهن جن ۾ ڪا گهٽتائي نظر ئي ڪا نه ايندي آهي. تنهن ڪري انهيءَ ملڪ جي اخبارن ۽ رسالن ۾ مڙيئي ڪجهه نه ڪجهه ميڙي چونڊي پڙهندڙن اڳيان رکجي سو هي ٿورو گهڻو اخباري مواد فرانس جي اڳوڻي صدر جي خلاف ڏنم سو هت لکي رهيو آهيان. جيئن توهان حڪومت جي خلاف مخالف ڌر جا رايا پڙهي ۽ معلوم ڪري سگهو.

سرد جنگ کان پوءِ دنيا ۾ وڏيون اٿلون پٿلون آيون جن ۾ ڪيترن ملڪن جو ته وجود ئي ختم ٿي ويو. جيئن يوگوسلويا ۽ اوڀر جرمني، ته وري ڪنئين نوان ملڪ وجود ۾ آيا جيئن ازبڪستان، بوسينا، قازڪستان ۽ ٻيا به ڪيترا ملڪ پر فرينچ اجا تائين اڳوٽي صدر مترانڊ واري هاجيڪار پاليسيءَ جو شڪار آهن ۽ سرد جنگ جي خاتمي کان پوءِ به فرينچ قومي وقار ۽ اعتماد گهربل حد تائين اُجاگر نه

ٽيو. جيتوڻيڪ 1995ع ۾ سندس وفات کان پوءِ متراند جي شهرت 93 سيڪڙو وڌي ۽ اهو جلد پڌرو ٿيو ته هن فرانس کي شهسواريءَ لاءِ ڪنيو هو. هن پنهنجي جاءِ والاريندڙ جميڪس شراڪ کي گرفت کان ٻاهر پسماندگي ۽ ٻي لغام بيروزگاري واري فرانس ۾ ڇڏيو. ڦٽن تي لوڻ ٻرڪندي متراند جي حڪومت واري وزير دفاع کي ڪي جي بي  چاڙ تي طور ملزم ڄاڻايو ويو آهي ۽ متراند جي وقت واريون نظر  پرور عمارتون ۽ هوٽلون وغيره ڪِرَن پيون. ماڻهو حيران آهن ته سرڪاري  توڙي خانگي خزاني جي ذخيرن ۾ ڪجھ بچيو به آهي جنهن سان هن ڇڙو ڇڙ صورتحال کي سڌارجي. سرڪار هن ڏس ۾ ڪنئين منصوبا جوڙيا آهن پر انهن تي عمل تمام سست رفتاري سان ٿئي ٿو. سراسري طور ترت اڪلائڻ وارن ڪمن لاءِ به پارليامينٽ کي به سال لڳي ٿا وڃن. ماڻهو اجا تائين وڏيڪ پريشان پيا ٿين. جيڪا ڳالھ هميشه  حڪومت کي ڏکي تي لڳي. نتيجتاً صورتحال ڪوسويتِ ڪائڻ واري يعني سنگين آهي. عوام سمجهي ٿو ته هن صورتحال جو سبب شراڪ جي قدامت پرست پاليسي آهي ۽ سرڪار جي خيال ۾ انهيءَ جو سبب نون آبادگارن جي تعداد ۾ غير متوقع اضافو آهي. جيڪي اڪثر ٻي سرو سامان ۽ هٿين خالي اچي معيشت تي بار ٿيا آهن. ڄاڻايل صورتحال جي پيش نظر 96ع وارا اگرا واقعا پيش آيا. فرانس ۾ آگسٽ جو مهينو معمول موجب لطف ۽ لذت ماڻڻ وارو هوندو آهي ۽ هن مهيني ۾ ماڻهو ڏکهين موڪلن تي سير ۽ تفريح لاءِ گهمڻ ڦرڻ نڪري ويندا آهن  پر 1996ع واري آگسٽ جو مهينو آفريڪا مان لڏي آيل 300 ماڻهن جي جنجال ۽ فساد وارو مهينو هو. انهن مان 48 ماڻهن کي چارلس پاسقوا واري 1994ع واري قانون موجب واپس پنهنجي ملڪ موڪلڻو هو. پر ٿيو هيئنئن ته اهي سمورا 300 ڄڻا سينٽ برنارڊ واري چرچ جي هڪ حجري ۾ وڃي لڪا ۽ انهن مان ڏهن ڄڻن بک هڙتال شروع ڪري ڇڏي.

آخرڪار ويڪيشن جي خاتمي کان هڪ ڏينهن اڳ پوليس چرچ تي چڙهائي ڪري ان جا دروازا ڀڃي داخل ٿي. انهن لڪل ۽ هڙتالي آفريڪين کي پڪڙي حراست مرڪز ۾ بند ڪيو هو. ڪارروائي کي گهڻن فرينچن ساراهيو. ڇو ته سندن خيال موجب آفريڪي ۽ عرب ماڻهن هت اچي بيروزگاري ۽ اخلاقي ڏوهن ۾ تمام گهڻو اضافو ڪيو آهي. ٻئي طرف اڪثر شاگرد ۽ دانشور طبقو لڏي ايندڙن لاءِ ٺهيل قانون تي سخت تنقيد ڪري ٿو. سندن چوڻ آهي ته مٿيان قانون حڪومت پنهنجي نااهليءَ کي لڪائڻ لاءِ ترتيب ڏنا آهن.

سن 1996ع شراڪ لاءِ لڳاتار مصيبتن جو سال رهيو. جنهن دوران ٽپال گهرن ۽ ٻين سرڪاري آفيسن ۽ عوامي جڳهين تي بم ڌماڪن سان ماڻهن کي ماريو ويو ۽ دهشت گردي ڦهلائي وئي. انتظاميه ٽن طرفن کان دهشت گرديءَ جي ضد ۾ آئي وغيره.

بهرحال هي هنن جا پنهنجا رايا آهن. اسان مختصر وقت ۾ پنهنجو ڪو به رايو قائم ڪو نه ٿا ڪري سگهون. تنهن ڪري پاڻ اچون ٿا  واپس پنهنجي سفر جي پچار تي.

اسان فرانس جي ميداني علائقي مان وڃي رهيا آهيون. پري پري سرسبز پهاڙن تي ڳاڙها گهر جن جي ارد گرد وڏا وڏا خوبصورت وڻ صاف نظر اچي رهيا آهن ته وري ڪنهن ڪنهن هنڌ ايڪڙ ٻيڪڙ گهر. نه ته صرف پهاڙ ئي پهاڙ. ٽن مٿان  سنهڙا ڏگها وڻ. پهاڙن جي سونهن ۽ عظمت کي وڌيڪ اجاگر ڪريو بيٺا آهن. مائوزي تنگ جو هڪ شعر آهي ته

”سونهن هميشہ توهان کي پهاڙن جي چوٽين تي ملندي“

آمريڪي صدر نڪسن پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب ليڊرس (Leaders) ۾ پئرس شهر مان واپس ٿيندي بنجمن فرينڪلن جا هي لفظ ياد ڪندي لکيا آهن تہ:

”دنيا ۾ هر انسان ٻن ملڪن جو شهري آهي. هڪ پنهنجي ملڪ ۽ ٻيو فرانس جو“

منهنجي سوچ مطابق انهيءَ جملي جي معنيٰ آهي تہ هر ماڻهو کي فرانس اهڙو ئو وٽي ۾ پنهنجو محسوس ٿئي جو هر انسان فرانس کي پنهنجو ڇوڙ تي مجبور ٿيو پوي ۽ انهيءَ جي سڪ ايئن ستائي ٿي جيئن پنهنجي ملڪ کان ٻاهر پنهنجي ملڪ جون يادون.

فرانس مون ڪنئين دفعا ڏٺو آهي پر مونکي فرانس هميشہ جوان لڳو. ڇو تہ :

”جواني ئي سونهن آهي.“

بس ۾ مائيڪل جيڪسن جو گانو Thirller تمام ڌيمي آواز ۾ وڄي رهيو آهي. دل ۾ خيال ڪيم تہ گائيڊ کان پڇان تہ ماني رستي ۾ ڪنهن هوٽل تي کائبي يا لنڊن پهچي پر لنڊن تہ ڪافي دير سان پهچبو. تيستائين بک تہ لاهہ ڪيي ڇڏيندي. پر ياد آيو تہ گذريل سال جڏهن پئرس کان لنڊن وڃي رهيو هوس تہ ماني انگلش چئنل ۾ هلندڙ شپ ۾ کاڌي هيم سو هينئر بہ اتي ئي کائي وٺنداسين. شپ ۾ ڪافي ٽائيم هوندو پر هن روڊ تي بہ ٻن ٽن ميلن تي شاندار هوٽلون آهن جت سياحن لاءِ هر سهوليت مهيا هوندي آهي. شايد ڪٿ بيهارين ڇو تہ پئرس کان ڪيلائس Calais تائن ڪافي مفاصلو آهي. جيڪڏهن سواءِ اسٽاپ جي هليا تہ ويهي ويهي ٿڪجي پئبو پر جيڪڏهن ماني لاءِ بيهبو تہ وري ڪافي دير ٿي ويندي. انهن ئي خيالن ۾ هوس تہ گائيڊ هن علائقي جو تعارف ڪرايو ۽ انهيءَ سان گڏ اهو بہ ٻڌايو تہ پاڻ ڪيلائس پورٽ پهچڻ کان اڳ واٽ تي هڪ جڳهہ تي تمام ٿورڙي وقت لاءِ بيهنداسين. ۽ پوءِ وري اڳتي پنهنجي منزل لاءِ روانا ٿينداسين. پاڻ اهو ٻڌائڻ کان پوءِ واپس پنهنجي ليڪچر کي شروع ٿي ويو جيڪو ڪجهہ هن ريت آهي.

سن 1348ع جي اونهاري ۾ پليگ (وبائي) بيماري يورپ ۾ پکڙي ۽ چار سال برقرار رهي جنهن دوران يورپ جي آدمشماريءَ جو اٽڪل ٽيون حصو يعني 33 سيڪڙو موت جو کاج ٿي ويو. پئرس جي سرنديءَ وارا ماڻهو شهر ڇڏي ٻهراڙيءَ ۾ ٻين سلامتيءَ وارن ماڳن تي وڃي رهيا. نتيجي طور فصل تمام خراب ٿيا ۽ قوم خطرناڪ مالي بحران ۾ وڪوڙجي وئي.

انگريزن جي فرانس سان سؤ سالا جنگ دوران فرينچ تخت تي قبضي جي نيت ڪري هن فرانس ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڪيترائي رستا ٺاهيا. پنهنجي بيپناهہ طاقت سان تقريباً سمورو اترين ڀاڱو جنهن ۾ پڪارڊي Pkardy ۽ نارمنڊي Normandy شامل آهي. تنهن ڪانسواءِ شيمپين لوئر واديءَ جا ڪجهہ حصا ۽ گوئين Guyenne وارو وڏو علائقو پنهنجي قبضي ۾ آندو. هن صورتحال دوران هڪ ڪرشمہ ساز شخصيت، هاري خاندان جي ڇوڪريءَ جان آف آرڪ joan of Arc عظيم سورميءَ جي صورت ۾ نمودار ٿي. جنهن مايوس ۽ ڇڙوڇڙ فرينچ لشڪر کي منظم ۽ مضبوط بڻائي دشمن خلاف بي مثال جدوجهد شروع ڪئي ۽ بزدل فرينچ ولي عهد جي لاءِ بادشاهہ چارلس ستين جي حيثيت ۾ ريمس جي ڪيٿيڊرل (گرجا ۾ سندس تاج پوشي جو بندوبست ڪيو. ڪيٿولڪ چرچ جي مخالفت ڪري هن سورميءَ کي رائج مذهب جي مخالف هئڻ جي الزام تحت روئين شهر ۾ 1431ع

۾ تياس تي تنگي ساڙي قتل ڪيو ويو. نئين تخت نشين بادشاهه جي اڳواڻيءَ ۾ آندل سڌارن ڪري مالي طور ڪجهه قوت حاصل ٿي ۽ قومي وقار به ڪي قدر بحال ٿيو. پاڻ ۾ وڙهندڙ ۽ ڇڙوڇڙ فوجي ٽولن جي پاڻ ۾ ناهه ٽيڻ ڪري انهن انگريزن کي ملڪ جي وڏي حصي مان پڄائي ڪڍيو ۽ انگريزن وٽ فقط نارمنڊي وارو ڪيلائس بندر قبضي هيٺ رهيو. سيلٽڪ ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن تي مشتمل اولهه وارن علائقن کي فرانس ۾ ضم ڪرڻ خاطر بادشاهه چارلس اٺين سن 1400ع جي آخر ۾ برٽيني واري آخري شهزادي اينيءَ Anne last duches of birttany سان شادي ڪئي.

اهڙيءَ طرح انگريز ۽ فرينچ هن رشتي جي ڪري وري پاڻ ۾ مٺ مائٽ ٿي امن ۽ شانتيءَ سان رهڻ لڳا. اسان جي بس هڪ شاندار ٽوئرسٽ اسپاٽ تي اچي بيٺي آهي هيءَ پوائنٽ هڪ پهاڙيءَ جي وچ ۾ آهي. جت بيهڻ سان هڪ شاندار ويو نظر اچي رهيو آهي. يعني مٿي پهاڙ ۽ هيٺ به پهاڙ وچ ۾ اسين بيٺا آهيون ۽ پري کان جبلن مٿان هيٺ پاڻي وهي رهيو آهي ۽ هيٺ ڪرندڙ پاڻيءَ تي سج جي روشني پئجي رهي آهي. جنهن ڪري پاڻي چمڪي رهيو آهي. ساوڪن مان هيٺ ڪندڙ پاڻي ڏاڍو خوبصورت لڳي رهيو آهي. هت فقط هڪ هوٽل آهي جنهن اڳيان خوبصورت پارڪ آهي. پارڪ جي وچ ۾ ننڍو تلاءُ آهي جنهن ۾ ڊائنوسار جو مجسمو لڳائي ڇڏيو آهي. پارڪ جي چوطرف ڪاٺ جون بئنچون رکيل آهن. اسان انهن تي ويهي ڪافي جو آرڊر ڏنو. نور ۽ فرخ باٿ روم ڏانهن ويل آهن. چوطرف سياح گهمي ڦري ۽ ڊائنو سار جي پرسان هڪ ٻئي جا فوٽا ڪڍي رهيا آهن. اسان هت ڪافي پي باٿ روم مان ٿي واپس اچي بس ۾ ويٺاسين ته سڀ مسافر بس ۾ ويٺل ڏنم ۽ بس هلڻ لڳي. اسان فرانس جي حسين شاهراهن تان هلندي فرانس جي آخري جهلڪ ڏسندي ڏسندي اچي پنهنجي منزل يعني فرانس جي ساموڊي بندر ڪيلائس تي بس مان لٿا سين. هي بندر فرانس جي نارمنڊي علائقي ۾ آهي. هت اسان جي اميگريشن ۽ ڪسٽم ڪليئرنس ٿي جنهن بعد اسان هت ڊيوٽي فري شاپ تان ڪجهه خريداري ڪئي.

اسان کي هت ڊيوٽي فري شاپ ۾ گهمندي ڦرندي ڪافي وقت ٿي ويو تنهن کان پوءِ اسان واپس بس ۾ چڙهي اچي انهيءَ شپ جي ويجهو لٿاسين. جيڪا اسان کي هتان کان ڪٽي انگلش چئنل ڪراس ڪري انگلينڊ جي ساموڊي بندر ڊوور تي لاهيندي جتان اسان ٽوئر وارن جي بس ۾ چڙهي ٽوئر شروع ڪيو هو انهيءَ پوائنٽ تي اچي لهنداسين. پوءِ هر سياح اتان کان پنهنجي پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿيندو. اسان بس مان لهي پنهنجي ٽوئر جي آمريڪن گائيڊ ٽوڊ ۽ رومن ڊرائيور جان ڪارلو کان موڪلائي پنهنجو پنهنجو سامان ڪٽي شپ ڏانهن روانا ٿياسين. جيڪا اسان جو انتظار ڪري رهي هئي. ٿوريءَ دير ۾ شپ انگلش چئنل تي ترڻ لڳي. شپ جي هلڻ شرط شپ هوسٽس اسان کي اڄ جون انگريزي اخبارون، جوس، پيسٽري ۽ ٽافي ڏني. مون ڏنو ته نور ۽ فرخ سندن سيٽن تي ڪو نه هئا. نه رڳو اهي ڪو نه هئا پر اڌ شپ خالي پيو هو. آئون به ٻاهر نڪري ڊيڪ ڏانهن ويس ته ڪافي تعداد ۾ شپ جا پئسنجر ٻاهر بيٺل ڏٺم جيڪي شپ جي پويان نڪرندڙ پاڻي کي ڏاڍي چاهه سان ڏسي رهيا هئا. جيڪو فين جي ڦيري ڪري پاڻيءَ کي ڌڪي پويان ڪري رهيو هو ۽ انهيءَ ڪري شپ جي پوئين حصي تي پري پري تائين پاڻيءَ جي تيز ڌارا مٿي اڀري ڏاڍو سنو ڏيک ڏئي رهي هئي. جنهن کي ڏسڻ لاءِ سوين ماڻهو اچي هت گڏ ٿيا آهن ۽ اسان به اهو منظر ڏاڍي شوق سان ڏسي رهيا

آهيون. هونئن بہ شپ تي ڏاڍو مزو اچي رهيو آهي.

فرانس کان برطانيا وڃڻ لاءِ هوائي سروس کانسواءِ ريل توڙي بس سروس پڻ آهي. جيڪا انگلش چئنل ۾ تعمير ٿيل ٽيونلن وسيلو ٿئي ٿي پر انهيءَ کانسواءِ قديم آمدرفت جو وسيلو انگلش چئنل ۾ جهاز رانيءَ وارو پڻ آهي، جيڪو صدين کان قائم آهي. فرينچ ماڻهو انگلش چئنل کي عام طور تي لامانچي la manche يعني قميص جي ٻانهن سڏيندا آهن.

انگلش چئنل ۾ برطانيا ۽ يورپ جي سمورن وابستہ ملڪن جي وچ ۾ فيري سروس چالو آهي. اها سروس جنهن ۾ ننڍيون توڙي وڏيون لانچون شامل آهن. انهن مان ڪن لانچن ۾ فقط مسافر کڻجن ٿا پر وڏين لانچن يا ٻيڙين ۾ موٽرون، وينون ۽ ٽرڪون پڻ چاڙهيندا آهن. هي پتڻ واريون ٻيڙيون ڏينهن توڙي رات سروس ۾ مشغول آهن. البتہ ڪڏهن ڪڏهن موسمي خرابيءَ، طوفان يا ويرن جي اتار چڙاهہ سبب پنهنجي نظام اوقات ۾ مجبوراً ڦير گهير ڪرڻي پوين ٿي. انهن لانچن جي اچڻ وڃڻ جو وقت ريل گاڏين جي ٽائيم ٽيبل سان ٻيٽي مرتب ڪيو ويو آهي. جيئن تہ سمورن وسيلن وارن مسافرن کي هڪ ئي وقت تي سفر جون سموريون سهوليتون ميسر هجن ۽ اهي مرضيءَ موجب ريل يا لانچ ۾ سفر ڪري سگهن.

انهيءَ سلسلي ۾ لنڊن ۽ پئرس شهرن جي وچ ۾ هلندڙ مواصلاتي وسيلن جو ٽائيم ٽيبل سڀ کان وڌيڪ مربوط ڪيو ويو آهي.

ڊوور کان ڪيلائس ۽ بولون و چ ۾ موجود مکيہ روٽن تي گهٽ ۾ گهٽ روزاني اوٽ موٽ ٻارهن چڪر لڳايا وڃن ٿا.

ڊوور ۽ ڪيلائس شهرن وچ ۾ سڀ کان ٿورو مفاصلو آهي ۽ اتي هلندڙ هائڊرو فوئل ۽ هوور ڪرانٽ لانچون سني موسم دوران فقط چاليهہ منٽ وٺن ٿيون. ساڳئي فاصلي کي طئي ڪرڻ ۾ آهستي هلندڙ لانچن کي ڪئين ڪلاڪ لڳيو وڃن.

موٽر ڪار پتڻ وسيلي ڪٽي وڃڻ لاءِ اڳواٽ انهيءَ جي بڪنگ ۽ رزرويشن ضروري آهي، ڇو تہ موٽر گاڏين واري جڳهہ اڪثر ڪري ڀريل هوندي آهي. فرانس ۽ انگلينڊ وچ ۾ فيري سروس ۾ سڀني کان وڌيڪ پيش پيش channel lines ڪمپني آهي. هيءَ ڪمپني انگلينڊ جي پورٽس مائو ٿ شهر کان فرانس جي چربرگ شهر جي وچ ۾ پئسنجر توڙي موٽرون کڻندڙ لانچن جي سروس ڪندي آهي. جيڪي ڏينهن ۾ ٽي چڪر لڳائيندڙيون آهن. هر چڪر ۾ اٽڪل سوا چار ڪلاڪ وقت لڳي ٿو. رات جي چڪر ۾ ست ڪلاڪ لڳي وڃن ٿا.

پورٽس مائوٿ کان فرانس جي شهر لي هاور تائين ڏينهن ۾ ٽي چڪر لڳايا وڃن ٿا، هر چڪر ۾ اٽڪل سوا پنج ڪلاڪ لڳن ٿا. اسان اڄ جنهن روٽ ذريعي ويندا سين اهو سڀ کان وڌيڪ مشهور روٽ انگلينڊ جي ڊوور شهر ۽ فرانس جي ڪيلائس شهر جي وچ ۾ هلندڙ لانچن وارو آهي. هن روٽ تي ڏينهن ۾ چوويهہ چڪر لڳايا وڃن ٿا ۽ هر طرف فقط سوا ڪلاڪ وقت لڳي ٿو.

ڊوور ۽ ڪيلائس شهرن جي وچ ۾ هن ڪمپنيءَ جون لانچون روزاني ويهارو کن چڪر لڳائين ٿيون. انهن لانچن ۾ مسافرن سان گڏ سندن موٽر ڪارون پڻ کڻندا آهن. هي لانچون چئنل ڪراس ڪرڻ ۾ اٽڪل ڏيڍ ڪلاڪ وقت وٺن ٿيون.

فرانس ۽ انگلينڊ جي وچ ۾ هلندڙ سمورين لانچن جو ڀاڙو عام طور ساڳيو هوندو آهي. بالغن لاءِ هڪ طرف پنجويهه پائونڊ يا چاليهه ڊالر سينيئر سٽيزن يا پاڻ وٽ مروج لفظ عمر رسيده ماڻهن لاءِ ٻاويهه پائونڊ يا پنجٽيهه ڊالر ۽ ٻارن لاءِ پندرهن پائونڊ يا چوويهه ڊالر آهي.

هوور اسپيڊ hover speed نالي ڪمپني ڊوور ۽ ڪيلائس واري روٽ تي هوور ڪرافٽ لانچون هلائي ٿي جيڪي هڪ ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن چڪر لڳائين ٿيون ۽ فقط پنجٽيهن منٽن ۾ چينل ڪراس ڪن ٿيون.

هيءَ ڪمپني سي ڪئيٽ نالي لانچون پڻ هلائيندي آهي. جيڪي بولون ۽ فاڪس شهرن وچ ۾ سروس ڪن ٿيون. هي لانچون هن روٽ تي اٽڪل چار چڪر لڳائين ٿيون ۽ اٽڪل 55 منٽن ۾ چئنل ڪراس ڪن ٿيون. هنن لانچن جو عام ڀاڙو 25 پائونڊ يا 40 ڊالر آهي.

هنن پنڻن يعني لانچن ۾ ڪجي ويندڙ ڪارن جو ڀاڙو 130 ڊالر وٺن. مون فرانس ۽ برطانيا وچ ۾ سمنڊ ذريعي هلندڙ سمورن روٽن جو ذڪر انهيءَ ڪري ڪيو آهي تہ جيئن لنڊن يا پئرس ويندڙ سياح اهي هڪ ٻئي جي ويجهو شهر بہ ڏسي سگهن نہ تہ اسان جو اڄ جو روٽ اڳوات مقرر ٿيل هو. يعني ڪيلائس کان ڊوور- اسان ڪافي دير ٻاهر ويهي پوءِ اندر ڊائيننگ هال ۾ وياسين. منا چيو تہ ڪافي وقت تي ويو آهي سو آئون ماني ڪو نہ ٿي کائيان باقي توهان پلي پاڻ لاءِ گهرايو. آئون صرف جوس پيئنديس. مون پنهنجي لاءِ فش ۽ چپس جو آرڊر ڏنو. نور ۽ فرخ پنهنجي پنهنجي پسند جو آرڊر ڏنو. ٿوريءَ دير ۾ اسان جي آرڊر جي تعميل ٿي ۽ اسان بہ ٿانوَ خالي ڪرڻ ۾ دير ئي ڪا نہ ڪئي. جيڪي پڻ پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهيا آهن. آئون پئرس ۾ ڪنئين دفعا آيو آهيان. سو بهتر ٿو سمجهان تہ توهان کي بہ پئرس جي رهائش ۽ تفريح جي سَيستين ماڳن مڪانن جي باري ۾ ڪجهہ رهنمائي ڪريان.

پئرس جي سَيستين ٽوئرسٽ رهائش ۽ ماني جي هوٽلن/ ريسٽورانٽن، نائيٽ ڪلبن، وائين بارس، پبلڪ بارس، ميوزڪ هالن، گي ۽ لئسبين ڪلبن جو تفصيل ڪجهہ هن ريت آهي.

پئرس شهر جون سستيون هوٽلون

1۔ هوٽل برٽانيڪ hotel britannique
2۔ مينسارٽ هوٽل Hotel mansard
3۔ ٽم هوٽل لوور Tim Hotle louvre
4۔ هوٽل اوپل Hotel opal
5۔ گرانڊ هوٽل سينٽ مچل Grand Hotel st: Michel
6۔ هوٽل لي هوم ليٽن Hotel le home latin
7۔ هوٽل ڊي لاسوربون Hotel de la Sorbonne
8۔ هوٽل جارڊن ڊيس پلينٽس Tim Hotel jardin des plantes
9۔ ڊيلهيز هوٽل Delhy's Hotel
10۔ هوٽل اوائٽڪ Hotel Aviatic
11۔ هوٽل ڊيو گلوب Hotel du globe

12۔ هوٽل ڊي نيورس Hotel de nevers
13۔ هوٽل لنڊ برگ Hotel lind bergh
14۔ هوٽل سول فيرينو Hotel solferino

سستا ريسٽورانٽ
1۔ اينجلينا Angelina
2۔2 ڪيفي رچيليو Café richelien
3۔ جو ايلين Joe Allen
4۔ لي پول آءُ پاٽ Le pule ou pot
5۔ ليس ڪيور Les cure
6۔ چيز جانو Chez janou
7۔ ايل ايمبسيڊ ڊي آورن L' Ambassade d' Auvergne
8۔ براسري ڊي آءِ لي سينٽ لوئس Brasserie De' I' lle st: Louis
9۔ چيز جو گولڊن برگ Chez jo golden berg
10۔ رائل ميڊلين Royal Madeleine
11۔ آءُ پيٽٽ رچ Au petit Riche
12۔ لاپي ٽائيٽ ٽونڪينوائيز La_ p'tite tonkinoise
13۔ بسٽرو ڊي ايل ايٽائيل Bistro de I' etoile
14۔ پيرائوڊن Perraudin
15۔ پيٽائيٽ هاسٽلري Petite Hostellerie
16۔ آڪس ڪارپينٽيئرس Aux charpentiers
17۔ چيز ڊائين Chez Diane
18۔ ڪريمري ريسٽورانٽ پوليڊور Cremerie Restourant Polidor
19۔ لابيسٽائيڊ اوڊيئن Le Bastide Odeon
20۔ لي پروڪوپ Le Procope
21۔ ريسٽورانٽ ڊيس بيئڪس آرٽس Restaurant des beaux Arts
22۔ روٽيسري ڊي اين فيس Rotisserie d_en face

ٿيٽر ۽ ميوزڪ هال
1۔ سائيٽ ڊي لاميوزڪ Cite de la music
2۔ ميسن ڊي ريڊيو فرانس Maison de radio france
3۔اوپيرا باسٽل Opera Bastille
4۔ اوپيرا ڪامڪ Opera comique

5۔ اوپيرا گارنيئر Opera Garnier
6۔ ٿيٽر ڊيس ڪيمپس ايلاٽيسيز Theater des champs Elysee's
7۔ ٿيٽر ميوزڪل ڊي پئرس Theater musical de pairs
8۔ ٿيٽر نيشنل ڊي شيلاٽ Theater National de chaillot
9۔ لي باٽا ڪلان Le bata clan
10۔ اولمپيا Olympia
11۔ آءُ ڪيوبو ڊي لابولي Au caveau de la bolee
12۔ آءُ لاپن اگائيل Au lapin Agile
13۔ ٿيٽر ڊيس ڊيوڪس اينس Theater des denx Anes

نائيٽ ڪلبون

1۔ چيز مڪائو Chez michou
2۔ ڪريزي هارس سيلون Crazy horse saloon
3۔ فوليز برگر Folies Bergere
4۔ ليڊو ڊي پئرس Lido de paris
5۔ مولين روج Moulin Rooge
6۔ ولا ڊي ايسٽ villa de este
7۔ جاز ڪلب لاوِلا Jazz club la villa
8۔ لي بلبوڪيٽ/ ڪلب سينٽ جرمين Le bliboquet/club st: germain
9۔نيو مارننگ New Morning
10۔ سلو ڪلب slow club

ناچ گهر / ڊانسنگ ڪلب

1۔ بس پالا ڊيئم Bus palla dium
2۔ لا بالا جو La balajo
3۔ لي نيو رِوَر سائيڊ La new River side
4۔ لي سينٽ Le saint
5۔ ليس بينس Les bains
6۔ ليس ايٽائيلس Les etoiles
7۔ ريڪس ڪلب Rex club

وائين بارس

1۔ آءُ ساوگنن Au sauvignon

2_ جوو نائيلس Juveniles
3_ ليس بيڪ چانٽس Les bacchants
4_ وليز وائين بار Willi's wine bar

پبلڪ بارون
1_ اڪيڊمي ڊي لابيئر Academic de la biere
2_ بار ڊي ڪريلان Bar de carillon
3_ بار هيمنگوي/ باروينڊوم Bar hemingway/bar Vendome
4_ دي چائنا ڪلب The china club
5_ هيريز نيويارڪ بار Harry's new yark barr
6_ لي فورم Le forum
7_ پب سينٽ جرمن. ڊيس پريس Pub saint Germain_ des_ pres

گي ۽ لئسبين ڪلبون
1_ بنانا ڪيفي Banana café
2_ لاڪيمپميسل La champmesle
3_ لي بار Le bar
4_ لي بار سينٽرل Le barr central
5_ ايل اينٽر ايڪٽ Le entr acte
6_ لي ڪُئين Le queen.

اسان جو هي محل نما جهاز هاڻ انگلينڊ جي ڪپرن کان گهٽو پري ڪونهي. اسان هتان کان هاڻ برطانيا جو بحري بندر ۽ ان جي پهاڙن تي اڏيل ڪوٽ قلعا چٽي طرح ڏسي رهيا آهيون. جهاز جي ڪپتان اسان کي لائوڊ اسپيڪر ذريعي ٻڌايو تہ پاڻ هاڻ جلد برطانيا جي بحري بندر ڊوور تي پهچڻ وارا آهيون. جنهن ڪري توهان خاموشيءَ سان پنهنجين پنهنجين سيٽن تي چيلهہ جا بيلٽ ٻڌي آرام سان ويهي رهو. جيسين وجي هي جهاز ڪپر پيڙو ٿئي اسان بہ ايئن پنهنجون پنهنجون سيٽون درست ڪري خاموشيءَ سان انهن تي ويهي رهياسين.

اسان سڀ کان پهرئين فون ۾ سڪا وجهي يوراٽي کي فون تي پنهنجي اچڻ جو ٻڌايو. تنهن بعد پنهنجو پنهنجو سامان سهيڙي اچي گيٽ جي ويجها ٿياسين. ڇو تہ هيٺ لهڻ لاءِ گيٽ تڏهن کلندا آهن جڏهن جهاز جي ڏاڪڻ هيٺ زمين تان جهاز سان لڳندي آهي ۽ پوءِ مسافر هيٺ لهندا آهن پر جهاز سان ڏاڪڻ اجان ڪا نہ لڳي هئي. انهيءَ کان اڳ جهاز جي هيٺان ويڪري ڏاڪڻ لڳائي پهريائين جهاز اندر گاڏين کي هيٺ لاٿو ويو. تنهن کان پوءِ اسان ۽ اسان جي سامان کي هيٺ لهڻ جي اجازت ملي. اسان بہ لائين ٺاهي هڪبئي جي پويان هڪ هڪ ٿي جهاز مان هيٺ لهڻ لڳاسين تہ اسان جي ٽوئر ڪمپني ڪاسموس وارن جو اسٽاف هٿن ۾ ڪاسموس جو لکيل هي بينر کڻي تہ

اسان توهان کي پنهنجي ڪامياب سفر تان واپس اچڻ تي خوش آمديد چئون ٿا. بيٺل نظر آيو. اسان جي بس بہ ٿوري پري اسان جي انتظار ۾ اسٽارٽ بيٺي هئي. اسان جي گائيڊ جي رهنمائي ۾ اچي پنهنجي بس ۾ ويٺا سين. جنهن تي ڪاسموس لکيل ڪو نہ هو پر ڪاسموس جي نالي سان بينر لڳل هو.

اسان سواءِ ڪنهن بندش جي پنهنجي پنهنجي پسند جي سيٽن تي ويهي رهياسين ۽ هڪٻئي کي ائڊريسون ۽ فون نمبر ڏيڻ لڳاسين. تہ توهان جڏهن بہ اسان جي ملڪ ۾ اچو تہ اسان سان ضرور ملجو. ايئن هڪ ٻئي کان موڪلائڻ جي گڏجاڻي ڪرڻ لڳاسين. ڪنهن چيو تہ اڄ ئي شام جو فلائيٽ ۾ آئون پنهنجي ملڪ واپس هليو ويندس تہ وري ڪنهن چيو تہ ٻہ ٽي ڏينهن هت لنڊن ۾ گهمڻ کان پوءِ پنهنجي ملڪ ويندس يا وري گذر سفر جو هڪٻئي سان حال احوال تہ پئرس ۾ ڏاڍو مزو هو. روم ڪيترو نہ قديم آهي، سوئيزرلينڊ کي ڪيئن نہ پراڻي طرز تي اجان تائين قائم رکيو اچن.

چند شهرن کان سواءِ باقي ٻيو سڄو يورپ ڪيڏو نہ مهانگو آهي. مطلب تہ سڀ ڪنهن وٽ چوڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور هو. ڇو تہ پندرهن ڏينهن جي هن ٽوئر ۾ اسان هاڻ هڪٻئي لاءِ اجنبي ڪو نہ هئاسين. تنهن ڪري جيسين وڃي بس ڊوور جي هن ننڍڙي شهر جي روڊن تي ڊوڙڻ لڳي تيسين اسان تمام پنهنجائپ واري انداز ۾ هڪٻئي سان روح رهاڻيون ڪندا رهياسين.

ڊوور جو شهر، جنهن جي بحري بندر تان چينل پار ڪندڙ گهڻي ٽريفڪ اچي ۽ وڃي ٿي، سامونڊي تفريح گاهہ جي حيثيت ۾ ڪا خاص ڪشش نہ ٿو رکي. پر اهو ڪينٽ واري ساحل جي ٻين تفريحي ماڳن جو سير ڪرڻ ۽ گهمڻ لاءِ مرڪز طور ڪم اچي ٿو. انهن بندرن کي سِنڪ پورٽس سڏبو هو جن ۾ ڊوور بندر پڻ شامل هو. بندرن جي اها فيڊريشن وچئين دور ۾ قائم ٿي. جنهن کي بحري فوج مهيا ڪرڻ جي عيوض برطانوي سرڪار طرفان گهڻيون سهوليتون مليل هيون. رات جو لنڊن لاءِ تمام گهٽ سواري ملڻ سبب مجبورن ڊوور ۾ رهڻو پوي ٿو. ڊوور جو مکيہ پٽڻ شهر جي اوڀر طرف ميل کن پنڌ تي آهي. لنڊن لاءِ ڪوچ هتان هلي ٿي. ريلوي اسٽيشن شهر جي اتر اولهہ طرف ڏهن منٽن جي پنڌ تي آهي. بس اسٽيشن شهر جي وچ ۾ پيينسيٽر اسٽريٽ ۾ واقع آهي. ٽوئرسٽ آفيس ٽائون وال اسٽريٽ ۾ آهي.

لنڊن روڊ تي چارلٽن هائوس وٽ هڪڙي يوٿ youth هاسٽل پڻ آهي. اونهاري جي مند ۾ گڊوائين روڊ تي ڪنئين مسافر خانان بہ آهن. ڊوور جي وائيٽ ڪلفس سامونڊي ڪناري وارين سفيد ٽڪرين تي گهمڻ ۾ خاص لطف حاصل ٿئي ٿو ۽ ٻيڙيءَ ۾ سير ڪندي هنن ٽڪرين جو نظارو بہ ڏاڍو دلڪش آهي. هنن ٽڪرين جي چوٽيءَ تان ويهہ ميل پري ڪيلائس ٽڪرين جو نظارو پڻ ڪري سگهجي ٿو.

شهر ۽ اوڀر طرف وارن پٽڻن جي وچ تي سمنڊ جي ڪناري هڪ اوچي هنڌ تي ڊوور شاهي محل اڏيل آهي. هي محل نارمن دور حڪومت جي نشاني آهي، جيڪو وچئين دور ۾ تعمير ٿيندڙ مورچن وارين ديوارن سان گهيريل آهي. محل جي احاطي اندر رومي دور ۾ تعمير ٿيل لائيٽ هائوس جا آثار موجود آهن. اهو لائيٽ هائوس پهرين عيسوي صدي ۾ ٺهيو هو. تنهن ڪانسواءِ هتي هيل فائير ڪارنر پڻ آهي. جنهن ۾ سرنگهون ٺهيل آهن. برطانوي نيوي وارا ٻي مهاڀاري لڙائي دوران حملي جي وقت ۾

محل ۽ قلعي جي دفاع لاءِ انهن سرنگهن کي استعمال ڪندا هئا.

هت وائيٽ ڪلفس ايڪسپيريئنس نالي هڪڙو زبردست ميوزم قائم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ۾ هڪڙي ڊرامائي تصوير آويزان آهي جنهن ۾ رومي شهنشاهه حمله آور جي حيثيت ۾ ڊيل نالي شهر جي ويجهو سمنڊ جي ڪناري تي لهندي ڏيکاريو ويو آهي. جاٽايل شهنشاهه اهو حملو سن 55 ق. م ۾ ڪيو هو. ٻي تصوير ۾ ڊوور شهر جو سن 1944ع جو نظارو ڏيکاريل آهي.

پراڻي ٽائون هال کان هيٺ هاءِ اسٽريٽ تي شهر جو جيل وڪٽورين دور جي جيلن واري طرز تعمير جو مثال آهي، جنهن ۾ ڪجهه وڏيڪ ڪورٽ روم ۽ ايڪسرسائيز يارڊ پوءِ تعمير ڪيا ويا آهن.

شهر جي عجائب گهر ۾ رومي مصوريءَ جا ناياب شاهڪار موجود آهن. جيڪي پينٽ هائوس ۾ ڏسي سگهجن ٿا. هي ميوزم مارڪيٽ اسڪوائر ۾ قائم ڪيو ويو آهي. شهر جي اولهه طرف هڪڙو زبردست اوچو ميدان آهي، جيڪو اصل ۾ ڊهيل، نيپولين واري دور ۾ قلعي جي جاءِ وقوع آهي. هتي هڪڙي عجيب شيءِ ٽيڙي ڏاڪڻ ٺهيل آهي. جنهن کي گرانڊ شافٽ سڏين ٿا. حملي جي حالت ۾ فوجي انهيءَ تان تمام تيزي سان جلدي هيٺ لهي قلعي ۽ بندر جي حفاظت ڪري سگهندا هئا.

اسان جي بس اچي برٽش ڪسٽم ۽ اميگريشن جي بلڊنگ ٻاهران بيٺي جت سواءِ ڪنهن پڇ پڇان جي اسان کي ٿوري ئي وقت ۾ فارغ ڪري ڇڏيائون. جنهن کان پوءِ اسان برٽش موٽر وي ذريعي لنڊن ڏانهن روانا ٿي وياسين. چوطرف سرسبز ميدانن ۾ ساوڪ ئي ساوڪ جي وچ ۾ اسان جي بس تيز اسپيڊ ۾ هلي رهي آهي. آئون ۽ مِنا گڏ ويٺل آهيون، نور ۽ فرخ پنيان ويٺا آهن. اسان جي پر واري سيٽ تي ڪاسموس وارن جي اسٽاف جي ڇوڪري وائين پي رهي آهي ۽ پاڻ سان ڳالهيون ڪري رهي آهي. آئون ٻڌڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو پر خبر ناهي ڇا پئي چئي، پاڻ اڪيلي آهي شايد ٿُن ٿي وئي آهي پر وائين جي بوتل ۾ اجان به وائين ڪافي مقدار ۾ نظر اچي رهيو آهي. سندس نظرون دريءَ کان ٻاهر آهن. پاڻ ڪيڏيءَ مهل ٿورو مشڪي رهي آهي. آئون سمجهان ٿو ته مون ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به پئسنجر جو هن ڏانهن ڌيان ڪونهي. يورپ ۾ ماڻهو ٻئي جي طرف بلڪل ڪو نه ڏسن انهيءَ کي اخلاق کان ڪريل سمجهيو ويندو آهي. ماڻهو ٻئي طرف ڌيان ڏئي، ٻئي جي پرائوسي ۾ دخل اندازي ٿو ڪري.

بس ڊيل وانگر هلندي لنڊن کي ويجهو ٿيندي وڃي. لنڊن ۾ پهچڻ کان پوءِ به بس کي ٽوئر آفيس پهچڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ويندو آهي. چوطرف خوبصورت منظر لڳو پيو آهي. آسمان ۾ ڪڪرن تي سج جي تيز روشني پوڻ ڪري ڪڪر ڏاڍا خوبصورت لڳي رهيا آهن. آئون ڪين ڏسي رهيو آهيان ته ڪڪر بيٺا آهن يا آسمان ۾ اڳتي وڃي رهيا آهن پر تمام آهستي آهستي ڪجهه وڻ آمريءَ جهڙا نظر آيم ڌيان سان ڏٺم پر آمريءَ جا وڻ ڪو نه هئا. يورپ ۾ وڻن ڏسڻ جو مزو جرمنيءَ ۾ آهي. جتي ڪرسمس ٽريءَ جا ٻيلا ڏاڍا دلفريب ۽ وڻندڙ ٿا لڳن. ڪلاڪن جا ڪلاڪ انهن مان لنگهندي به دل ڪا نه ٿي ڀرجي. سڄي يورپ جي سيني ملڪن ۾ سوين سال بادشاهت رهي جن ۾ فرانس-اٽلي-جرمني ۽ روس ۾ بادشاهت ختم ٿي وئي پر بيلجم-هالينڊ-سوئيڊن-موناڪو-لگزمبرگ ۽ انگلينڊ ۾ اجا تائين نالي ماتر بادشاهت قائم آهي، جيتوڻيڪ انگلينڊ جي بادشاهت به اڄڪلهه لوڏن ۾ آهي

پر تنهن هوندي بہ ملڪ جي وڏي اڪثريت اڄ بہ بادشاهن ۽ موجوده راڻيءَ سان جذباتي طرح پيار ڪري ٿي ۽ هو چاهين ٿا تہ بڪگهم پيلس ۾ منجهس رهندڙ شل سدائين خوش رهن. جيتوڻيڪ شهزادي چارلس جي ڪردار مان برطانيا جي وڏي اڪثريت خوش ناهي. مون ڪيترا ڀيرا انهيءَ باري ۾ انگلينڊ جي اخبارن ۾ پڙهيو ۽ مختلف انگريز شهرين سان انهيءَ تي بحث ٿيا جن جا رايا سندن راڻيءَ جي باري ۾ ڪجھ هن ريت آهن تہ:

هيءَ بادشاهت برطانوي نہ پر جرمنيءَ وارن کان اُڌاري ورتل آهي ۽ نہ وري اها حقيقي بادشاهت آهي. شاهي اختيار ٽين ڊائوننگ اسٽريٽ Ten downing street وٽ آهن. اهي اختيار پارليامينٽ نہ پر وزيراعظم سان واسطو رکن ٿا.

اهڙيءَ صورت ۾ وزيراعظم سموري جمهوري عمل ۾ اعليٰ حيثيت جو مالڪ آهي. جيتوڻيڪ وزيراعظم کي سمورا اختيار حاصل آهن. تنهن هوندي بہ شاهي خاندان سياسي طور تي غير جانبدار ڪونهي. غير سياسي تاجدار جي تابعداريءَ جو مطلب آهي تہ سياستدانن کي حاصل اختيار ڪلي ناهن. سياستدان رياستي مشينري آهن ۽ مختيار ڪل حاڪم ڪو نہ آهن.

مٿئين ڳالھ پڻ حقيقت تي مبني ڪانهي ڇو تہ بادشاھ کي سياستدانن کي روڪڻ جو اختيار نہ رهيو آهي ۽ الٽو سياستدانن کي اهي اختيار حاصل آهن. جنهن جي احتساب کان اهي آجا آهن. مون کي يقين آهي تہ منهنجي ماءُ اهو سڀ ڪجھ ڪري سگهي ها جيئن ڪا راڻي، عوام جي خواهشن کي پيش ڪرڻ جو بهترين طريقو يعني ووٽ جو حق آهي. بادشاهن ۾ اها توقع رکي نٿي سگهجي تہ اهي عوام جي پاران عوام لاءِ ڪو عمل ڪن. البتہ صدر جي حيثيت ۾ اها ڳالھ سندس ڪمن ۾ شامل آهي.

گهڻا ماڻهو صدر جي پيٽ ۾ غير سياسي بادشاھ کي وڌيڪ فوقيت ڏين ٿا. بااختيار صدر جي لاءِ اهڙي حمايت نظر نہ ٿي اچي جهڙي طرح فرانس ۽ آمريڪا جي سياسي نظام جي تشڪيل ۾ برطانوي خيالات کي اهميت حاصل هئي. جيڪڏهن ملڪ ۾ بادشاهي نظام قائم آهي تہ اهو نسل وراثت جي بنياد تي برقرار رهندو ۽ برطانوي عوام انهيءَ کي تبديل ڪرڻ نہ ٿو گهري. هڪڙي تازي جائزي موجب ٽن ماڻهن مان هڪڙي ماڻهوءَ جي خواهش عوامي جمهوريت واري آهي. اها خصيص اقليت واري سوچ چئبي.

جڏهن تہ ماڻهو عام طور تي بادشاهت جي موجوده صورتحال کان خوش ڪو نہ آهن ۽ شهزادي چارلس جي ولي عهد واري وراثتي حق کي رد ڪرڻ گهرن ٿا. سندن گهر آهي تہ ايندڙ بادشاھ شهزادو وليئم ٿئي. ايتري قدر جو انهيءَ لاءِ ٿي وي مباحثن دوران بہ لکن جي تعداد ۾ اهڙي راءِ ڏين ٿا. اهي چون ٿا تہ بادشاهي هجي پر سندن عمل ۾ اها ڳالھ ظاهر آهي تہ هو انهيءَ لاءِ پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪرڻ گهرن ٿا. ۽ بادشاهت کي پنهنجي مرضيءَ موجب هلائڻ گهرن ٿا. ظاهر ٿيو تہ اهي پنهنجن عملن موجب بادشاهي نہ پر صدارتي نظام آڻڻ گهرن ٿا.

فرانس جي صدارتي نظام جي جديد تاريخ کي برطانوي بادشاهت طرفان عوام کي گمراھ ڪرڻ وارين ڪوششن سان ڀيٽڻ گهرجي. اهو ادارو جيڪو اختيار لڪائڻ گهرندو هجي. ۽ اهو فرد جيڪو عوام ڏانهن ذميوار هجي انهن جي پڻ ڀيٽ ٿيڻ گهرجي. باصلاحيت ماڻهن کان سواءِ بادشاهي قومي

اخلاق ڪيرايو وجهي. ڪليسائي ذميواري توڙي مڙيئي نالي ۾ اڳواڻن جي حيثيت ۾ برطانوي شاهي خاندان پنهنجي قدر قيمت جي ڏيوالپڻي واري خطري جي منهن ۾ آهي ڇو ته سندس شاهي طلسم ٽٽي پيو آهي. گهڻن ماڻهن کي اجا تائين اها ڳالهه وڏيڪ وڻندي هوندي ته ڪو اهڙو ناهه ٿئي جنهن ۾ خالص برطانوي ڳالهيون گهٽيون هجن. پر بدقسمتيءَ سان هن نئين پيدا ٿيل وچئين صورتحال ۾ اهڙن خيالن جي اٽاٽ آهي. جتي تبديلي اچڻ جو امڪان موجود آهي.

تنهن ڪري اهڙي بنيادي حل لاءِ غور ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ بادشاهي جي روايتي تجديد ٿئي ۽ بادشاهي شان ۾ ڪوتاهيءَ سبب پيدا ٿيل ناراضگي ختم ٿئي. برطانوي تاريخ ۾ هن کان اڳي پڻ اهڙي قسم جو حل اختيار ڪيو ويو هو جڏهن سياسي طاقت ۽ بادشاهي اختيار هڪيئي جي خلاف داءُ تي لڳل هئا. هينئر ته فقط روايتي شان داءُ تي لڳل آهي. تڏهن گهربل تبديلي ڪيتري نه آسان هئڻ گهرجي. جڏهن کان شاهي خاندان اڪثر گهوٽالن جو شڪار ٿيڻ سبب ٻين ملڪن جي شاهي خاندانن مان ماڻهو اڌاريا آهن. انهن مان ڪن ننڍي عمر جي ماڻهن کي سير ڪرائڻ جي بهاني اغوا به ڪيو ويو ته هاڻي ڪو فرد اُڌارو ڇو نٿو وٺي سگهجي. بادشاهي ادارو ته برقرار رکڻو پوندو پر انهيءَ اداري ۾ رهندڙ ماڻهن کي تبديل ڪرڻو پوندو.

ايندڙ هزاريءَ واسطي قوت برداشت جو حامل ۽ ترقي يافته سماج مثبت علامت طور سامهون ايندو تنهن ڪري ٻچ ۽ سوئيڊش فردن  تي مشتمل نئين بادشاهت جي قيام جي حمايت ڪرڻ گهرجي. هي قدم شاهي خاندان طرفان ويهين صديءَ جي آخر ۾ وچئين دور وارين پڏري پٽ خطرناڪ ۽ بي مزي ٿيندڙ ڪوششن ۾ واضح ۽ عاليشان تبديليون آڻيندو.  يورپ ۾ هن وقت مثالي شاهي خاندان خير کي آهن. برطانوي شاهي خاندان ۾ موجود فرد بلڪل بيڪما ۽ سدائين واندا. هميشه پنهنجي شريڪن سان عيش ڪوشي ۾ مشغول رهڻ سبب شاهي ذميوارين جو احساس فنا ٿي ويو آهي. گهڻا ماڻهو شاهي خاندان جي اندروني ڪشمڪش کي طلاقن جو سبب ڄاڻائين ٿا. انهيءَ جي بچاءُ بدران غور انهيءَ ڳالهه تي ڪرڻ گهرجي ته شاهي خاندان ۾ موجود اندروني ڪشمڪش پڻ مدي خارج آهي.

مٿئين وچئين طبقي وانگر جن سان امير خاندانن جي غيرحاضري دوران رلي ملي ويندڙ شاهي خاندان جي افراد ۾ طلاق بازي جي گهٽي رجهان جي توقع رکي پئي سگهجي. تازو هاڻي ڊچيس آف يارڪ جنهن طريقي سان تذليل جو شڪار ٿي انهن سببن بابت ٿيندڙ ڳالهيون بي وزن آهن.

شاهي خاندان جي چڱائين ۽ مدائين تي بحث ڪرڻ ته انهيءَ کي تبديل ڪري سگهون ٿا. يا ٻاهرئين دٻاءُ ڪانسواءِ پنهنجي اندروني خلفشار سبب اهو ازخود  فنا ٿي ويندو وغيره هاڻي فضول آهي. شاهي خاندان خود پاڻ بادشاهت ۽ جمهوريت جي وچ واري غير ترقي يافته منزل مقصود تي سيني ڏرين کان اڳي پنهنجي هڪ هتي قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري پيو. اها اڳين منزل وچ ٽرائي واري آهي. منهنجي خيال ۾ شاهي خاندان کي امير طبقي ۽ مٿئين وچئين طبقي ۾ ضرور اهڙي اميد رکڻ گهرجي ۽ انهيءَ ڳالهه تي حيرت آهي ته شاهي خاندان پنهنجي پيسي مان لطف اندزو ڇو نه ٿو ٿي سگهي ۽ اٽڪٽ مشغولين جو اهتمام ڪري سگهي. اها وچين منزل پنهنجي شاني شريڪ خاندان ۽ اميرن سان گڏجي عيش عشرت ۾ مشغول رهڻ ئي هوندي ۽ وري ڏيک اهڙو پيو ڏيندو جڻ ته ترقي پسند ٿيڻ ۾ ڪوشان آهي. اهڙي ريت هي شاهي خاندان ٻنهي طريقن سان

بازي کٽڻ جي ڪوشش ۾ آهي.

ليڊي ڊائنا جي سندس بواءِ فرينڊ دودي الفائد سان پئرس ۾ ڪار ايڪسيڊنٽ ۾ موت جي وقت شاهي خاندان تي برطانيا جي عوام ڏاڍي رنج جو اظهار ڪيو. خاص ڪري انگلينڊ جي اخبارن شاهي خاندان تي ايڏي تہ نڪتہ چيني ڪئي جو راڻي ايلز بيٿ کي نہ چاهيندي بہ انگلينڊ جي عوام کي ريڊيو ۽ ٽي وي تي خطاب ڪري پنهنجي پوزيشن واضح ڪرڻي پئي. جنهن کان پوءِ وڃي برطانوي عوام جي ڪجھ ڪاوڙ گهٽي نہ تہ برطانيا جو عوام راڻي ايلزبيٿ سان ڏاڍو پيار ڪندو آهي. پرنسيس ڊائنا جي مرڻ وقت برطانيا جي عوام کي پرنسيس ڊائنا سان ڏاڍي همدردي هئي. چوندا آهن تہ پٽر پرايو ڏک سڀ ڪنهن جا پنهنجا, پر ڊائنا جي موت وقت برطانوي عوام ڏاڍو جذباتي نظر آيو پر چون ٿا تہ هاڻ سندس ورسي جي موقعي تي ماڻهو نہ هئڻ جي برابر ايندا آهن ۽ اها ڳالھ نہ رهي آهي.

اسان جي بس لنڊن شهر جي گهٽين, چوڪن مان هلندي هلندي اچي پنهنجي ڪاسموس ٽوئر وارن جي آخري منزل تي پهتي جت اسان بس مان لهي قطار ٺاهي بيٺاسين تہ هر هڪ جو سامان ڪڍي انهيءَ سيل جي اڳيان رکيائون ۽ ايئن هر سياح پنهنجو پنهنجو سامان ڪڍي هڪ ٻئي کان موڪلائيندو وڃي ٽئڪسي ۾ ويٺو ۽ اسان بہ ڪاري ٽيڪسي ڪري لنڊن جي شاهراهن تان گهمندا ڦرندا اڳتي پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻ لڳاسين. لنڊن ڪيترا پيرا اچڻ ڪري ۽ هينئر بہ يورپ جو ٽوئر لنڊن مان شروع ڪرڻ ڪري اڄ لنڊن پرايو نہ پر جهڙو ڪر پنهنجو شهر ڪراچي نظر اچي رهيو آهي. مون دنيا ڏٺي آهي پر جيڪي شهر گهٽي ۾ گهڻو گهميا آهن انهن ۾ هڪ بئنڪاڪ ۽ ٻيو لنڊن آهي. جيڪي مون پاڪستان جي شهرن لاهور ۽ اسلام آباد کان بہ وڌيڪ دفعا ڏٺا ۽ وڌيڪ گهميو ڦريو آهيان. اسلام آباد تہ ننڍو شهر آهي پر آئون لاهور ۾ شايد ڀُلجي پوان پر لنڊن ۽ بئنڪاڪ ۾ گهمندي ڦرندي ڀُلجڻ جو تہ سوال ئي پيدا ڪو نہ ٿو ٿئي.

جوانيءَ ۾ هر سال يا تہ ڪڏهن سال ۾ ٻہ دفعا بہ بئنڪاڪ وڃڻ ٿيندو هو. پهرئين تہ بئنڪاڪ ۾ هوٽلن ۾ رهڻ ٿيندو هو پرپوءِ آخر ۾ انهيءَ دوست جي گهر رهبو هو جنهن جي ڪري بئنڪاڪ وڃڻ ٿيندو هو ڪڏهن تہ ايئر پورٽ کان سڌو انهيءَ جي گهر ڏھ يا ٻارهن ڏينهن صرف انهيءَ هڪ گهر تائين محدود واپسيءَ ۾ بئگ هٿ ۾ سڌو ايئرپورٽ ۽ جتان واپس ڪراچي. صرف هڪ ڀيرو اسان ٻئي گڏجي سينگاپور وياسين. اهو ٻيو ماڻهو هو ڪيسرا سينگڪسم جاد جنهن ڪري ايترا دفعا بئنڪاڪ ويس. انهيءَ ڳالھ کي بہ ڪيترائي سال ٿي ويا آهن. هاڻي تہ نيو ييئر جو ڪارڊ بہ هڪٻئي ڏانهن ڪو نہ موڪليون. آخري خط 1998ع ۾ لکيائين جنهن ۾ لکيائين تہ منهنجي شادي ٿي وئي آهي ۽ پنهنجي نئين گهر جي ائڊريس ۽ فون نمبر بہ موڪليائين ۽ چيائين تہ جڏهن بہ بئنڪاڪ اچين تہ مونسان ضرور ملجان. آئون توکي پنهنجي گهوٽ سان بہ ملائيندس. انهيءَ کان پوءِ صرف هڪ دفعو نيوييئر جو ڪارڊ مليو جنهن کان پوءِ وري نہ آئون بئنڪاڪ ويس ۽ نہ ڪو رابطو ٿيو. پنهنجي دل تي هي شعر لکي ڇڏيم تہ

اب کے ہم بچھڑے تو شاید خوابوں میں ملیں
جس طرح سوکھے ہوئے پھول کتابوں میں ملیں۔

۽ ايئن پراڻين يادن ۾ گم سم وينو هوس ته انگريز ڊرائيور ٽئڪسيءَ جي دري کولي اسان جي لهڻ واري ائڊريس جو پڇيو ۽ مون صرف هي لفظ ڪيس ٻڌايا ته endlshom 96 balham پاڻ انگريز لنڊن ۾ ڄائو هو پر تڏهن به ٽئڪسي بيهاري لنڊن A.To.z جو نقشو ڏسي پڙ پڙ ڪري پوءِ اڳتي هلڻ لڳو ۽ ٿوريءَ دير ۾ اچي پوراڻي جي گهر جي اڳيان بيٺو جنهن تي 96 نمبر ڏسي اسين به ٽئڪسي مان هيٺ لٿاسين. پاڙو ڏيئي پنهنجو سامان کڻي اچي در تي گهنٽي وڄائي سين ته پوراڻي دروازو کولي اسان کي ڀليڪار ڪئي. آئون ۽ مِنا مٿي ماڙ تي پنهنجي بيڊ روم ڏانهن هليا وياسين نور ۽ فرخ پوراڻي سان ڪچهريءَ ۾ لڳي ويا. جيڪو ڪافي وقت اڪيلو رهڻ ڪري هنن سان ڪچهريءَ ۾ شامل ٿي ويو ۽ اسان به هاٽ شاور وٺي ٿوري دير آرام لاءِ ليٽياسين ته نور فون ڪري پڇيو ته توهان لاءِ چانهه موڪليان. مون چيس ته اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ۽ ايئن اسان اڌ ڪلاڪ ۾ ٿورو ريسٽ ڪري ورتو ته چانهه به پهچي وئي. مون مِنا کان پُڇيو ته شام ٽاڻي گهمڻ لاءِ ڪيڏانهن هلبو پاڻ، چيائين ته پندرهن ڏينهن جو ٿڪ آهي اڄ گهر ۾ ئي آرام ڪبو.

مٿي بورچي خاني ۾ آئون دال پٽ تي رڌيان سو ڪائي سمهي رهبو. نور کي چئو ته ڏنڙو ٻاهران گهرائي وٺي. مون ڪيس ٻڌايو ته پوراڻي ٻاهر Bar. B.Q ناهڻ هينئر ئي شروع ٿي ويو آهي. سو تو وارو پٽ هلي ٻني ۾ ڪائيندا سين. باقي هت لنڊن آيا ئي گهمڻ آهيون. سو جي آرام ڪيوسين ته پوءِ روز روز لنڊن ته ماٺهو ڪونه ٿو اچي. ٻيو نه ته به ڪلاڪ اڌ هت بالم جي گهٽين ۾ چڪر هٽي آياسين ته وري لنڊن وارا ٿي ويندا سين پاڻ چيائين ته صرف بالم گهمڻ هلبو ته پوءِ بهتر آهي. مون فون ڪري نور ۽ فرخ کان پڇيو انهن چيو ته اسان پوراڻي سان گڏجي درياءَ ٿيمس گهمڻ ٿا وڃون سو رات جو دير سان گهر ايندا سين اسان به ڪين پنهنجو پروگرام ٻڌايو ته اسان ڪلاڪ اڌ بالم مان چڪر لڳائي واپس جڳهه تي پهچي ويندا سين توهان پلي اطمينان سان گهمي ڦري اچجو. اسان سڀ گڏجي نڪتاسين هي پرسان ئي ٽيوب ۾ چڙهي هليا ويا. اسان پهرئين هڪ بوڪ اسٽال تان جنگ اخبار جيڪا هتان روزانو لنڊن مان شايع ٿئي ۽ ٻيا پڻ ڪجهه رسالا خريد ڪري بالم جي رستن تي اوپر طرف هلندا ڪافي اڳتي نڪري وياسين. واپسيءَ ۾ منا سيف ويز Safe ways سپر مارڪيٽ مان باقي هفته کن رهڻ جي لاءِ ڪافي خريد ڪئي. اسان سامان کڻي واپس پوراڻيءَ جي گهر آياسين جيڪو انهيءَ سپر مارڪيٽ کان گهڻو پري ڪو نه هو. منا پنهنجي هٿ سان دال ناهي ۽ ٻيو پوراڻي جو تيار ڪيل ڪجهه Bar B.q ڪائي ٻارن سان ڪراچيءَ فون تي ڳالهائي سمهي پياسين. منا فجر مهل معمول مطابق قرآن پاڪ جو دور ڪيو. جنهن کان پوءِ اسان واڪ تي وياسين ۽ ناشتو به ٻاهر هڪ بنگاليءَ جي هوٽل تي دال پورين ۽ حلوي سان ڪري پوءِ گهر آياسين ته سواءِ پوراڻيءَ جي ٻيا يعني نور ۽ فرخ اڃا تائين سُتا پيا هئا.

پوراڻي اسان کي ڪلهه جي دريا ٿيمس جي سير ۽ ٻي جنگ عظيم جي هڪ جهاز جيڪو هاڻ هنن درياءَ ٿيمس ۾ سياحن لاءِ بيهاري ڇڏيو آهي. هن ٽوئر جو سربستو حال احوال ٻڌايو ۽ اسان کي مشورو ڏنائين ته توهان به اهو درياءَ ٿيمس جو ٽوئر ڪري اچو. اهو ٽوئر لنڊن جي خاص سوکڙي ۽ يادگار آهي. جيڪو لنڊن اچڻ واري هر سياح کي ضرور سير ڪرڻ گهرجي. اسان به نور ۽ فرخ کي سُتل ڇڏي ٽئڪسي ڪري انهيءَ حسين يادگار ٽوئر جي لاءِ روانا ٿي وياسين. جيڪو واقعي اسان جي

زندگي جي يادگار لمحن مان هڪ هو. لنڊن گهمڻ جو واقعي اڌ مزو صرف هن هڪ ٽوئر ۾ سمايل آهي پر هن ٽوئر ۾ ماڻهو سان پيارو ساٿي ساڻ شامل ضرور هجي. ٿيمس جي انهن هلندڙ سيني ٻيڙين (ٻوٽس) ۾ بار روم آهن. سو بوتل کڻي وڃڻ جي ڪا به ضرورت ڪانهي. اهي بار رومز تمام مهانگا آهن. آئون جڏهن پيئندو هوس ته به زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڏينهن جو ڪو نه پيتم. هاڻ ته ڪافي وقت ٿيو آهي جو پيئڻ ڇڏي ڏنو اٿم. جيتوڻيڪ منهنجي دل وارو ڊاڪٽر چئي ٿو ته جيڪر هر روز هڪ پيگ پيئن ته سٺو پر هاڻ جي پيئڻ ڇڏي ڏنو اٿئي ته وري نه پيجان. مون ڪيس چيو ته قسم ڪو نه کنيو اٿم ته پاڻ کلي پيو. ڊاڪٽر حق ڊاڪٽر سان گڏ هڪ درويش صفت انسان پڻ هو. اسان جي ٽئڪسي اچي درياءَ ٿيمس جي سفر جي شروعات واري جڳهه وٽ بيٺي جيڪا ويسٽ پل جي پرسان آهي. هت ڪافي سياح بس مان لهي رهيا آهن. هيٺ به ڪافي سياح بيٺا آهن. جيڪي ڏاڍو خوش نظر اچي رهيا آهن. هيٺ جهاز ۾ چڙهڻ واري جڳهه لاءِ وڏا وڏا ٽلها ناهي ڇڏيا اٿن. جن تي ٿوري دير انتظار ڪندي ئي سياح وڃيو بوٽس ۾ چڙهن. ڇو ته بوٽس جي ڪا به کوٽ ڪونهي. هڪڙي ٿي پرجي اڳيان نڪري ته پنيان بيٺل اچيو اڳئين جي جڳهه وٺي ۽ سلسلو جاري آهي. اسان به پنهنجي واري تي هڪ بوٽ ۾ چڙهي پياسين. جيڪا اسان کي کڻي اڳتي رواني ٿي وئي. اسان به بوٽ جي آخري ماڙ تي چرهي لنڊن جي هن حسين منظر کي ڏسڻ لڳاسين. بوٽ هاڻي درياءَ جي بلڪل وچ ۾ پئي هلي، درياءَ جا ڪپر پري ٿي ويا آهن. پر انهن تي لنڊن جون ڊگهيون ڊگهيون جڳهيون پري کان ڏاڍيون خوبصورت لڳي رهيون آهن. ٿيمس نديءَ ۾ پاڻي گهٽو هئڻ ڪري ڪپرن تائين پري پئي آهي پر پئرس ۾ درياءَ سين بلڪل هيٺ وهڻ ڪري منجهس گهمڻ دوران اهو مزو نٿو اچي جيڪو لنڊن جي درياءَ ٿيمس ۾ گهمڻ ۾ آهي. هت هر جڳهه ۽ شيءِ صاف ۽ چٽي نظر اچي رهي آهي. جيڪا ڳالهه پئرس ۾ سين نديءَ ۾ گهمندي ڪانهين. سين تمام هيٺ ٿي وهي جنهن ڪري ڪپرن تي ڪجهه به نظر نٿو اچي. ٻيون به ڪيتريون بوٽس ٿيمس ۾ گهمي ڦري رهيون آهن. جيڪي سڀ جون سڀ سياحن سان پريون پيون آهن.

لنڊن شهر مان وهندڙ ٿيمس ندي ۾ ٻيڙين ذريعي سير ڪرڻ لاءِ توهان کي سڄو ڏينهن هزارين سياح ملندا، هڪڙا پيا ٻيڙين ۾ چڙهندا ته ٻيا پيا لهندا. هن نديءَ جي ڪنارن ۽ آسپاس ۾ سير جي خيال کان نهايت پرڪشش نظارا ۽ جڳهيون موجود آهن. جتي بيحد لطف حاصل ٿئي ٿو. لنڊن شهر جي تاريخ ۽ ترقي جي هن نديءَ سان نهايت گهٽي وابستگي آهي. لنڊن شهر کي هي درياهه سمنڊ سان به ڳنڍيندڙ آهي. جنهن وسيلي ماضي ۾ شهر دولت ۽ طاقت حاصل ڪئي. هي درياءَ لنڊن شهر جي واپار جو مکيه ذريعو ۽ سلطنت جي واحد شاهراهه هئي. ٻيڙين ۾ هر ڪو سرڪاري جلوس هن درياءَ مان وڏي ڌام ڌوم سان ڪڍيو ويندو هو. اهي ٻيڙيون هن وقت گرين وچ ميري ٽائيم ميوزم ۾ ڏسڻ ۾ اينديون.

سمورن مکيه سياسي قيدين کي درياءَ جي رستي لنڊن ٽاور آندو ويندو هو. جيئن سندن ساٿين کي کين ڇڏائڻ جو امڪان باقي نه رهي. جيڪو خشڪي وارن رستن تي موجود هوندو هو.

جڏهن لنڊن شهر جون گهٽيون وڏيڪ ڪشاديون ڪيون ويون ته درياءَ تي تجارتي ٽرئفڪ جي رش گهٽجي وئي ۽ شهر ۾ گهوڙي گاڏيون ۽ ٽانگا هلڻ لڳا.

درياءَ ۾ ٻيڙين ذريعي سير ڪرڻ سان جيڪو لطف حاصل ٿئي ٿو سو خشڪيءَ تي سير ڪرڻ

سان هرگز حاصل ٿي نٿو سگهي. ٻيڙين ذريعي سير ڪرڻ ۾ معلوم ٿيندو ته درياءَ جي ڪناري ۾ ان جي آسپاس شهر ڪنئين وڏيو ۾ ويجهيو شهر جا ڪيترائي يادگار ماڳ ۾ ميدان هن درياءَ جي ڪناري تي قائم آهن.

هتي ڪافي اهڙيون ڪمپنيون آهن جيڪي ٿيمس درياءَ ۾ سير ڪرڻ لاءِ موٽر لانچون هلائينديون آهن. اهي لانچون ويسٽ منسٽر پل وٽ ٺهيل ٿلهين Piers ڪان پوري شهر ۾ درياءَ جو سير ڪرائين ٿيون.

ويسٽ منسٽر ڪان گرين وچ تائين هلندڙ ٿيمس پئسنجر بوٽ سروس. ويسٽ منسٽر پيئر يعني ٿلهي ڪان ٽئي تي ۾ اپريل، مئي، سيپٽمبر ۾ آڪٽوبر مهينن ۾ ساڍي ڏهين بجي صبح ڪان هر اڌ ڪلاڪ ۾ ساڍي چار بجي شام تائين جاري رهندي آهي. جون ۾ آگسٽ مهينن ۾ روزانو ساڍي ڏهين بجي صبح ڪان ساڳئي وقفي سان پنج بجھ شام تائين چالو هوندي آهي.

بالغن لاءِ هڪ طرفو ڀاڙو 4.80 پائونڊ يعني 7.70 ڊالر ۾ سورهن سالن ڪان گهٽ عمر وارن ٻارن لاءِ هڪ طرفو ڀاڙو 2.40 پائونڊ يعني 3.85 ڊالر آهي.

ٻن بالغن ۾ ٽن ٻارن تائين فيملي ٽڪيٽ 12.50 پائونڊ يا ويهه ڊالر هڪ ۾ پندرهن پائونڊ يا چوويهه ڊالر اوٽ موٽ ڀاڙو آهي.

ويسٽ منسٽر پئسنجر ايسوسيئيشن لميٽيڊ طرفان اوپاري وهڪرن ۾ هلندڙ لانچون ويسٽ منسٽر پيئرن ڪان هلي ڪيو هيمپٽن ڪورٽ تائين وڃن ٿيون. هنن لانچن ۾ ٻارون پڻ آهن. هيءَ سروس ايسٽر واري تهوار ڪان اڳ ۾ ايندڙ سومر ڪان شروع ٿئي تي ۾ آڪٽوبر جي آخر تائين روزانو چالو رهندي آهي. هن سروس ۾ ويسٽ منسٽر ٿلهين ڪان ڪيو تائين اڍائي ڪان چار ڪلاڪ ڪن وقت لڳيو وڃي. انهيءَ جو دارومدار وير جي اوتار ۾ چاڙهه تي هوندو آهي. هي لانچون روزانو ساڍا ڏهه بجي صبح سوا يارهن بجي منجهند ۾ 12 بجي منجهند تڙ تان چڙنديون آهن.

بالغن لاءِ اوٽ موٽ ٽڪيٽ اٺن ڪان ٻارهن پائونڊ. ڇئن ڪان چوڏهن سالن جي ٻارن لاءِ چار ڪان ست پائونڊ آهي.

مئي ڪان سيپٽمبر تائين هتان شام جو پڻ لانچون هلنديون آهن. اهي روزانو ساڍي ستين ۾ ساڍي اٺين بجي شام جو هلنديون آهن. اهي لانچون خاص آرڊر تي رات جو ساڍي نوين بجي پڻ هلايون وينديون آهن. انهن جو هڪ طرفو ڀاڙو بالغن لاءِ پنج پائونڊ ۾ ٻارن لاءِ 3.50 پائونڊ آهي.

ٿيمس نديءَ تي شهر جي حدن اندر ڪيتريون ئي عاليشان پليون تعمير ٿيل آهن. انهن ۾ هڪڙي پُل جو نالو لنڊن برج آهي. هيءَ پل جيتوڻيڪ ڪڏهن به ڪري يا ڊٺي ڪانهي پر انهيءَ کي ڪافي دفعا نئين سر تعمير ڪيو ويو آهي. هن پُل جي اڳوڻي پڃري کي سن 1960ع ۾ اکوڙي هاواسو ڊنڊ ڏانهن موڪليو ويو ۾ هتي وري نئون ڍانچو تعمير ڪيو ويو.

هن لنڊن برج جي اوپر طرف درياهه تي ٺهيل ٻي پل جو نالو ٽاور برج آهي. هيءَ ٽاور برج لنڊن برج ڪان وڌيڪ سهڻي ٺهيل آهي. شايد پوري دنيا ۾ هن پل جا گهڻي ۾ گهڻا فوٽا ۾ تصويرون پينٽ ڪيون ويون آهن. هن پل جي وچئين دروازي جي ڍانچي کي ڊاهي سن 1994ع ۾ انهيءَ کي نئين سر تعمير ڪيو ويو.

سن 1993ع ۾ هن پُل جي ساليانيِ جشن طور هن پل اندر قائم ايوان ۾ هڪڙي نمائش منعقد ڪئي وئي هئي. هن پل جي ٽاورن جي چوٽيءَ تي ٺهيل پيڙهي وٽان شهر جو نهايت وڻندڙ نظارو ڏسڻ وٽان آهي. هتان ٽاور آف لنڊن، پارليامينٽ هائوس ۽ سينٽ پال چرچ وارا عاليشان منظر ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

هن پل جي ڏاکڻي ٽاور هيٺ هڪڙو انجڻ روم آهي جتي پل جي رستن کي هيٺ لاهڻ ۽ مٿي چاڙهڻ لاءِ ڪم ايندڙ مشينون نصب ٿيل آهن. هن پل کي جديد ڪاريگري سان ٺاهيو ۽ آراستہ ڪيو ويو آهي. هتي وڊيو ۽ ڪمپيوٽر پڻ نمائش لاءِ رکيل آهن. جن وسيلي پل جي تاريخ ۽ ٻي سائنسي معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي. سير ڪرڻ وارن لاءِ هيءَ پل اپريل کان آڪٽوبر تائين روزانو ڏهہ بجي صبح کان ساڍا ڇهہ بجي شام تائين ۽ نومبر کان مارچ تائين روزانو ساڍا نوَ صبح کان ڇهہ بجي شام تائين کليل رهندي آهي.

بالغن لاءِ ٽڪيٽ 5.70 پائونڊ ٻارن لاءِ 3.90 پائونڊ آهي. ايچ ايم ايس بيلفاسٽ بحري جهاز H.M.S Belfast ساڍا يارهن هزار ٽن وزني آهي. اڄڪلهہ شاهي بحريہ جي ترندڙ نمائش طور استعمال پيو ٿئي. هي جهاز ٻي عالمي لڙائي دوران شاهي بحري فوج وٽ هو. هن وقت هي غراب ٿيمس نديءَ تي ٺهيل ٽاور برج ۽ نئين لنڊن برج جي وچ ۾ لنگرانداز آهي روسي يلغار دوران ۽ پوءِ واري جنگي دور ۾ هن جهاز نمايان خدمت سرانجام ڏني. ڪوريا سان جنگ دوران هن جهاز کي سڌو حملو ڪندڙ جهاز سڏڻ لڳا. هن جهاز جو هر هڪ حصو گهمي سگهجي ٿو. انهيءَ مان پتو پوندو تہ گذريل پنجاهہ سالن دوران هن جهاز جا فوجي ڪهڙي نہ جان فشائيءَ سان دشمن سان وڙهندا رهيا. گهمڻ واسطي هي جهاز اونهاري ۾ روزانو ڏهين بجي صبح کان پنج بجي شام ۽ سياري ۾ روزانو ڏهين بجي صبح کان سوا چار بجي شام تائين کليل هوندو آهي. بالغن لاءِ 4.40 پائونڊ ۽ ٻارن لاءِ 2.20 پائونڊ ٽڪيٽ آهي. ٽاور واري تڙ کان جهاز تائين پهچائيندڙ پتڻ واري لانچ جو ڀاڙو 50 پينس آهي.

هن جهاز اندر هوٽل ۾ بار روم بہ آهي. پر بل مهانگو اٿس اسان هت ڪا بہ شيءِ استعمال ڪا نہ ڪئي. هي بحري جهاز عام بحري جهازن جهڙو آهي. اسان پئرس کان لنڊن تائين جنهن بحري جهاز ۾ آياسين انهيءَ کان هي جهاز ننڍو آهي. پر جيئن تہ هن کي خاص سياحت لاءِ هت بيهاريو ويو آهي. انهيءَ ڪري هن کي هنن تفريح گاهہ ٺاهڻ ۾ ڪافي دولت خرچ ڪئي آهي. مون ۽ منا هت ۽ سڄي هن ٿيمس نديءَ جي سير ۾ هڪٻئي جا ڪافي فوٽا ڪڍيا ۽ هتي هن جهاز ۾ بہ ٻين سياحن وانگر اسان بہ ڪافي فوٽا ڪڍيا ۽ ڏاڍو افسوس ٿيو تہ مووي ڪئميرا ڪو نہ کڻي آياسين. ڏينهن بہ روشن لڳو پيو آهي. مووي ڏاڍي سٺي پرجي ها. اسان هت چار ڪلاڪ کن ٿيمس ندي جو سير ڪري ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي ترافلگر اسڪوائر ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ نئشنل گئلري ۽ سينٽ مارٽن وارو چرچ ڏسڻ لاءِ روانا ٿياسين. لنڊن ۽ يورپ جو هر ماڻهو مرد توڙي عورت ڪم ڪري. تنهنڪري گهر کان ٻاهر نڪري ڪنهن نہ ڪنهن سواريءَ تي سوار ٿي پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿئي. پر تڏهن بہ پنهنجي ملڪ جي وڏن شهرن واري رش نظر نہ ٿي اچي. ڇو تہ هنن قومن پنهنجي ملڪ جي ماڻهن لاءِ ايڏيون تہ سهوليتون مهيا ڪيون آهن جو عام ماڻهو بہ انهن سهوليتن مان فيضياب ٿي رهيو آهي. لنڊن ۾ سرڪيولر ريلوي ۽ انڊر گرائونڊ ٽيوب جي ايڏي تہ سهوليت آهي جو ماڻهو پنهنجون گاڏيون بہ

استعمال ڪو نہ ڪن. سواءِ پري جي مسافري ۾ موڪلن تي وڃڻ لاءِ باقي هر ننڍو وڏو ماڻهو زياده تر انهن سوارين کي استعمال ڪري سو توهان جڏهن ٽئڪسي ۾ چڙهندا تہ توهان کي پاڻ وانگر ڪلاڪن جا ڪلاڪ لنڊن جي روڊن تي بيهڻ جي تڪليف کي منهن ڏيڻو ڪو نہ پوندو. اسان کي ٽئڪسي گهمائي ڦيرائي آٽي ٽرافلگر اسڪوائر جي پرسان لاٿو. منا هت ٻاهر ڪبوترن جي چاري واري دڪانن تان ڪبوترن لاءِ چارو ورتو ۽ مون ڪئميرا لاءِ سيل ورتا. لنڊن جي هن علائقي ۾ ٻين سياحتي مرڪزن وانگر هميشہ سياحن ۽ سيلانين جي رش لڳي پئي هوندي آهي.

اٽڪل ست ملين آباديءَ وارو لنڊن شهر يورپ ۾ پکيڙ ۾ وڏي ۾ وڏو شهر آهي. هن جي پکيڙ پندرهن سئو چورس ڪلوميٽرن کان بہ وڌيڪ ٿيندي جنهن جو مرڪز ٿيمس ندي آهي. ملڪ ۾ دولت توڙي واءُ سواءُ جو مرڪز پڻ هتي آهي. جيتري قدر شهر جي باشندن جو تعلق آهي. تہ صوبائي زندگي آربيٽل موٽروي جي سرڪٽ کان پري يا ٻاهر شروع ٿئي ٿي. لنڊن جي شهرين جي وڌيڪ مهذب هئڻ علائقائي سطح تي منفي توڙي مثبت اثر پيدا ڪيا آهن پر لنڊن جي بيمثال خصوصيت ۽ اعليٰ لياقت کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي. جيڪو سندس ولولي ۽ ڪاميابيءَ جو سبب آهي. هنن خصوصيتن جي قطع نظر لنڊن يورپ ۾ واحد راڄڌاني آهي. جنهن کي پنهنجي ذاتي نگران تنظيم حاصل ناهي جنهن جو ثبوت مکيہ ضروريات بابت ڏهاڪو کن سالن کان سياسي تعطل برقرار آهي. نتيجو اهو نڪتو آهي تہ شهر ۾ خانگي ملڪيت جي نمائش ۽ وري سڏاريل علائقن ۾ شراب ۽ شباب عروج تي آهي. ٻئي طرف ماڻهن ۾ گدلاڻ ۽ بدحالي بہ وڌي پئي . رات جي وقت ۾ لنڊن جي ويسٽ اينڊ علائقي جي گهرن جا رستا شهري بي گهر ماڻهن لاءِ سمهڻ جي جاين ۾ تبديل ٿيو پون ۽ ڏينهن جو ڪم تي ويندڙ مسافر پبلڪ ٽرانسپورٽ نظام سان محاذ آرائي ۾ مبتلا رهن ٿا.

لنڊن کي موجوده صورتحال کان تہ بهتر ٿيڻ ڪپي پر اهو اڃا بہ جلوه افروز آهي. مرڪزي ڪليل شاهي رستن تي ڪنئين شاهي عمارتون پکڙيل آهن ۽ سندن سوڙهن گذر گاهن ۽ ڦاٽڪن کي جانچيندي ۽ گهمندي رات جي وقت ۾ ماڻهن جي پڻ پڻ جاري ۽ ساري آهي. توقع جي برخلاف شهر ۾ تمام گهڻي ساوڪ ۽ شادابي آهي, منجهس تمام گهڻا ٻوڏا پارڪ ۽ باغيچا پوکيل آهن.

شهر ۾ عجائب گهر ۽ گئلريون بہ تمام گهڻيون ۽ مختلف قسمن جي نوادرات سان پريل ۽ سجايل آهن. نوادرات جي گهڻائي پنهنجي بادشاهت واري دور ۾ پنهنجي غلام ڪالونين ۾ ڦرلٽ جي دولت سان گڏ ڪئي وئي اُتي هنن ڪا بہ شيءِ ڪا نہ ڇڏي, ويندي ويندي لاش بہ پاڻ سان گڏ ڪٽي ويا يعني احرام مصر مان مصرين جون مميون ڪي قدر هنن کي سوڪڙي طور يا عطيي جي صورت ۾ مليل آهن. بلاشبہ شهر پنهنجي شاندار ماضيءَ جنهن ۾ قديم رومي آثارن کان وٺي برطانوي سلطنت جي مرڪز واري حيثيت وارن گهڻن يادگارن جو مرڪز پڻ آهي.

قديم رومي حاڪمن لنڊنيئم شهر ٿيمس ندي جي اترئين ڪناري تي سن 43 عيسوي ۾ اڏيو. پر حقيقت ڪري انهيءَ ۾ ڪو واڌارو يا سڌارو يارهين صدي عيسويءَ تائين ڪو نہ ٿيو. يارهين صدي عيسوي ۾ نارمنڊي واري ڊيوڪ وليئم ثاني آخري ڪامياب حملہ آور جي حيثيت سان لنڊن شهر کي پنهنجي ر اڄڌاني بڻايو. وليئم ثاني انگلينڊ جو پهريون بادشاهہ هو. جنهن جي تاجپوشي ويسٽ منسٽر ايبيءَ ۾ ٿي. هن بادشاهہ ٽاور آف لنڊن واري مکيہ ۽ مرڪزي حيثيت جي حامل عمارت وائيٽ

هال جي چوڌاري پنهنجي عظمت جا نشان ڇڏيا هئا پر سن 1666ع ۾ لنڊن شهر کي لڳيل زبردست باهه سبب شهر جون گهڻيون بهترين عمارتون، اٽڪل تيرهن هزار گهر ۽ تقريباً نوي گرجا گهر سڙي رَک ٿي ويا. اهڙي طرح گذريل مهامري سان شروع ٿيل تباهي جي چڪر جو انت انهيءَ باهه تي پورو ٿيو. هن باهه مان اتفاقاً فائدو حاصل ڪندڙ سر ڪرسٽوفر رين هو. جنهن کي تباهه ٿيل عمارتن جي جڳهه تي نيون عمارتون تعمير ڪرڻ جو ڪم سونپيو ويو. جنهن ۾ گرين وچ ۾ تعمير ٿيندڙ بحري فوج واري اسپتال ۽ سينٽ پال واري ڪيٿيڊرل (شاهي گرجا) جي تعمير شامل هئي.

بدقسمتيءَ سان انهيءَ باهه کان پوءِ وارين عظيم عمارتن جو پڻ ٿورو تعداد وڃي بچيو آهي. سن 1940-41ع ۾ جرمنيءَ جي بمباريءَ سان گهڻيون عمارتون تباهه ٿي ويون. بيون جديد تعميرات سبب ڦٽيون جنهن لنڊن کي جديد ڪاپاڙي ٻٽائي ڇڏيو آهي. لنڊن جي اصلي خصوصيت جاين جڳهين ۾ نه پر اها لنڊن جي شهرين ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. گهٽ م گهٽ سترهين صدي عيسوي کان وٺي شهر ڪنئين مختلف ثقافتن جو آماجگاهه ٿي پيو آهي. جڏهن کان دنيا جي هر طرف ۽ ملڪ کان ماڻهو هتي اچي رهڻ لڳا. جن ۾ هندستاني پاڪستاني بنگالي، ڪيريبئن ،رومي سمنڊ جي ڪنارن تي رهندڙ ۽ ڏور اوڀر وارن ملڪن جا هزارين ماڻهو شامل هئا. آباديءَ جي انهيءَ يلغار شهر ۾ وسعت آڻي منجهس ميٽرو پولس يعني شاهي شهر جا آثار پيدا ڪيا.

ٽرافلگر اسڪوائر واري علائقي ۾ تمام گهڻي ٽرئفڪ هوندي آهي. هن اسڪوائر وٽ 185 فوٽ اوچو پلر ٺهيل آهي. جنهن تي عظيم بحري سالار ايڊمرل هوريٽيو نيلسن جو مجسمو آويزان آهي. جيڪو 1805ع ۾ ٽرافلگر واري فرينچ نيوي هٿان مليل شڪست واري جنگ ۾ مري ويو. راڻي وڪٽوريا جي دور جي پينٽر ايڊون سيئر انهيءَ پلر جي بنياد وٽ چار شينهن محافظن وانگر ڊزائين ڪيا آهن. پاسي کان ٻه ڦوهارا لڳل آهن. جيڪي اونهاري ۾ گرميءَ کان عاجز سياحن کي پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿا.

سنڌ جي فاتح سر چارلس نيپئر جو مجسمو ٻه هٽ رکيل آهي. جيڪو حڪومت نه پر سندس ذاتي دوستن ٺهرايو آهي. هت بي شمار سياح سڄو ڏينهن ايندا ويندا رهندا آهن. جيڪي شينهن تي ويهي ۽ ڪبوترن کي چارو ڪارائي فوٽا ڪيڻ ۾ ڏاڍو لطف اندوز ٿيندا آهن. اسان ٻه ڪافي فوٽا ڪڍيا ۽ اڳي ڪڍيل فوٽن کي ياد ڪري نئين انداز سان هڪ ٻئي جا فوٽا ڪڍياسين.

ٽرافلگر اسڪوائر جي ڏکڻ طرف هڪڙو ٽڪنڊو يا ٽه واٽو آهي. اتي چارلس اول جو مجسمو لڳل آهي. اهو هنڌ چارنگ ڪراس (نشان) وارو اصل ماڳ آهي. جتان لنڊن کان مختلف طرفن ۽ شهرن ڏانهن ويندڙ رستن جي ماپ ڪئي ويندي آهي. هن هنڌ تي اهو نالو يعني چارنگ ڪراس ايڊورڊ اول پنهنجي زال ايليئز جي جنازي جي جلوس واري رستي تي لڳل يادگار نشانن مان آخري نشان طور مقرر ڪيو هو. اهو يادگار نشان اڄا تائين چارنگ ڪراس ٽرين اسٽيشن جي اڳيان اوڀر طرف موجود آهي.

اسان هتان کان پوءِ ٽرافلگر اسڪوائر جي اترئين پاسي نئشنل گئلريءَ طرف وياسين. جتي دنيا جي عظيم فن پارن جو زبردست ذخيرو موجود آهي برطانيا کي پنهنجا وڏا فنڪار پيدا ڪيا. ۽ ڪن روشن خيال فنڪارن جي پذيرائي ٻه ڪئي پر هن ملڪ دنيا جي فني شاهڪارن کي گڏ ڪرڻ وارن شوقينن جو چڱو تعداد پيدا ڪيو جن خاص طور تي ارڙهين صديءَ دوران اعليٰ ثقافتي فني شاهڪار

۽ نوادرات حاصل ڪرڻ لاءِ پوري يورپ جو سير سفر ڪيو. جنهن ڪري لنڊن ۾ پوري يورپ جي سمورن مکيہ فني اسڪولن ۽ فنڪارن جا ايترا تہ گهڻا شاهڪار موجود آهن جيترا سندن اصل ملڪن ۾ بہ مس موجود هوندا. مثلاً فقط اٽليءَ جي فني شاهڪارن جي تعداد تي نظر وجهڻ سان اٽليءَ جي تقريباً سيني وڏن فنڪارن جهڙوڪ پيرو ڊيلا فرانسيسڪا، رافائيل، بوٽيسيلي، بوسلو مائيڪل اينجلو ڪارا واگيو، ٽائيٽيئن، پائولو ويرونيز ۽ مانٽيگنا وغيره جا هزارين فني نوادارات گئلريءَ جو سينگار آهن. اسپين جي عظيم فنڪارن جا سدا جڳ مڳائيندڙ زرين فني شهپارا هتي سونهن جي سامان ۾ شامل آهن. مثلاً ويلاسڪيئز وارو ”راڪيبي وينس“ شاهڪار ايل گريڪو گويا ۽ ٻين ڪمال جي صاحبن جا فني جواهرات ڪثرت سان موجود آهن. انگلينڊ کان هيٺ وارن ملڪن جي پڻ ڪمال جي ڪاريگرن جهڙوڪ ميملنڪ، وان آئيڪ جو فني ڪارنامو ارنالفني ميرئيج، وان ڊرويڊن رُبنس ۽ ٻين جي مصوري جو پڻ وڏو ذخيرو موجود آهي. هتي ريمبرانٽ جي پُرتجسس تصويرن جي ترتيب جو پڻ عجيب نماءُ آهي.

پوسين، لورين، واٽيو ۽ ڊيوڊ وارين تصويرن جو مجموعو ملڪ ۾ موجود ويهين صديءَ جي فرانسيسي فني شاهڪارن جو هتي پهتل اوائلي حصوآهي. تنهن ڪانسواءِ مونيٽ جو شاهڪار ”واٽر لليز“ توڙي سيزاني ۽ سيوريٽ جون تصويري ڪاوشون پڻ هتي آويزان آهن.

جيڪڏهن توهان هن فن جو تاريخي جائزو وٺڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ توهان کي گئلري وٽ بلڪل جديد طرز واري 1991ع ۾ ڪلندڙ سينسبري عمارت ۾ انهيءَ جي شروعات ڪرڻي پوندي، منجهند جي وقت ڪمرن ۾ خصوصاً آچر تي پيهہ سبب هتي تصويرن کي گهرائي سان تہ ڏسڻ ئي ناممڪن ٿيو پوي. ليونارڊو جو ڪارٽون ڏسڻ وارن جي هميشہ تمام گهڻي رش هوندي آهي. اهو ڪارٽون سندس زبردست شاهڪار ”ورجن آف دي راڪس“ جي پويان، هتي قائم هڪڙي چيپل يعني ننڍڙي عبادت گاهہ جنهن تي گولين جي ڌڪ جو اثر بہ نہ ٿوٽئي ۾ سجايل آهي.

روشن خياليءَ واري ۽ ان کان پوءِ واري دور جا فن پارا تہ اڳوڻي مکيہ عمارت ۾ زير نمائش آهن. پر هيءَ نئين سينسبري بلڊنگ پڻ، گئلريءَ ۾ سمورين تصورن جي نمائش لاءِ گهربل جڳهہ مهيا ڪرڻ کان قاصر آهي. انهيءَ جي باوجود هتي وارين هيٺين گئلرين ۾ سجايل بهترين تصويرن جي عاليشان مجموعي جي مشاهدي ۾ نظر چُڪ نہ ڪندا.

ٽرافلگر اسڪوائر جي اولهہ طرف جيمس گبس طرفان ارڙهين صديءَ جي شروعات ۾ اڏيل ”سينٽ مارٽن ان دي فيلڊس“ وارو چرچ قائم آهي. جنهن ۾ ڪيترائي قديم طرز جا ڪالم ۽ هڪ غير رواجي طرز جي مناري سان مهاڙي نهيل آهي. نئشنل گئلري جي پر سان سينٽ مارٽن واري جڳهہ ۾ عظيم انسانن جي تصويرن جي پڻ هڪ الڳ قومي نمائش قائم ڪئي وئي آهي. جنهن کي ”نيشنل پورٽريٽ گئلري“ سڏين ٿا. هيءَ نماش سومر کان ڇنڇر تائين صبح 10 بجي کان شام 6 بجي تائين ۽ آچر تي منجهند 12 بجي کان شام 6 بجي تائين مفت ڏيکاري وڃي ٿي. هيءَ گئلري سن 1856ع ۾ قائم ڪئي وئي. هتي موجود نوادرات ۾ هڪڙي هينري اٺين جي ماڻهو جي قد کان بہ وڏي تصوير آهي. جيڪا هينس هولبين جي نهيل آهي. بيشڪ هي ميوزم تصويرن جي مختلف فني قسمن جو تاريخي مجموعو بہ پيش ڪري ٿو تہ ٻئي طرف برطانيا جي مشهور هستين جو تعارف پڻ

پيش ڪري ٿو. ٽيو ڊور گهراڻي ۽ دور سان واسطو رکندڙ شخصيتن جون تصويرون مٿيئن ماڙ تي سجايل آهن. وچين ماڙ تي وڪٽورين دور وارن ماڻهن جون تصويرون رکيل آهن. بلڪل هيٺيئين طبقي گرائونڊ فلور تي ويهين صديءَ جي مشهور ماڻهن جهڙوڪ پوپ ايڪٽرن، رانديگرن، سياستدانن ۽ شاهي گهراڻي جي شخصيتن جون تصويرون سجايل آهن. هن عمارت جي هڪڙي حصي ۾ وقت بوقت خصوصي نمائشون پڻ لڳايون ويندون آهن. جن ۾ فوٽوگرافي جون بهترين نمائشون به شامل آهن.

هن چرچ ڏسڻ کان پوءِ اسان پنڌئي پنڌ لنڊن جي روڊن تي گهمندا ڦرندا اڳتي وڃي رهيا آهيون. ڊبل ڊيڪربس جنهن جي ڇت کاني تنهن ۾ سياح مٿي ويٺا ڪچهريون ڪري رهيا آهن. هتي سڄي انگيلنڊ ۾ اهڙيون بسون جام هلن. توهان هڪڙيءَ ٽڪيٽ ۾ بس، زير زمين ٽيوب ۽ ٽرين ۾ چڙهي گهمي ڦري سگهو ٿا. انهن ۾ گهمڻ لاءِ هڪ ڏينهن هڪ هفتي ۽ سيزن ٽڪيٽ ٿين جيڪي توهان کي انهن جي اڏن تان ملي وينديون. ٽڪيٽ جو مدو جيئن وڌيڪ تئين ڊسڪائونٽ زياده. اسان اڄ سڄو ڏينهن گهميا ڦريا آهيون. ۽ هينئر به ڪافي وقت پنڌ ئي پنڌ لنڊن جا چڪر لڳاياسين سو هاڻ هڪ ٽئڪسي ڪري واپس پنهنجي رهائش واري جڳهه ڏانهن وڃي رهيا آهيون. شام جي وقت ۾ ڪافي ماڻهو فوٽ پاٿن تي گهمي ڦري رهيا آهن. اسان کي ٽئڪسي واري آٽي پنهنجي جڳهه پيڙو ڪيو. پوراٽي ٻڌايو ته فرخ ۽ نور به ٻاهر گهمڻ ڦرڻ لاءِ نڪري ويا آهن. اسان ڪپڙا بدلائي ريسٽ لاءِ بيڊ تي ليٽي پاسين.

ٿورو آرام ڪري چانهه پي ٻاهر ٽهلڻ لاءِ نڪري پياسين. اسان جو گهر جيڪو Endlsham روڊ تي آهي. تنهنجي هڪ ڇيڙي تي اسڪول آهي. جنهن ۾ صبح جو ٻار اسڪول ويندا آهن. تنهن مهل اهي راند ڪندا ٽيننگ ٽپا ڏيندا رهندا آهن ۽ سندن ڪلڻ، ڳالهائڻ صاف ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. ننڍو ٻار ۽ پاليل جانور انسان کي انهيءَ ڪري وڻندا آهن، جو انهن جو ڪو به مطلب مفاد ڪو نه هوندو آهي. هو صرف پيار ئي پيار ۽ معصوميت جو اهڃاڻ هوندا آهن. آئون لنڊن ڪيترا دفعا آيو آهيان. ڪيترن ئي اسڪولن ۾ وڃڻ ٿيو آهي ۽ گهرن ۾ هتي پڙهيل ڪافي شاگردن سان ملاقات ٿي آهي پر ڪراچي جي بيسڪ ايڊيو ڪيشن به پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هتي اسڪولن ۾ ٻار ڏاڍا صحتمند ۽ خوش نظر ايندا آهن.

هي رات جو ٽائيم آهي هن وقت هت هميشہ خاموشي هوندي آهي، هت اسڪول ٽائيم کان پوءِ مون ڪو به چوڪيدار يا گارڊ ڪو نه ڏٺو. جيئن ڪراچي جي پرائيويٽ اسڪولن ۾ هوندو آهي پر اڄ اندر ماڻهو نظر اچي رهيا آهن. شايد ڪا تقريب اهي. اسان اسڪول جي پاسي مان لنگهي اڳتي وڃي رهيا آهيون. ييلو ڪيب وارن جي آفيس، ڪپڙن ڌوئڻ جو دُڪان جت ماڻهو شام جي وقت پنهنجا پنهنجا ڪپڙا ڪٽي اچي خودبخود ڌوئن ۽ جيسين ڪپڙا مشين ۾ ڌوبجي تيار ٿي ۽ سُڪي به وڃن تيسين هي ويٺا اخبارون ۽ رسالا پڙهن ۽ هڪ ٻئي سان بلڪل ڪو نه ڳالهائين. پنهنجو ڪم لاهي چپ چاپ هليا وڃن پر هڪ ٻئي سان هڪ لفظ به ڪو نه ڳالهائين. ان جي ابتڙ پاڻ جيڪر بس، ريل، هوائي جهاز يا ڪنهن سُپر مارڪيٽ ۾ پنهنجي پرسان ويٺل ماڻهو کي ڏسون ته ضرور به پڇون ته توهان ڪير آهيو ڪٿي ويٺا آهيو ڇا ڪندا آهيو. پوءِ جي پر واري ڇيس ته آئون ڪجهه ڪو نه

ڪريان، غريب مسڪين آهيان ته ڳالهه ٿي پوري پر جي ان چيس ته آئون اسيمبلي ميمبر آهيان به چوڙائڻ ۽ به ٻڌائڻ منهنجو محبوب مشغلو آهي يا راشي ڪاتي ۾ وڏو رشوتي ڪامورو آهيان ته پوءِ توهان جي خوشامد ڪرڻ ۾ ڪا به گهٽتائي ڪا نه ٿيندي، اها به اسان جي غلام هئڻ جي هڪ نشاني آهي ته حاڪم ڪٿي به ملي ته سندس خوشامد ڪرڻ اسان جي فرض ۾ شامل آهي. اسان اڳتي مين روڊ تي پهتا آهيون. سامهون مڪڊونلڊس وارن جو دُڪان آهي پرسان سپر اسٽور آهي جنهن طرف اسان وڃي رهيا آهيون. ان طرف وائين شاپ ۽ ٻيا به ڪيترن قسمن جا دڪان آهن. اسان آهستي وڃي رهيا آهيون. منا چيو ته رات جي ماني ٻاهر ڪنهن پاڪستاني هوٽل تي کائون. مون چيس ته پوءِ پاڻ ڪي گهر يوراٽيءَ کي ٻڌائي اچڻ گهرجي ها. هو ته ماني ناهي چڏيندو سو اڄ نه سڀاڻي رات جو ٻاهر ماني کائينداسين. اڄ واڪ ڪري گهر ٿا هلون سڄو ڏينهن ٿيو آهي جو نور ۽ فرخ سان به ڪو نه گڏيا آهيون. سو مانيءَ تي انهن سان ڪچهري به ٿي ويندي. ايئن واڪ به ڪندا وڃون ۽ ڪچهري به ڪندا وڃون. رستي تي هڪ پب آهي جنهن ۾ اندر درين جي شيشي مان سڀ ڪجهه نظر اچي رهيو آهي. اندر ڪافي رش آهي پر اسان هلندا وڃون.

ٻي جنگ عظيم ۾ جڏهن جرمنيءَ فرانس فتح ڪيو ته ڊيگال ۽ ٻيا ڪيترا يورپ جي ملڪن جا سربراهه پنهنجا پنهنجا ملڪ ڇڏي اچي لنڊن پيڙا ٿيا ۽ هي ريڊيو اسٽيشن ذريعي پنهنجي قومن کي حوصلو ۽ همت ڏيئي رهيا هئا تنهن دوران خود برطانيا جا ماڻهو به جنگ جي خوف ڪري ڏاڍا هراسيل هئا. ننڍا وڏا شهر سُنسان لڳا پيا هئا، پر انهيءَ دوران به حڪومت اهو حڪم جاري ڪيو ته سڄي انگلينڊ جا پب کليل رکيا وڃن ته جيئن ماڻهو اُت ايندا رهن ۽ زندگي روان دوان رهي ۽ ماڻهو همت نه هارين. واقعي ڪڏهن ڪڏهن ننڍيون ننڍيون ڳالهيون وڏا ڪم ڪريو ڇڏين.

اسان اڳتي وڃي رهيا آهيون منا چيو ته پُل ڪان پوءِ واپس ورنداسين اسان صبح جو به واڪ تي انهيءَ پل تائين ايندا آهيون. رات ٿي وئي هئي پر هنن ملڪن ۾ ڌپ ۽ خوف جي ته ڪا ڳالهه ئي ڪانهي. سو اسان پنهنجو چڪر پورو ڪري پوءِ واپس ٿينداسين. عام ماڻهوءَ کي ته ڌپ ڪونهي پر هنن ملڪن جي بادشاهن، صدرن ۽ وزيراعظم کي به تر برابر به پنهنجي ملڪ جي عوام ڪان خوف خطرو ڪونهي. انهيءَ جو مثال 10 ڊائونگ اسٽريٽ آهي. جت ملڪ جي وزيراعظم جي آفيس ۽ رهائشگاهه آهي. وزيراعظم هائوس جو در هڪ عام فٽ پاٿ تي ڪلندو آهي. جت سڄو ڏينهن عام ماڻهو ايندا ۽ ويندا رهندا آهن. حڪومت انهيءَ فٽ پاٿ کي عام پبلڪ لاءِ بند نه ڪيو آهي. هن فٽ پاٿ تي هلندڙ هڪ عام واٽهڙو آساني سان ڪجهه به ڪري سگهي ٿو.

اسان پنهنجو رائونڊ پُل تائين مڪمل ڪري واپس گهر ڏانهن وڃي رهيا آهيون. ڪافي دڪان بند پيا آهن. ماڻهن ۽ ٽرئفڪ جي رش نظر ڪا نه ٿي اچي. اسان بالم جي عام شاهراهه نه پر سيف وي Safe way واري پٺئين روڊ ڪان گهر ڏانهن مڙيا آهيون. انهيءَ رستي سبب ڪافي شارٽ ٿيو وڃي. گهر جي دروازي تي پهچي بيل وڄايم ته نور دروازو کوليو پاڻ خير سان گهمي ڦري اچي ويا هئا.۱ سان مٿئين ماڙ تي پنهنجي بيڊ روم ڏانهن روانا ٿياسين ٿوري دير ۾ دستور مطابق نور اسان لاءِ ماني کڻي آيو جيڪا کائي سمهي پياسين. سڄي ڏينهن جو ٿڪ هوءِ سڀاڻي به وري سڄو ڏينهن گهمڻو ڦرڻو هو.

صبح جو اٿي تيار ٿي منا ۽ مون ناشتو ڪيو. نور ۽ فرخ اڃان سُتا پيا هئا. اسان گهر ڪان ٻاهر

نڪري پهرئين اردو اخبار جنگ ۽ انگريزي اخبار خريد ڪري اڄ جي پنهنجي گهمڻ جي پوائنٽ ٽاور آف لنڊن لاءِ ٽئڪسي ڪري روانا ٿياسين.

ٽاور آف لنڊن وڃڻ لاءِ ٻين لنڊن جي اهم جڳهين وانگر ٽيوب سروس پڻ هلندي آهي پر اسان ٽئڪسي ڪري اوڏانهن وياسين، صبح سوير آهي ڪا گهڻي رش ڪانهي. ٽئڪسي واري اسانکي لنڊن جو سير ڪرائي لنڊن برج مٿان ڦيرائي آڻي ٽاور آف لنڊن جي اڳيان لاٿو ٽاور آف لنڊن ٿيمس نديءَ جي بلڪل ڪپ تي آهي ۽ ڏاڍي پرڪشش جڳهه تي ٺهيل آهي. هت ٿيمس نديءَ جي ٻنهي ڪپرن تي لنڊن جون اهم جڳهيون ٺهيل آهن. جت سياح وڏي تعداد ۾ گهمڻ اچن ٿا جن ۾:

1۔ ٽاور آف لنڊن

2۔ لنڊن برج

3۔ سائوٿ وارڪ ڪيٿيڊرل

4۔ شيڪسپيئر گلوب ٿيٽر

5۔ لائيڊ بلڊنگ

6۔ ڪئنسين اسٽريٽ

7۔ بئنڪ آف انگلينڊ

8۔ مينشن هائوس

۽ ٻيون ڪوڙ ساريون جڳهيون آهن. لنڊن ٽاور جي پرسان ڪي ايف سي وارن جي هڪ بهترين ريسٽورانٽ آهي جت هر وقت رش لڳي پئي آهي. انهيءَ ڪانسواءِ ٻيا به ڪيترا شاپس آهن. خاص ڪري هتان ئي ٿيمس ندي جي سير لاءِ توهان کي بيشمار بوٽس ملنديون جن ۾ چڙهي گهمي ڦري واپس هتي اچي لهو. يا ڪنهن ٻئي هنڌ اها توهان جي مرضي، مطلب ته هر وقت هن جڳهه تي رونق ۽ ڇهچٽو لڳو پيو آهي. هتي هزارن جي تعداد ۾ سياح پيا اچن ۽ وڃن. ٽاور آف لنڊن جي ٻه اندر ۽ پرسان تمام وڏا گهاٽا وڻ بيٺل آهن. جن جي هيٺيان بيشمار ڪاٺ جون بئنچون پيون آهن. انهن تي ويهي سياح ٿيمس نديءَ ۾ هلندڙ لانچون ڏسي لطف اندوز ٿي رهيا آهن. ٽاور آف لنڊن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ وڏيون وڏيون قطارون لڳيون پيون آهن. اسان به هڪ قطار ۾ بيهي رهيا سين. برٽش ميوزم ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڪا به في ڪانهي پر هت ٽاور آف لنڊن ۾ داخلا في آهي ۽ انهيءَ جي ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ اسان قطار ۾ بيٺا آهيون. پنهنجي واري تي اسان کي به ٽڪيٽ ملي جيڪا هٿ ۾ ڪٽي ٽاور آف لنڊن جي اندر داخل ٿيڻ لاءِ مين گيٽ تي اچي بيٺاسين گيٽ بند آهي. ٽاور آف لنڊن جي اندر جو سير پاڻ مرادو نه پر سڄو سير گائيڊ گروپ جي شڪل ۾ ڪرائيندا آهن. تنهنڪري جيئن جيئن گائيڊ واندا ٿين. تيئن تيئن ماڻهو اندر داخل ٿين ۽ انهن کي اول کان آخر تائين گهمائي ڦيرائي ٻاهر روانو ڪن.

فرانس جي لوور عجائب گهر ۾ يورپ جا سياح گهڻي تعداد ۾ انهيءَ ڪري وڃن جو انهيءَ ۾ مونا ليزا جي تصوير رکيل آهي ۽ ٽاور آف لنڊن ۾ هندستاني، پاڪستاني ۽ بنگلاديشي وڏي تعداد ۾ انهيءَ ڪري وڃن جو هت هندستان جو مشهور هيرو ڪوهه نور رکيل آهي. جيڪو ماڻهو ٽاور آف لنڊن گهمي ڏسي سگهي ٿو. تنهن ڪري هت هندستان ۽ پاڪستان جا ماڻهو وڏي تعداد ۾ اچن. اهڙي طرح سان ٽيپو سلطان جي تلوار وري اسڪاٽ لينڊ جي تاريخي قلعي ڪئيسل آف ايڊنبرگ ۾ رکيل

آهي. اسان سان گڏ ننڍڙن ٻارن جو هڪ گروپ بہ شامل آهي. جنهن کي سنڌن ماسترياڻي هر هڪ ڳالهہ سمجهائي رهي آهي.

ڪيڏا نہ پيارا ٻارڙا آهن. پنهنجي استاد جي هر ڳالهہ ڌيان سان ٻڌي رهيا آهن ۽ معصوم زبان ۾ پنهنجي استاد کان سوال ڪري رهيا آهن. منا تمام ڌيان سان ڪين ڏسي رهي آهي ۽ مون کي ٻڌائي رهي آهي. هت اسان کي هڪ سنڌي فئملي بہ گڏي جيڪي حيدرآباد جا آهن. اسان جو گائيڊ اسان کي هر هڪ شيءِ جي باري ۾ اهڙي تہ سهڻي نموني سان سمجهائي رهيو آهي. جڻ تہ هر هڪ شيءِ جي اسان جي اڳيان تصوير چٽجي وئي. پاڻ هر هڪ ڳالهہ تمام وڏي آواز ۽ تقرير جي انداز ۾ ٻڌائي ۽ سمجهائي رهيو آهي. سلسلو اول کان آخر تائين جاري رهيو. ٽاور آف لنڊن ٽوڪيو ٽاور ۽ ايفل ٽاور وانگر صرف ٽاور نہ پر هڪ قلعي نما محل آهي جنهن جي هڪ وڏي تاريخ آهي جيڪا سون سالن تي محيط آهي پر انهيءَ جي مقابلي ۾ ٽوڪيو ۽ پئرس وارا ٽاور جديد دور جي ٽاورن جي عڪاسي ڪن ٿا. ٻنهي جي پنهنجي پنهنجي جدا ۽ منفرد حيثيت آهي. ٻنهي کي هر روز سڄي دنيا جا ماڻهو هزارن جي تعداد ۾ ڏسن ٿا. اسان ٽاور جي ٻاهران ٽاور جي باري ۾ هڪ ڪتاب خريد ڪيو آهي. جنهن کي آهستي آهستي پڙهندا گائيڊ کي ٻڌندا، فوٽو ڪڍندا اڳتي وڌي رهيا آهيون.

ٽاور تي لڳل جهنڊي ڏانهن اشارو ڪري منا پڇيو تہ هي ڇا جو جهنڊو آهي، مون ڪيس ٻڌايو تہ هي برطانيا جو قومي جهنڊو آهي.

لنڊن ٽاور، شهر تي نوَ سئو سالن کان وڌيڪ وقت حڪمراني ڪئي آهي ۽ اڄ پڻ اهو راڄڌانيءَ جو سڀ کان وڌيڪ اهم علامت وارو ۽ سياحن لاءِ جڳ مشهور ۽ پرڪشش آهي.

پنهنجي طويل تاريخ دوران هي ٽاور شاهي محل، قلعو، قيد خانو، ڦاسي گهاٽ، اسلحي گاهہ، ڪارخانو، ضرب خانو، چڙيا گهر ان سان گڏ شاهي جواهرات، نوادرات ۽ هٿيارن جو نمائش گهر بہ رهيو آهي. اڄ اهو ٽاور برطانوي تاريخ جي طاقتور ترين علامتن يعني قديم شاهي غلامن، لنڊن جي ڪانگن جيڪي بلڪل ٽِر جي ڪانگن جهڙا ڪارا ۽ وڏا ڪانگا آهن ۽ شاهي هيرن جواهرن جو گهر آهي. لنڊن ٽاور حقيقت ۾ هڪ نہ پر گهڻن ئي ٽاورن، محلن، قلعن ۽ متفرڪ جڳهين جو مجموعو آهي. جن کي پسڻ ۽ پروڙڻ سان متاثر ڪندڙ جاڻ ۽ لطف حاصل ٿئي ٿو. هيٺ انهيءَ جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

## الهندو شاهي دروازو ۽ آبي رستو

هي علائقو لنڊن ٽاور جي سياحن لاءِ مقرر ڪيل مکيہ دروازي کان وٺي آبي رستي جي ڊنگ وٽ ڪريڊل ٽاور تائين مشتمل آهي. هي ماڳ ٽاور وٽ پهچڻ شرط يا تہ موٽندي ٽاور چڙهڻ وقت گهمي سگهجي ٿو.

## الهندو لنگهہ

ايڊورڊ پهرئين جي وقت کان وٺي (1272ع کان 1307ع) محل ۾ وچڻ جو مکيہ زميني رستو ڪيٽرن ٽاورن ۽ لچڪدار پلين مان گذرندو هو جيڪو پوءِ ٿيندڙ ڪيترين ئي ترميمن سبب، اڄ اها اصلي صورت وڃائي ويٺو آهي. ايڊورڊ اول طرفان قلعي ۾ ٿيل توسيع ۾ نئين ٻاهرئين پناهہ ديوار ۽ شهر ۽ نديءَ وارا مکيہ دروازا شامل آهن. شهر جي طرف وارو نئون شاهي دروازو 1275ع کان 1281ع

جي وچ ۾ اڏيو جنهن ۾ ٽي ٽاور (1) لائين ٽاور (2) مڊل ٽاور ۽ (3) ٻاءِ وارڊ ٽاور جوڙيا ويا. لائين ٽاور بعد ۾ ڊاٺو ويو. هن وقت جديد ڪنڪريٽ پُل، ٽاور هل کان مڊل ٽاور تائين وڃي ٿي. جديد پُل تان قديم لچڪدار پُل جا آثار ۽ لائين ٽاور جي ٻاهرين ديوار ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جنهن جا پٿر ٽاور شاپ جي اڳيان ٿهيل پٽڙيءَ ۾ لڳل نظر ايندا.

هن ٽاور ۾ شاهي چڙيا گهر قائم هو. جنهن ۾ شينهن به هوندا هئا. تنهن ڪري هن ٽاور جو نالو ”لائين ٽاور“ رکيو ويو. شاهي چڙيا گهر 1834 ۾ موجوده لنڊن زو ڏانهن منتقل ڪري لائين ٽاور کي ڊاهي انهيءَ هنڌ پمپ هائوس اڏيو ۽ ان کي ٽاور شاپ طور استعمال ڪجي ٿو.

## مڊل ٽاور

لائين ٽاور کان مڊل ٽاور ڏانهن هڪڙي لچڪدار ننڍي پُل هئي سا هاڻي ڦٽي وئي آهي. 1717ع ۾ جارج اول مڊل ٽاور ۾ ترميم ۽ ڪجهه سڌارو ڪري گيٽ تي هٿيار وغيره چاڙهيا. هي ٽاور هن وقت يئومين گارڊ (قديم غلام محافظ) جي رهائشگاهه آهي. ٽاور جو بچاءُ حقيقتاً گيٽ وٽ لوهي سيخن جي ٺهيل ٻن ٽاڪن کي زمين ۾ لڳل ڪانچن ۾ لڳائي ڦاٽڪ بند ڪرڻ سان ٿيندو هو. اهي ڪانچا اڄ به ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

## ٻاءِ وارڊ ٽاور

مڊل ٽاور ۽ ٻاءِ وارڊ ٽاور جي وچ ۾ هڪ ننڍو رستو هوندو هو جنهن ۾ اصل کان هڪ لچڪدار پُل هوندي هئي. ياد رکڻ گهرجي ته انهيءَ هنڌ موجود کاهيءَ ۾ 1843ع تائين پاڻي ڀريل هوندو هو. هي گيٽ هائوس ايڊورڊ اول جي ٺهرايل ٻن گول ٽاورن سميت اڄا تائين گهٽ ئي اصل مهانڊن جو حامل آهي. مڊل ٽاور وانگر ٻاءِ وارڊ ٽاور پڻ لوهي سيخن جي ٺهيل ٻن ٽاڪن سان ڦاٽڪ بند ڪري محفوظ رکيو ويندو هو. ڦاٽڪ وٽان لنگهندي اهو سيخدار ٽاڪن ۽ خوني سوراخن جو سلسلو ڏسڻ ۾ ايندو جيڪي سوراخ شايد حملہ آور دشمنن طرفان گيٽ کي باهه سان ساڙڻ لاءِ استعمال ڪيا ويا هئا. ڦاٽڪ جي اڳئين پاسي ساڄي طرف تير اندازيءَ لاءِ ٺهيل اصلي سوراخ آهي. جيڪو ڦاٽڪ جي حفاظت لاءِ استعمال ٿيندو هو.

ڦاٽڪ جي ٿورو پوئيان ساڄي طرف هڪ ننڍو خانگي لنگهه آهي. جيڪو گهاٽ کان ٽاور ڏانهن ويندڙ هو ۽ شاهي خاندان پاران پندرهين ۽ سورهين صدين دوران استعمال هيٺ هو. انهيءَ لنگهه تي ننڍڙي ڦاٽڪ ۽ گهاٽ واري پاسي کان لچڪدار پُل پڻ ڏسي سگهجي ٿي. اهو پوسٽرن گيٽ اصل ۾ ايڊورڊ اول ٺهرايو هو. پر سندس موجوده صورت پندرهين صديءَ کان شمار ڪجي ٿي.

## واٽرلين يا آبي رستو

ٻاءِ وارڊ ٽاور جي هيٺان لنگهڻ کان پوءِ اوهان انهيءَ هنڌ پهچندا جتي اوهان جي کاٻي هٿ تي اتر طرف ويندڙ ضرب خاني واري گهٽي آهي ۽ اڳيان آٿوَ- واٽر لين. اهو هنڌ ايڊورڊ اول جي دور وارو آئوٽر وارڊ يعني خارجي ميدان آهي. اهو وارڊ ايڊورڊ اول طرفان لنڊن ٽاور جي توسيع دوران ان وقت قائم ڪيو ويو. جڏهن 1275ع کان 1282ع جي وچ ۾ محل جي اولهه، اتر ۽ اوڀر، طرفن کان هڪ نئين ٻاهرين بچاءُ واري اضافي ديوار (آئوٽر ڪرٽين وال) تعمير ڪئي وئي ندي سان لڳو لڳ موجود واٽرلين وارو سمورو علائقو آئوٽر وارڊ قرار ڏنو ويو ۽ ٿيمس ندي جي ڪناري سان لڳو لڳ ٽاورن تي

مشتمل بچاءُ جي شاهي ديوار تعمير ڪئي وئي انهيءَ ڪان اڳ اندروني پناهه واري ديوار تي اڏيل سمورا ٽاور ندي جي ڪپ تي قائم هئا. تنهن ڪري انهيءَ هنڌ جو نالو واٽر لين سڏيو ويو. اندرين ۽ ٻاهرين بچاءَ جي ديوارن جي وچ واري بيل ٽاور ڪان وٺي سالٽ ٽاور تائين واري ايراضيءَ جو تمام وڏو حصو واقعتاً شاهي ضرب خاني وارن جي ورڪشاپ آفيسن ۽ گهرن جي قبضي هيٺ هو جيڪي ملڪي ناڻي جا سڪا تيار ڪندا هئا. بيل ٽاور جو اترين پاڱو اجا تائين منٽ اسٽريٽ طور ڄاتو وڃي ٿو.

منٽ اسٽريٽ لڳ، اڳيان نهارڻ سان ٻاهرين بچاءَ واري ديوار جي پويان چبوترن تي ٺهيل ارڙهين صديءَ وارن گهرڙن جي قطار نظر ايندي جتي يئومين واردر پنهنجن ڪٽنبن سميت رهن ٿا.

## بيل ٽاور

بيل ٽاور منٽ اسٽريٽ ۽ واٽر لين واري ڪنڊ تي ٺهيل آهي ۽ وائيٽ ٽاور ڪانسواءِ محل جي سمورن ٽاورن ۾ پراڻو آهي. بيل ٽاور ۽ ساڻس ملندڙ ڪريٽن وال جيڪا واٽر لين سان لڳو لڳ وڌندي بلڊي ٽاور سان ملي ٿي. لنڊن ٽاور ۾ 1190ع واري اوائلي توسيع ۾ شمار ڪجن ٿا جنهن وقت اهي درياءَ جي ڪپ تي موجود هئا. بيل ٽاور جي بنياد وارا بلاڪ ان جي پرسان موجود هڪ ڪڏي مان ندي جي ڪپ تي موجود ڏسي سگهن ٿا. ٽاور جي بناوت مان اندازو آهي ته شايد اهو ٻن مرحلن ۾ تعمير ٿيل آهي. مٿين ٻي ماڙ جيڪا گول آهي سا هيٺين پنج ڪنڊي طبقي مٿان پوئين مرحلي ۾ اڏيل پائنجي ٿي.

جيتوڻيڪ موجوده بيل ٽاور 1651ع کان موجود ڄاڻايو وڃي ٿو پر ڪرفيو جو گهنڊ هن ٽاور مان گهٽ ۾ گهٽ 5 سئو سالن کان وڄندو رهي ٿو. لنڊن ٽاور جي تاريخ ۾ ڪانسٽيبل جي رهائش گاهه بيل ٽاور سان گهڻو اڳ ڳنڍيل وئي.

ٽيوڊور بادشاهن جي زير حڪومت جڏهن محل جي محافظ اعليٰ ڪانسٽيبل جي نائب يعني ليفٽيننٽ جنهن کي ريزيڊنٽ ڊپٽي به سڏبو هو. ان جي ڊيوٽي ۾ قيدين جي سلامتي شامل هئي. ان وقت بيل ٽاور تمام مکيه حيثيت وارن قيدين جي رهائش گاهه بڻجي ويو. جهڙوڪ سرٿامس مور ۽ شهزادي ايلزبيٿ جيڪا راڻي ايلزبيٿ اول هئي. واٽر لين سان گڏ اڳيان وڌڻ سان مٿي ڪاٻي طرف موجوده راڻي جي رهائش جو پويون حصو ڏسڻ ۾ ايندو. جتي ٽاور جو گورنر اجا تائين رهندو آهي. ٿورو اڳتي توهان جي ساڄي طرف تي ميڊيئيول پيليس جو گيٽ آهي. ۽ ٿورو پوئتي ٽرائيٽرس گيٽ آهي. بلڊي ٽاور جو رستو مخالف رُخ ۾ اندرواردڊ ڏانهن وڃي ٿو.

## ٽرائيٽرس گيٽ

سينٽ ٿامس جو ٽاور بادشاهه جي رهائش لاءِ بادشاهه ايڊورڊ اول سن 1275ع جي وچ ۾ اڏايو. بلڊي ٽاور واري آبي رستي بچاءِ هن ٽاور لاءِ الڳ هڪ نئون آبي رستو پڻ جوڙايو ويو. انهيءَ نهر کان ايندڙ آبي ڦاٽڪ کي ٽرائيٽرس گيٽ سڏجي ٿو. چيو وڃي ٿو ته ڪيترائي حڪومت جا غدار ماڻهو انهيءَ ڦاٽڪ مان داخل ٿيا هئا. مثلاً راڻي اينِي بولين ۽ سرٿامس مور. سندن اهو سفر آخري ٽيڙو هو. وائيٽ ٽاور جي ڇت تي ٺهيل ٽانڪيءَ ۾ پاڻي پهچائڻ لاءِ ٽرائيٽرس گيٽ جي پويان هڪڙي پول ۾ مشين استعمال ٿيندي هئي. مشين اصل ۾ پاڻيءَ جي زور تي يا وري گهوڙي جي طاقت سان ڪم ڪندي هئي ۽ ٻاڦ تي هلائي ويندي هئي. سن 26-1724ع ۾ مشين بندوقن جي نالين ۾ سوراخ

ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ مشينون هلائڻ لاءِ استعمال ڪئي وئي 1860ع ۾ ان کي هٽايو ويو.

### هينري ٽئين وارو گيٽ

### ۽ لوئر ويڪ فيلڊ ٽاور

واٽر لين سان اڳتي وڌندي، اوڻويهين صديءَ واري پل هينيان هينري ٽئين واري ذاتي آبي ڦاٽڪ جا آثار نظر ايندا. چاڙهاڻيل پل سينٽ ٿامس واري ٽاور ۽ ويڪ فيلڊ ٽاور کي ملائي ٿي. اهو آبي ڦاٽڪ اصل ۾ نهر کان سڌو ويڪ فيلڊ ٽاور جي هيٺئين طبق ۾ داخل ٿيندو هوندو. ويڪ فيلڊ ٽاور جي هيٺئين طبق ۾ محافظن لاءِ هڪڙو ڪمرو هو. واٽر گيٽ تي چوڪي ڏيندڙ سپاهيءَ انهيءَ ڪمري ۾ رهندا هئا. اهي سپاهي لڳ ڀڳ 1280ع تائين تير بازيءَ جي ڳڙکين وسيلي نهر تي چوڪي ڏيندا آيا. جڏهن نهر جي صفا لڳ ڪپ سان هڪڙي نئين ٻاهرئين بچاءُ واري ٽاورن تي مشتمل پٽ اڏي آئوٽر وارڊ قائم ڪيو ويو. تڏهن انهيءَ هيٺئين طبق جون تير اندازيءَ واريون ڳڙکيون بند ڪري، فرش کي ٻاهرئين زمين جي ليول مطابق مٿي ڪيو ويو هو پر پوءِ اها پراڻي ورڙي خارج ڪرائي وئي جيئن تہ استن جي پٿرن تي ٿيل ڪم کي اصل حالت ۾ ڏيکاري سگهجي. اصلي حالت کي مڪمل ڪرڻ لاءِ مٿئين ڪمري ۾ ڪاٺ جو فرش نئين سر اصلي نموني مطابق تعمير ڪيو ويو آهي. انگلينڊ ۾ گهڻيون جڳهيون اڄ بہ ڪاٺ جون ٺهيل آهن. ڪاٺ جي جڳهين ۾ سردي گهٽ لڳي. اڄڪلهہ تہ هر شيءِ سينٽرلي هيٽيڊ آهي پر تڏهن بہ هٽ گهرڪاٺ جا ئاهين. جنهن گهر ۾ اسان رهيل آهيون. اهو بہ ڪاٺ جو ٺهيل آهي. ويڪ فيلڊ ٽاور جو مٿيون طبق وچئين دور جي محل جي هڪ ڀاڱي طور عوام لاءِ نمائش خاطر کليل آهي.

ويڪ فيلڊ جي هيٺئين طبق مان نڪري ڪاٻي طرف مڙي بلڊي ٽاور جي ڦاٽڪ مان لنگهي واپس اچي واٽر لين ۾ داخل ٿيندئو.

### ڪريڊل ٽاور

واٽر لين تي اچا وڌيڪ اڳتي ڪريڊل ٽاور ٺهيل آهي. جيڪو بادشاهہ ايڊورڊ ٽئين (1377ع-1327ع) پنهنجي رهائشگاهہ لاءِ ذاتي استعمال واري هڪ نئين آبي ڦاٽڪ طور تعمير ڪرايو هو. بادشاهہ جي رهائش ان وقت لينٿرن ٽاور ۽ ان جي آسپاس جاين تي مشتمل هئي.

ڦاٽڪ اندر لوهي سيخن واري دروازي جي جهل لاءِ فرش ۾ ٺهيل ڪانچا اڃا تائين ڏسجن پيا. پٿر جي ٺهيل سهڻي گولائي واري ڇت پڻ قابل توجهہ آهي.

ڪريڊل ٽاور بعد ۾ قيد خاني طور استعمال ٿيو. سن 1599ع ۾ ٻن قيدين هر هڪ نالي

### 1- فادر جان گيرارڊ ۽ 2- جان آرڊرن

ٽاور مان ڀڄڻ جو بندوبست ڪيو. اهي ٽاور مان رسي ذريعي نڪري هيٺ پاڻيءَ سان ڀريل کاهي ۾ سندن ساٿين پاران تيار بيٺل ٻيڙيءَ تي چڙهي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

ڪريڊل ٽاور جي سامهون راڻي ايلزبيٿ ثانيءَ وارو آرچ ڦاٽڪ آهي. جيڪو انروارڊ ڏانهن وڃي ٿو. هت ڪافي سياحن فوٽا ڪڍيا جنهن کان پوءِ اسان جو هي قافلو اڳتي وڌيو.

### ميڊِيئيوَل محل

ميڊيئيول محل ۾ داخل ٿيڻ جو رستو واٽرلين ۾ ترائيٽرس گيٽ جي ڀرسان آهي. لنڊن ٽاور جي عمارتن جو اهو تعداد جن کي بادشاهہ شهر ۾ موجودگيءَ دوران رهائش طور استعمال ڪندا هئا، انهن

جڳهين جو گڏيل نالو ميڊيئيول محل رکيو ويو. انهن مان ٻه مکيه حصي ڪي انوسٽ وارڊ چئجي ٿو. تنهن حصي ۾ سير ڪندي وال واڪ جي ڏکڻ ڪان ۽ ويڪ فيلڊ ۾ لينٽرن ٽاورن وچان ٻه ڏسي سگهبو.

## سينٽ ٿامس وارو ٽاور

هي ٽاور بادشاهه ايڊورڊ اول 1275ع کان 1279ع تائين ٻن مقصدن ڪارڻ جوڙايو هو. يعني هڪ ته بادشاهه جي رهائش لاءِ وڏيڪ جڳهه جو حصول ۽ ٻيو انهيءَ سان گڏ هڪ اهڙو نئون آبي گهاٽ جنهن وسيلي بادشاهه نديءَ جي طرف کان محل ۾ پهچي سگهي. هن ٽاور ڪي هاڻي ٽرائيٽرس گيٽ سڏجي ٿو ڇو ته انتظاميه جو خيال هو ته غداريءَ واري مقصد سان ويسٽ منسٽر کان هتي ايندڙ ماڻهو انهيءَ ڦاٽڪ مان داخل ٿي هن محل ۾ پهتا هئا.

هن ٽاور جي بناوت ۾ ڪيترين ئي تبديليون ڪيون پئي ويون آهن. قديم آثارن جي اصلي صورت ۽ پوءِ ٿيل تبديلين ڪي ڊيڪارڻ لاءِ جيڪي تيرهين صديءَ کان وٺي اتي ٿينديون رهيون آهن. هن ٽاور جي پهرئين چيمبر کي جيئن جو تيئن رهڻ ڏنو ويو آهي.

سن 1532ع ۾ بادشاهه هينري اٺين جي ٻيو نمبر زال ايني بولين جي تاجپوشي جي تياريءَ جي سلسلي ۾ اعليٰ عملدارن ۽ درٻارين جي رهائش جي لاءِ هن ٽاور جي نئين سر وڏي پئماني تي تعمير ٿي. ارڙهين صديءَ جي شروع ڌاري ٽاور جي حالت افسوسناڪ ٿي وئي. بندوقن جي نالين ۾ سوراخ ناهڻ لاءِ ڪم ايندڙ مشينون سنڀاليندڙ مستري، قديم غلام محافظن جو ڪجهه تعداد ۽ ٽاور ۾ قائم اسپتال ۾ داخل مريضن جي رهائش جو بندوبست پڻ هتي ئي ڪيل هو.

1860ع ۾ ٽاور جي اصليت کي بحال ڪرڻ لاءِ هڪ ماهر تعميرات اينٿوني سالون کي مقرر ڪيو ويو. اڄ هي ٽاور انهيءَ آب تاب سان قائم آهي. جيئن سالون ٺهرايو هو. ٽاور جواهرات خاني جي ناظم ۽ ڪجهه عرصو پوءِ لنڊن ٽاور جي ڊپٽي گورنر جي رهائش لاءِ ڪم آيو. جواهرات خانو پرسان موجود ويڪ فيلڊ ٽاور ۾ قائم هو. هي ٽاور فقط 1990ع کان عوام جي سير لاءِ کوليو ويو. هن ٽاور جو پهريون اڻ تبديل شده ڪمرو بادشاهه جو ميگنا ڪيمرا شاهي ڪمرو ليکبو هو. هن چيمبر م اسٽرانگ روم خواب گاهه ۽ غسل خاني جو بندوبست هو. بدقسمتيءَ سان ڇاڻايل ڪوائف مان هن وقت باقي تمام ٿورو بچيو آهي پر چيمبر ۾ ٺهيل هڪ سوڙهي گذرگاهه ۾ موجود اهو اسٽرانگ روم ۽ غسل خاني جا نشان ڏسڻ ۾ ايندا. انهيءَ هنڌ وٽان نهر جو نظارو ڪري سگهجي ٿو. چيمبر ڪي اهڙي طرح ڊيڪوريٽ ڪيو ويو آهي، جيئن اندازاً بادشاهه ايڊورڊ اول جي وقت ۾ هوندو. ٿيل تبديلين جا اهڃاڻ به پنهنجي جاءِ تي موجود آهن. انهيءَ تبديليءَ جي باري ۾ گائيڊ اسان کي سٺي نموني سمجهايو.

ٻيو نمبر ڪمرو اصل ۾ بادشاهه جو ذاتي ڪمرو آئلا هو ۽ ان کي پڻ شاهي ڪمري وانگر نئين سر تعمير ڪيو ويو. هتي بادشاهه ماني کائيندو، وندرندو ۽ عبادت ڪندو هو. هڪ ننڍي گذرگاهه جتان اصل ۾ ٿيمس نهر جو نظارو ڪبو هو ۽ هاڻي اتان کان گهاٽ ۽ ٽاور برج به ڏسجي ٿي. انهيءَ گذرگاهه ۾ عبادت ڪندو هو. انهيءَ گذرگاهه ۾ عبادت لاءِ هڪڙي ننڍي ڊيسڪ رکيل آهي.

اوڻيهين صديءَ ۾ ٺهيل هڪڙي ڊکيل پل آهي، جيڪا هن ٽاور کان ويڪ فيلڊ ٽاور ڏانهن وٺي وڃي ٿي.

## ويڪ فيلڊ ٽاور

هيءُ ٽاور لنڊن ٽاور جي سيني ٽاورن ۾ وائيٽ ٽاور کان پوءِ ٻيو نمبر وڏو ٽاور آهي. اڳ ۾ موجوده محل جي عمارت ۾ واڌاري طور هي ٽاور 1220ع کان 1240ع جي وچ ۾ بادشاهه هينري ٽئين جي دور حڪومت ۾ جوڙيو ويو. بادشاهه جي مکيه ذاتي ڪمري جي حيثيت سان گڏوگڏ محل جي وڏايل بچاءَ وارن عناصر ۾ هيءُ ٽاور مضبوط هنڌ هو. نديءَ جي صفا ڪپ تي هئڻ ڪري هڪ پاسي مکيه آبي ڦاٽڪ تي ضابطو رکندو آيو. جيڪو پوءِ بلڊي ٽاور سان ملايو ويو ۽ ٻئي طرف درياءَ کان محل ڏانهن ويندڙ نندو پوبون گذرگاهه پڻ هو. جيڪو واٽر لين ۾ ڏسي سگهجي ٿو. واٽر لين وٽان ويڪ فيلڊ ٽاور جي هيٺين چيمبر جو معائنو ڪري سگهجي ٿو. جتي ڪنهن وقت ۾ محافظن جو هڪ ڪمرو به هوندو هو.

ٽاور جو مٿيون طبق، وڏين درين ۽ بخاري وارو چيمبر جنهن جي گولائي واري ڇت اوڻهين صديءَ ۾ نئين سر تعمير ڪئي وئي، بادشاهه هينري ٽئين جي ذاتي خواب گاهه طور تعمير ٿيو هو. سندس بسترو اتر اوڀر ۾ موجود خلوت خاني ۾ رکيل هوندو. ان وقت اوله ۾ خانگي هال قائم هوندو جتي بادشاهه پنهنجي صلاحڪار ڪائونسل سان ملندو هوندو ۽ طعام تواضح ڪندو هوندو.

لکيل احوالن، شاهدين ۽ بچي ويل سامان جي آثار تي ڪمرن ڪي اندر بادشاهه ايڊورڊ اول جي وقت ۾ ٿيندڙ سينگار ۽ آرائش وانگر آراسته ڪيو ويو آهي. ايڊورڊ اول جي وقت ۾ هن ڪمري جي خواب گاهه واري حيثيت ختم ٿي ۽ اهو سينٽ ٿامس جي ٽاور واري هڪ نئين چيمبر جو انتظار گاهه طور ڪم اچڻ لڳو. ايئن ئي هي ڪمرو وري حاضريءَ جو ڪمرو يا شاهي تخت واري چيمبر طور ڪم اچي ٿو. ويسٽ منسٽر ايبي ۾ رکيل تاجپوشي لاءِ ڪم ايندڙ ڪرسيءَ جو نقل ڪري ٺاهيل تخت ڪمري ۾ اولهه طرف ٺهيل دڪيءَ تي رکيل آهي. 1307ع ۾ ايڊورڊ جي وفات بعد بادشاهه جو ذاتي چيمبر لينٿرن ٽاور ۾ منتقل ڪيو ويو ۽ ويڪ فيلڊ ٽاور جي رهائشي حيثيت ختم ٿي وئي.

ڪاٺ جي رنگيل پردي پويان هڪ ننڍڙي عبادت گاهه ٺهيل آهي. جنهن ۾ شيشي جي درين مان روشني پهچي ٿي. ان ۾ پادري جي ويهڻ لاءِ هڪڙي صندلي، ساڄي طرف برتن ڌوئڻ جي گهينڊي ۽ کاٻي طرف ٿانون رکڻ لاءِ ڪٻٽ رکيل هو ڪاٺ وارو اسڪرين وچ تيرهين صديءَ جي آڪسفورڊ شائر واري اسڪرين جو نقل ڪري ٺاهيل هو. روايت موجب هيءُ عبادتگاهه خصوصي طور هينري ڇهين سان وابسته آهي. هينري ڇهون 1422 کان 1461ع تائين ۽ پوءِ به وري 1470 کان 1471ع تائين انگلينڊ جو پلاٽيجينٽ (لينڪيسٽر) خاندان گهراڻي جو بادشاهه ٿي گذريو آهي. هن کي 1471ع ۾ نئين يارکسٽ بادشاهه ايڊورڊ چوٿين خانداني ويڙهه (وارس آف روزز) دوران قيد ڪيو ۽ کيس ويڪ فيلڊ ٽاور ۾ سندس حيثيت موافق رهايو ويو ۽ پوءِ ٿوري عرصي ۾ ئي کيس بادشاهه جي حڪم سان عبادت دوران قتل ڪيو ويو.

حقيقت ۾ هينري ڇهين جي قيد کان گهڻو وقت اڳ ئي ويڪ فيلڊ ٽاور سرڪاري رڪارڊ ۽ ڪاغذن جي آفيس ۾ تبديل ٿي ويو هو. تنهنڪري اهو گمان غالب آهي ته کيس لينٿرن ٽاور ۾ ئي رکيو ويو هجي جتي نئون بادشاهه خود رهندو هو.

جڏهن سرڪاري رڪارڊ چانسري لين ۾ پنهنجي نئين آفيس ۾ منتقل ٿي ويو جيڪا 1856ع ۾

ڪلي هئي تہ ان وقت ويڪ فيلڊ ٽاور جي مٿئين طبق ۾ شاهي تاج ۽ جواهرات جو گهر قائم ڪيو ويو. تان جو اهو وري 1967ع ۾ نئين جوئيل هائوس ۾ منتقل ٿي ويو. نيٺ 1994ع ۾ اجا بہ هڪڙي نئين جوئيل هائوس جو قيام عمل ۾ آندو ويو جيڪو اجا تائين قائم آهي.

## وال واڪ

ويڪ فيلڊ ٽاور وٽان سيڙهي چڙهندي توهان وال واڪ تي پهچندا. ديوار جو هيءُ هنڌ لنڊن ٽاور جي سڀ کان وڌيڪ اندرئين حصي جي نقشي کي سمجهڻ لاءِ تمام سنو آهي. اڄ اها ڇپر واري ايراضي ٽاور جي اوائلي تاريخ سان گهڻ وابستہ لڳي ٿي، پر حقيقت ۾ اها محل جي بلڪل اصل شامل عنصرن مان هڪ آهي. وائيٽ ٽاور جي اوپر ۾ ڇپر تي ٽيل نشان اٽڪل 200ع ۾ اڏيل رومي ديوار جو ليڪو آهي. جنهن سان گڏ اٽڪل 400ع ۾ اڏيل رومي قلعي جو بنياد موجود آهي. جنهن جي مٿان يارهين صديءَ ۾ وارڊ روب ٽاور اڏيو ويو. وال واڪ جي بلڪل هيٺان درياءَ جي طرف کان شهر کي ڏنل پيت جو حصو ٻاهر ظاهر آهي. هيءَ پيت اٽڪل 390ع ۾ جوڙيل هئي ۽ اها گيلري واري دُڪان جي سامهون ڏسي سگهجي ٿي.

حقيقت ۾ وائيٽ ٽاور انهيءَ رومي ديوار جي اندرئين ايراضي ۾ اڏيل هو. اتر ۽ اوپر طرف کان شاهي ڪاهي ٿاهي ان جي ڪناري تي مٽيءَ جو وڏو بند ٻڌي ان جي مٿان ڪاٺ جي ديوار ٿاهي ٽاور کي محفوظ ڪيو ويو. ٽاور جي حفاظت لاءِ ان کان پوءِ وڌيڪ اپاءُ ورتا ويا ۽ ٽاور جي اڳئين طرف واري ايراضي تيرهين صديءَ ۾ ٽاور جي ڏکڻ اولهہ ڪنڊ تي هڪ شاهي گيٽ هائوس اڏي بند ڪئي وئي. وائيٽ ٽاور جي ڪاٻي طرف ان جا بنياد ڏسي سگهجن ٿا. انهيءَ گيٽ کي ڪولڊ هاربر گيٽ سڏبو هو ۽ اتان کان محل جي بلڪل اندرئين پاڱي ۾ وڃي سگهبو هو. ويڪ فيلڊ ٽاور ۽ هن گيٽ هائوس جي وچ ۾ انهيءَ ديوار جا آثار موجود آهن. جيڪا محل جي انهيءَ انموسٽ وارڊ جي اولهہ طرف جو بچاءُ ڪندي هئي. انهيءَ ۾ تير اندازيءَ لاءِ ٺاهيل ڳڙکيون اجا تائين موجود آهن. انموسٽ وارڊ ۾ بادشاهہ جو شاهي هال، بورچي خانو مهمان خانو ۽ هينري ٽئين جي ٻي زال، راڻي ايني بولين جي تاجپوشيءَ جي سلسلي ۾ خاص مهمانن جي رهائش لاءِ اڏايل عمارتون بہ شامل هيون بعد ۾ محل ۾ توسيع ڪئي وئي. هينري ائين وائيٽ ٽاور جي ڏاکڻي پاسي کان جواهرن جو گهر جوڙايو جنهن جو رُخ نديءَ ڏانهن هو. ان جي اوپر طرف انهيءَ سان گڏ هڪڙي ٻي عمارت اڏائي. محل جي اولهہ طرف لينٿرن ٽاور ۽ وارڊ روب ٽاور جي وچ ۾ هڪ عبادت گاهہ ٺاهيو ويو. محل جي اوپر طرف سالٽ ٽاور ۽ براڊ ايرو ٽاور تعمير ڪيا. بادشاهن جي رهائش ختم ٿيڻ کان پوءِ محل جي چوڌاريءَ اڏيل اهي عمارتون ڪافي عرصو سلامت رهيون. منجهائن ڪي 1674_75ع ۾ ڪيرايون ويون. شاهي هال سميت ٻيون جايون گدامن ۽ آفيسن ۾ تبديل ٿي ويون. 1775_77ع ۾ لينٿرن ٽاور باهہ لڳڻ سان ڇٽ تي ويو ۽ ان سان گڏ ٻيون عمارتون بہ ڪري پيون.

## لينٿرن ٽاور

اصل لينٿرن ٽاور، راڻيءَ جي رهائش طور نهندڙ ويڪ فيلڊ ٽاور سان گڏ تعمير ٿيو. 1774ع ۾ باهہ لڳڻ سبب تباهہ ٿيو ۽ ترت پوءِ ڪيرايو ويو. موجوده عمارت اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ تعمير ٿي ۽ اڄ اها تيرهين صديءَ جي ڪجهہ انهن خاصيتن کي پيش ڪري ٿي، جيڪي ايڊورڊ اول جي وقت ۾

محل جي زندگيءَ ۾ موجود هيون.

جيئن ئي لينٽرن ٽاور مان نڪرندا تہ راڻي ايلزبيٿ ثاني واري چاڙهيءَ تان لهڻ کان اڳ وال واڪ وٽان ڪيترائي اهم ٽاور ڏسي سگهندا. ڏور اوڀر طرف ٽاور برج ڏانهن نهارڻ سان آئوٽر وارڊ جي ڏکڻ اوڀر ڪُنڊ تي ڊيولن ٽاور ڏسڻ ۾ ايندو. ڪنهن وقت ۾ هن ٽاور وٽان هڪ گذرگاهہ نڪري ڪاهي وٽان ٿيندو محل جي پوئين طرف پهچندو هو. ڊيولن ٽاور جي ساڄي طرف هيٺائون ۾ بلاڪ جهڙو نرالو ٽاور ويل ٽاور آهي.

روس کانسواءِ باقي سڄي مغربي يورپ جي ملڪن ۾ گهٽو ڪري سمورا اهم محل ۾ گرجا گهر ڏٺا اٿم جنهن ۾ سيني کان زياده سادگي مون کي برطانيا ۾ نظر آئي. جن پنهنجي محل محلاتن تي بين مغربي ملڪن جي مقابلي ۾ تمام گهٽ خرچ ۾ سادگي اختيار ڪئي. شايد تنهنڪري ئي بين ملڪن ۾ بادشاهتون متجي ويون پر برطانيا ۾ اجان بہ نالي ماتر بادشاهت قائم آهي. هونئن بہ دنيا ۾ اها چوڻي مشهور آهي تہ آخر ۾ صرف پنج بادشاهہ قائم هوندا چار تاش جي پتن جا بادشاهہ ۾ هڪ برطانيا جو بادشاهہ. لنڊن کان اسڪاٽلينڊ ويندي مون لوهہ يا سيمينٽ جي لائيٽ جي ٿنڀي جي بجاءِ ڪاٺ جا ٿنڀا ڏٺا. جن تي سڄي علائقي جي سون ميلن ۾ لائيٽ جو نظام هلندڙ هو. اهڙا ڪاٺ جا ٿنڀا پاڻ وٽ سنڌ ۾ بہ اڄ کان پنجاهہ سال اڳ عام جام هئا ۽ انهن جي نشاني طور ڪراچيءَ کان نٽي واري پراڻي روڊ تي بہ ٿي سال اڳ بہ اهڙا ٿنڀا نظر ايندا هئا، پر هاڻ غائب آهن. باقي لوهہ جا ڪيترائي واپڊا جا نوان ٿنڀا بيڪار لڳا پيا آهن. جن کي ڀئي ڪنهن ڪم ۾ بہ آڻي سگهجي ٿو. پر ايئن ڪو نہ ٿو ڪيو وڃي ۽ اسان جي اربين ربين جي قومي دولت ضايع ٿي رهي آهي ۽ ڪو بہ انهن کان پڇڻ وارو ڪونهي. رڳو قومي اڪائونٽس ڪاميٽي جي رپورٽ ٿي پڙهجي تہ وار ڪاندارجيو وڃن. ڏاڍيون مزيدار رپورٽون هونديون آهن. هڪ مثال نموني طور حاضر آهي.

هڪ پڪ اپ ملير ڪينٽ وارن ساڍن چئن لکن ۾ خريد ڪئي. اها ساڳي پني عاقل ڇانوڻي وارن ساڍن پنجن لکن ۾ ورتي. تہ وري اها ساڳي پڪ اپ ملتان وارن ساڍي ڇهن لکن ۾ خريد ڪئي، گاڏي ساڳي ماڊل ۽ سال ساڳي اهو سڀ ڪجهہ اخبارن ۾ بہ اچي چڪو آهي پر جيڪو اخبارن ۾ ڪو نہ ٿو ڇپجي اهو تہ الائي ڇا هوندو پر پاڻ اهڙين خبرن جا عادي ٿي چُڪا آهيون.

اسان لنڊن ٽاور جي تاريخي ماڳ کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڏسڻ کان پوءِ پنڌ ئي پنڌ ٿيمس نديءَ جي ڪپرن تي هلندي هلندي اچي لنڊن برج تي بيٺا آهيون. جت اسان بيشمار تصويرون ڪڍيون جنهن کان پوءِ اسان لنڊن برج ٽپي بي ڪپ تي ڪليل ڇت واري بس تي چڙهي گهمندا ڦرندا اچي آڪسفورڊ اسٽريٽ تي پهتاسين. لنڊن ۾ گهمڻ ڦرڻ لاءِ بيشمار بازاريون مارڪيٽون آهن پر هر سياح کي لنڊن جون مکيہ بازارون ۽ مارڪيٽون گهمڻ گهرجن. انهن مکيہ بازارن ۾ چند هيٺيون آهن.

1۔ آڪسفورڊ اسٽريٽ: جت مارڪ اسپينسر ۽ سيلف رجز جا دڪان آهن.

2۔ ريجنٽ اسٽريٽ

3۔ بانڊ اسٽريٽ

4۔ پڪڊلي

5۔ ڪئيران بائي اسٽريٽ Caran by street

6_ جيرمين اسٽريٽ Jermyn Street
7_ سوهو Soho
8_ نائيٽس برج Nights bridge
جت هئرڊس جڳ مشهور مارڪيٽ آهي.
9_ سلون اسٽريٽ Sloane Street
10_ والٽون اسٽريٽ
لنڊن جون مشهور مارڪيٽون.
1_ ڪانوينٽ گارڊن مارڪيٽConvent garden market
2_ جوبلي مارڪيٽ
3_ ايپل مارڪيٽ
4_ چيلسا مارڪيٽ
5_ مارٽن. ان دي فيلڊس مارڪيٽ Martin in the fields market
6_ وِڪِ مارڪيٽ Ber wick market
7_ پورٽو بيلو مارڪيٽ Porto bello market

هي چند بازارون ۽ مارڪيٽون مون صرف سينٽرل لنڊن جون لکيون آهن. نہ تہ لنڊن سڄي بازارن ۽ مارڪيٽن سان ڀري پئي آهي. اسان کي بس آڻي هڪ چوڪ تي لاٿو جتان ٿوري ئي پنڌ تي آڪسفورڊ اسٽريٽ آهي. اسان شيشن جي فوٽ پاٿن تان هلندي سعودي عرب ايئرلائين جي آفيس کان ڦرندي مٿن آڪسفورڊ اسٽريٽ تي پهچي چڪا آهيون. جتان منا ڪجهہ خريداري ڪئي. اسان هت بلڪل هڪ ننڍي ريسٽورانٽ تي چکن رول ۽ ڪوڪ پيتي. اسان هن هوٽل مان گهر فون ڪئي تہ نور ڪنئي جنهن کي اسان پنهنجي اچڻ جو ٻڌايو. لنڊن شهر جا ٻہ ايريا ڪوڊ آهن. هڪ سينٽرل لنڊن لاءِ آهي ٻيو هيٿرو ايئرپورٽ، ويمبلڊن. گرين وچ ۽ ٻين علائقن لاءِ آهي. انگلينڊ جو ڪنٽري ڪوڊ 0044 آهي.

اسان مارڪس اسپينسر ۽ ٻين ڪوڙ سارين سپر مارڪيٽن ۾ گهمندا ڦرندا رهياسين. تہ دڪان بند ٿيڻ جو وقت بہ ويجهو اچي چڪو هو. لنڊن جون مڪيہ بازارون ساڍي ڏهين بجي کُلَن ۽ شام ساڍي پنجين بند ٿين. سواءِ اربع ۽ خميس جي انهن ڏينهن ۾ دڪان شام جو ستين بجي بند ٿين ۽ ڇنڇر جي ڏينهن ٻنپهرن جو هڪ بجي دُڪان ۽ مارڪيٽون بند ٿين ۽ آچر بلڪل موڪل هوندي آهي. يعني سيون ڊيز اي ويڪ ۾ ڏيڍ ڏينهن شهر جون بازارون ۽ مارڪيٽون بند هونديون آهن. لنڊن جون بئنڪون صبح جو ساڍي نوين بجي کلن ۽ شام ساڍي ٽين بجي بند ٿين. بازارن ۽ بئنڪن کان سواءِ لنڊن جي واپار جون آفيسون صبح جو نوين بجي کلن ۽ شام پنجين بجي بند ٿين. بارون ۽ پبس (پب مخفف آهي پبلڪ بار جو) صبح جو يارهين وڳي کُلن ۽ بند بہ رات جو يارهين بجي ٿين. لندن ۾ بازارن ۽ مارڪيٽن جي بند ٿيڻ مهل ٿوري رش ٿيندي آهي. تنهنڪري اسان ٽيوب جي بدران ٽئڪسي ڪري گهر ڏانهن روانا ٿياسين. لنڊن شهر ۾ گهمڻ ڦرن لاءِ گهٽو ڪجهہ آهي پر لنڊن جي ارد گرد بہ بهترين قسمن جون گهمڻ ڏسڻ لاءِ تفريح گاهون آهن. جن ڏانهن صبح جو وڃي شام جو واپس

لنڊن اچي سگهجي ٿو. اهي جڳهيون ضرور ڏسڻ گهرجن. جيڪي هيٺيون آهن.

1_ برائٽن Brighton
2_ ونڊسر Windsor
3_ آڪسفورڊ سٽي Oxford City
4_ ڪئمبرج ٽائون Cambridge twon
5_ ڪئنٽر بري Canter Bury
6_ شيڪسپيئر اسٽارٽ فورڊ Shakespear start ford
7_ سالسبري Salisbliry

گاڏيءَ اسان کي اچي گهر اڳيان لاٿو دروازو کليو ته اسان وڃي پنهنجي بيڊ روم پيڙا ٿياسين. ٿوري دير آرام ڪري ڪافي پي اچي هيٺ ڪچن ۾ ويناسين. نور ۽ فرخ به اُت وينا هئا. اسان کين پنهنجي سڄي ڏينهن جي روداد ٻڌائي. هنن ٻڌايو ته اسان به ٻاهر گهمڻ ويا هئاسين. اسان اڄ رات ٻاهر ڪيڏانهن به گهمڻ ڪو نه وياسين. پر نور ۽ فرخ ۽ پوراٽي ٻاهر گهمڻ ويا. اسان دال پٽ سان گڏ مڇي به فرائي ڪري کاڌي. اڄڻ مهل مون لنڊن جون مشهور اخبارون خريد ڪيون هيون. جيڪي هي هيون.

دي ٽائيم The time
دي ٽيليگراف The telegraph
دي ڊيلي ميل The Daily mail
دي مانچيسٽر The Manchestor
گارڊيئن Guaredian

۽ انهن اخبارن سان گڏ. لنڊن مان شايع ٿيندڙ هڪ رسالو (City limits) به خريد ڪيو هو. سو ويهي اهي اخبارون پڙهيم جن کي پڙهندي پڙهندي ۽ منجهن ڇپيل ائڊورٽائيز ڏسندي ڏسندي اکيون پورجي ويون، ۽ سار وڃي صبح جو منڙي آواز تي ٿي. ايئن هڪ حسين ترين رات منهنجي زندگي جي ڪئلينڊر مان گهٽجي وئي ۽ آئون صبح جو ڊرتيءَ تي پونڊڙ ڪنوارن ڪرٽن کي ڏسڻ لاءِ پنهنجي دريءَ جي سامهون بيٺو آهيان جت ڪنوارن ڪرٽن سان گڏ لنڊن جون ڪنواريون ڇوڪريون ايڏو ته تڪڙو وڃي رهيون آهن. جو ڇڳي طرح ڏسڻ کان اڳ ئي نظرن کان غائب ٿيو وڃن.

اسڪول جا ابهم ٻار سهٽن يونيفارمن ۾ تڪڙا تڪڙا اسان جي رهائشگاهه جي پر واري اسڪول ڏانهن وڃي رهيا آهن. سڄي يورپ ۾ سواءِ بيلجم ۽ فرانس جي باقي سڀني ملڪن جا شهري جنهن ۾ مرد، عورتون، ٻار اچي وڃن ٿا ڏاڍا ٿلها آهن. ننڍي هوندي ٻڌندا هئاسين ته ٿلها ۽ ڏندرا ماڻهو هميشه نقصان ۾ آهن. ڇو ته ٿلهو ماڻهو گهر ۾ گهڙندو ته زال پيٽ کي ڏسي سمجهندي ته پيٽ پريو پيو آهيس، پوءِ پلي ڪٽي همراهه بک ۾ ماندو هجي ۽ ائين ڏندرو ماڻهو به جنهن جا ڏند قدرتي طرح سان وات کان ٻاهر نڪتا پيا هوندا آهن پوءِ پلي ڪٽي ڪيترن غمن ۾ گهيريل هجي پر سڀڪو پيو سمجهندو ته کلي پيو. معنيٰ ته ڏاڍو خوش آهي. سو هت يورپ ته سڄو ٿلهن ماڻهن سان پريو پيو آهي. باقي بک ۽ سُک جي ته کين خبر هوندي.

منا چانهه آڻي منهنجي اڳيان رکي. هيڏو سارو چانهه جو مَگ ڪنهن کان ڪٽندو. جيسين تيار

ٽيس تہ ناشتو بہ مونکان اڳ تيار ٿيو رکيو هو. منا ۽ مون گڏجي ناشتو ڪيو. پاڻ گرما گرم سلائيز تي مون کي بٽر هٽي ڏنائين. جنهن مٿان مون ايپل مُربو هٽي واپس ڪيس ڏنو. آئون سلائيس سان صرف بيدي جي سفيدي کائي رهيو آهيان ۽ زردي پري ڪري رهيو آهيان. چو تہ بيدي جي زردي. ٻاڪرو مغز ۽ سچو گيهہ چون ٿا تہ rich source of colestrol آهي. ڪولسٽرول ٻين گهٽين براين سان گڏ Sex killer بہ آهي.

پر هاڻ نئين تحقيق مطابق آمريڪن هارٽ ايسوسيئيشن جي ڪاڏي واري چارٽ ۾ ٻڌائن ٿا تہ بيدي جي زردي ڪوليسٽرول تہ آهي پر خراب سٽيپ Bad colestrolنہ پر سنو سٽيپ Good colestrol آهي. يعني L.D.L نہ پر H.D.L آهي. جيڪو انساني صحت لاءِ مضر نہ پر مفيد آهي. سائنس ايڏي ترقي ڪئي آهي پر اجان اها بہ خبر ڪانہ پئي آهي تہ بلڊ پريشر ڇو ٿو ٿئي. رڳو گمان انداز Persumption آهن. آمريڪن هرٽ ايئسوسيئيشن جي پرنٽ آئوٽ تي بلڊ پريشر واري حصي جي پهرئين سٽ تي هي اکر لکيل آهن تہ بلڊ پريشر ڇو ٿو ٿئي ان جي ڪا بہ خبر ناهي.

منا پڇيو تہ اڄ جو ڇا پروگرام آهي. مون ڪيس ٻڌايو تہ اڄ انگلينڊ جي راڻيءَ جي گهر ٿا هلون. پاڻ کلي چيائين سچ ٻڌائي تہ اڄ ٻاهر گهمڻ جو ڪهڙو پروگرام آهي. مون وري ڪيس ساڳيو جواب ڏنو ۽ سچي رام ڪهاڻي ٻڌائي تہ انگلينڊ جي راڻي جي لنڊن واري سرڪاري رهائش گاهہ ٿا هلون. پاڻ پڇيائين تہ اُت اچڻ ڏيندا. پوءِ مون ڪيس سچو احوال ٻڌايو تہ 1992ع ۾ بڪنگهم پيلس جي هڪڙي حصي کي زبردست باهہ لڳي جنهن ۾ محل جو هڪڙو حصو سڙي ويو. محلات ۽ ان ۾ رکيل نوادرات. فرنيچر, پردا, ڪارپيٽ ۽ بجليءَ جي فٽنگ کي بہ زبردست نقصان پهتو.

باهہ کان پوءِ بڪنگهم پيلس وارن حڪومت کي لکيو تہ محل جي مرمت ڪرايو ۽ سڙيل سامان بہ وٺي ڏيو. حڪومت کين جواب ڏنو تہ اسان چريا آهيون جو راڻيءَ جي ذاتي گهر جي مرمت ڪرايون. راڻيءَ کي حڪومت جيڪو ساليانو پيتو ٿي ڏي. راڻي صاحبا کي ڇئو تہ انهيءَ مان محل کي ٺهرائي ۽ راڻيءَ وري کين جواب ۾ چيو تہ حڪومت جيڪو مون کي الائونس ٿي ڏي انهيءَ مان تہ منهنجو گذر سفر ئي مس ٿو ٿئي سو آئون هي هيڏو سارو خرچ يعني محل جي مرمت ۽ سامان سڙو ڪيئن وٺي سگهنديس.

ڪافي وقت ٻنهي ڌرين ۾ لکپڙهہ هلندي رهي پر ڪو بہ خاطر خواهہ نتيجو ڪو نہ نڪتو. آخر مجبور ٿي شاهي خاندان هن نتيجي تي پهتو تہ محل جي باقي حصي کي عام ماڻهن لاءِ ايستائين ٽڪيٽ تي کولي ڇڏجي جيستائين گهربل فنڊ حاصل ٿين. نيٺ ڪافي ائڊورٽائيز کان پوءِ محل عام ماڻهن لاءِ کوليو ويو ۽ ڏسندي ڏسندي بي پناهہ دولت گڏ ٿي وئي. جنهن سان محل جي نئين سر مرمت ڪئي وئي. محل تہ تيار ٿي ويو پر شاهي خاندان انهيءَ مان ايتري تہ دولت ڪمائي جو هاڻ جنهن موسم ۾ برطانيا ۾ جام سياح اچن انهيءَ دوران راڻي وڃي ٻي محل ۾ رهي ۽ هي محل سياحن لاءِ مخصوص ڪريو ڇڏين, ۽ ايئن پاڻ بہ بڪنگهم محل گهمي ايندا سين. انهيءَ تي منا چيو تہ تنهنجي معنيٰ تہ جي شاهي محل کي باهہ نہ لڳي ها تہ مومل برطانيا جي راڻيءَ جو محل نہ ڏسي سگهي ها. اسان ڪلندي ڪئميرا کنئي ۽ ايئن جڳهہ مان ٻاهر نڪري پياسين. هلندي هلندي اچي ٽيوب اسٽيشن تي پهتاسين, جت ڪافي رش هئي. اسان قطار ۾ بيهي ٽڪيٽ خريد ڪري ٽيوب اسٽينڊ اندر اندر

گرائونڊ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. انڊر گرائونڊ اندر هڪڙا پيا ايندا آهن ته ٻيا پيا ويندا آهن. ڪي انڊر گرائونڊ هيٺ ته ڪي مٿي. انهن لاءِ لائيٽ تي سيڙهيون ناهيون اٿن. جيڪي سجو ڏينهن پيون هيٺ مٿي هلن ۽ ڪا خراب ٿئي ته هي بورڊ هڻي ڇڏين ته آئوٽ آف آرڊر. پهرئين پاڻيءَ جي جهازن پوءِ هوائي جهازن، ريلوي ۽ ٽيوب جي ڪري دنيا جو مفاصلو ئي گهٽجي ويو آهي.

انهن سهوليتن جي ڪري اوائل ۾ ماڻهن واپار ڪيو پوءِ شاگرد ٻاهرين ملڪن ڏانهن پڙهڻ لاءِ ويا. تنهن پڄاڻا علاج ۽ زيارتن سانگي دور دراز ماڳن ڏانهن وڃڻ لڳا. انهن سهوليتن ڪري ماڻهو پري پري هڪ ٻئي سان مائٽي به ڪرڻ لڳا. تنهنڪري نه رڳو اهي ماڻهو پر انهن جا مٽ مائٽ به شادين مرادين ڪري پري پري ملڪن ۾ هڪٻئي وٽ اچڻ وڃن لڳا ۽ ائين هي مفاصلا ويا گهٽجندا ۽ ماڻهن جو هڪ ٻئي سان ميل جول وڌندو ويو ۽ ماڻهن جا مفاد جيڪي هڪ هنڌ ساڪن هئا، سي ويا ڏورانهن ڏيهن تائين پکڙجندا.

اسان جي روٽ جي انڊر گرائونڊ ٽيوب آئي ته اسان به ٽيوب ۾ چڙهي تنگيل ڏنڊي ڪي جهلي بيهي رهيا سين. ٽيوب سيڪنڊن ۾ تيز طوطري وڄائيندي اسان کي ڪٽان ڪان ڪٽان وڃي پهچايو پر اسان جي اسٽيشن يعني بالم انڊر گرائونڊ ڪان بڪنگهم انڊر گرائونڊ ڪافي پري آهي. تنهنڪري اسان اڃان پنهنجي سيٽن تي ويٺي لهڻ چڙهڻ وارن کي ڏسي واسي رهيا آهيون. لنڊن ۾ رهڻ ڪري تمام گهٽين جڳهين ۽ شين سان واسطو پوي ٿو.

سو مڙيئي توهان کي آئيڊيا ٿي ڏجي ته جي لنڊن وڃو ته پنهنجي بجيٽ انهيءَ نموني ناهي وڃجو ۽ هوائي ٽڪيٽ جو اڳهه ۽ روٽ به لنڊن وڃڻ لاءِ هڪ نه پر ڪنئين آهن. سو صلاح مشوري ڪان پوءِ ٽڪيٽ بُڪ ڪرائجي ته بهتر ٿيندو. اڄڪلهه سستي ۾ سستي ٽڪيٽ قطر ايئر ويز وارن جي آهي.

اسان جي منزل اچي وئي ۽ اسان ٽيوب مان لهي فوٽ پاٿ تي هلي بڪنگهم محل ڏانهن وڃي رهيا آهيون. سر سلطان محمد آغا خان، اسماعيلن جو روحاني پيشوا جڏهن لنڊن ۾ گول ميز ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ايندو هو ته پاڻ راڻيءَ جي انهيءَ گهر بڪنگهم محل ۾ رهندو هو. جيتوڻيڪ لنڊن ۾ سندس پنهنجو فليٽ پڻ هوندو هو. يعني پاڻ برطانيا جي بادشاهن کي ايترو ويجهو هو جو هو کيس پنهنجي ذاتي گهر ۾ رهائيندا هئا. آغا خان پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ به شاهي خاندان سان سندس لاڳاپن جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. سر آ خان جي آتم ڪهاڻيءَ وارو ڪتاب ڏاڍو دلچسپ آهي.

بڪنگهم محل لنڊن شهر ۾ بادشاهه يا راڻيءَ جي سرڪاري رهائش گاهه آهي. هي محل عوام جي معائني لاءِ اول سن 1993ع ۾ کوليو ويو. هي محل گهمڻ لاءِ منجهس داخل ايمبيسيڊر ڪورٽ وٽان ٿيڻو پوي ٿو. جيڪا بڪنگهم پيلس روڊ تي واقع آهي. اسان به انهيءَ رستي محل ۾ داخل ٿياسين. محل جو موجوده گرانڊ هال اڳوڻي اينٽرنس هال واري هنڌ تي ٺهيل آهي. سندس گرانڊ اسٽيئر ڪيس يعني سيڙهيءَ جي نسبت سان هن هال تي گرانڊ هال نالو رکيل آهي. ڏاڪڻ جا پايا خصوصي طور سنهري رنگ واري پتل جا ٺهيل آهن. انهن تي گلدار ول جي جاري ٺهيل آهي.

محل جي گارڊ روم وٽان لنگهندي پٽين تي گوبلين پردا آويزان ڏسڻ ۾ ايندا. محل جي گرين ڊرائنگ روم جون پٽيون نهايت سهڻن رنگين ريشمي پردن سان آراسته آهن ۽ ان جي ڇت تي تمام سهڻي چٽسالي سوني پاڻيءَ سان نهايت خوبصورتي سان ڪيل آهي. هي ڪمرو اصل ۾ راڻي

چارلوٽ جو سيلون هو. محل جي ٽرون روم ۾ اهي ڪرسيون رکيل آهن. جيڪي موجوده مهاراڻيءَ جي تاجپوشيءَ دوران استعمال ڪيون ويون هيون.

بڪنگهم محل جو شاهي بال روم جيڪو 122 فوٽ ڊگهو آهي، مهاراڻي وڪٽوريا جي دور ۾ ڪرائميا سان ٿيل جنگ جي خاتمي واري تقريب لاءِ سن 1856ع ۾ استعمال ڪيو ويو هو. سڄي محل ڪي گهمڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ به ڏينهن گهرجن پر اسان هت گهمڻ لاءِ به ڪلاڪ رکيا آهن.

ماهر تعميرات مسٽر نيش جي نقسي موجب اڏيل پڪچر گئلري ۾ ڪنئين عجيب فن پارن جو خزانو موجود آهي. جيڪي روبن، ريمبرانڊٽ، ڪيناليٽو ورمير ۽ ڪيترن ٻين جون ڪاوشون آهن. هتي رکيل تصويرون راڻيءَ جي قائم شده ٽرسٽ جي ذخيري مان چونڊيل آهن ۽ برطانيا جي قومي ورثي جون حامل آهن.

محل جي اسٽيٽ ڊائننگ روم  ۾ جارج ٽئين ۽ چوٿين سميت ڪيترن بادشاهن ۽ راڻين جون شاهي تصويرون ڳاڙهي بروڪيڊ سان سينگاريل تمام سهڻيون لڳن ٿيون. هن هال ۾ رکيل ڪرسيون پرنس ريجمينٽ پنهنجي چارلٽن هائوس واري رهائش گاهه لاءِ سن 1813ع ۾ خريد ڪيون هيون. جن تي هاڻ عام سياح ويهي فوٽا ڪڍي رهيا آهن. اسان به هڪ ٻئي جا ڪرسين تي ويهي فوٽا ڪڍيا.

محل جي بلو ڊائننگ روم ۾ اونڪس ڪالم ۽ پورسيلين  مٽيريئل مان ٺهيل ميز رکيل آهي. اها ميز نيپوليئن جي استعمال لاءِ ٺاهي وئي هئي. محل جي شاهي گنبذ واري ميوزڪ روم جي اڌ گول درين مان باغيچي ۽ ميدان جو سهڻو نظارو ڪري سگهجي ٿو.

هن ڪمري ۾ ڪينٽر بريءَ جي شاهي پادريءَ شاهي خاندان جي چئن ٻارن تي مذهبي رسم موجب نالا رکيا.

محل وارو وائيٽ ڊائننگ روم غالباً سڀ کان وڏيڪ شاندار لڳندو  ڇو ته اهو ڪمال ڪاريگري سان سجايل آهي. هن روم ۾ فرينچ نوادرات پڻ رکيل آهن. ڇت ۾ انگلش ڪٽ گلاس جا ٺهيل فانوس ۽ شمعون ڪمال حسن سان فٽ ٿيل آهن. سنهري رنگ وارين پٽين تي ڪنئين ٻين شوخ ۽ جاذب رنگن سان  چٽر ڪاري ٿيل آهي. هن هال جي دنگ وٽ منسٽرس اسٽيئرس نالي ڏاڪڻ ٺهيل آهي. جيڪا محل جي مکيه فرش تي پهچائي ٿي. اتان اڳتي ماربل هال موجود آهي. اهو اصلوڪي بڪنگهم هائوس جي دل تصور ڪجي ٿو. انهيءَ هال ۾ اٽليءَ جو سنگ مرمر استعمال ڪيل آهي. معروف سنگتراش اينٽونيو ڪينووا جي تراشيل ٽن مجموعن سميت هن هال ۾ ڪيترائي تمام سهڻا مسجما آويزان  آهن. اسان ساڻ هت ٻيا به ڪافي سياح آهن.

بڪنگهم محل جي تاريخ سن 1702ع ۾ تڏهن شروع ٿي جڏهن بڪنگهم جي ڊيوڪ پنهنجي لنڊن جي رهائش گاهه طور اهو جوڙايو هو.  بڪنگهم واري ڊيوڪ جي پٽ سن 1761ع ۾ بادشاهه جارج ٽئين کي اهو وڪڻي ڏنو. سن 1774ع ۾ هن محل تي "ڪئينس هائوس" نالو تڏهن رکيو ويو جڏهن ڪان راڻي چارلوٽ هن محل ۾ رهڻ لڳي.

جڏهن هي محل بادشاهه جارج چوٿين جي حوالي ٿيو ته هن سن 1820ع ۾ نيش نالي هڪ ماهر تعميرات کي محل ۾ گهربل مرمت ۽ اڏاوت لاءِ مقرر ڪيو هن محل جي مکيه اڏاوت کي برقرار رکندي

ساڻس گڏ هڪڙو اضافي سوٽ اهڙيءَ طرح تعمير ڪيو جنهن جو اڱڻ اولهه طرف باغيچي ڏانهن هو، جنهن ڪري محل جي سائيز ٻيڻي ٿي پئي. انهيءَ ۾ قديم ۽ جديد فرينچ اڏاوت جو نمونو اختيار ڪيو ويو.

هاڻي ٿيل مرمت دوران پڻ مسٽرنيش جي طرز تعمير ڪي اصل صورت ۾ برقرار رکيو ويو آهي. مِنا اجان دريءَ وٽ بيٺي گل ڏسي، پر هتان ڪيس هڪ گُل به ڪو نه ملندو. پاڻ اڳ به لنڊن مان اٺ ڪارا گلاب خريد ڪيا آهن ته ڪراچي ڪٽي هلنديس.

سن 1837ع ۾ بڪنگهم محل ۾ پهرئين حڪمران جي حيثيت ۾ راڻي وڪٽوريا پنهنجي رهائش اختيار ڪئي. هن محل جي اڏاوت ۾ هڪ ڀيرو وري به ڪجهه تبديلي آندي وئي جنهن موجب محل جو گيٽ وي پنهنجي اصلوڪي جاءِ وقوع ڪان هٽائي ٽائيرن نالي ٻي جڳهه وٽ ڪڙو ڪيو ويو، جتي اجا تائين اهو ماربل آرچ جي نالي سان موجود آهي.

اڄڪلهه بڪنگهم محل نه فقط راڻي ۽ ايڊبن برگ واري ڊيوڪ جي گهر طور ڪم اچي ٿو پر اهو شاهي انتظاميه جي دفتر طور پڻ استعمال ٿئي ٿو. محل ۾ موجود اسٽيٽ اپارٽمينٽس ۾ مدعو مهمانن جي راڻيءَ طرفان آجيان ۽ تواضح ڪرائي وڃي ٿي اونهاري جي منڊ ۾ محل جي گارڊ جي تبديليءَ واري رسم محل جي اڳئين پاسي ڪان عمل ۾ ايندي آهي. جيڪا هر عام ۽ خاص ڏسي سگهي ٿو. اوائل ۾ لنڊن وڃڻ دوران آئون اها تقريب ٻارن کي ضرور ڏيکاريندو هوس. هي محل برطانوي آئيني بادشاهت جو دفتر توڙي مرڪز جي حيثيت جو حامل آهي. ۽ سندس شاندار اڳياڙي پوري دنيا جي عمارتن ۾ نرالي آهي. هن محل ۾ ڊيوڪ، راڻي ۽ سندس ڪٽب جي روزاني ڪمن ڪارين لاءِ مقرر ملازمن جا دفتر موجود آهن. هتي ڪيتريون ئي سرڪاري شاهي تقريبون منعقد ٿينديون آهن. انهن تقريبن جو انتظام شاهي انتظاميه طرفان ٿيندو آهي.

جيتوڻيڪ هن محل کي ڪنئين بيش بها فني شاهڪارن سان آراسته ڪيو ويو آهي. جيڪي شاهي نوادرات جي ذخيري تي مشتمل آهن پر انهيءَ کي آرٽ گئلري يا عجائب گهر ۾ تبديل ڪو نه ڪيو ويو آهي.

اڏاوت ۾ محل ته تمام وڏي عمارت آهي پر انهيءَ جا اسٽيٽ رومس راڻيءَ ۽ شاهي خاندان جي گهڻي استعمال هيٺ آهن. جتي دائمي طور سرڪاري ضيافتون ۽ تفريحي تقريبون منعقد ٿينديون رهنديون آهن. هتي هر سال پنجاهه هزارن کان به وڌيڪ تعداد ۾ شاهي مهمان استقباليه، ضيافات، انعامات ۽ ٻين تقريبن ۾ شموليت لاءِ ايندا آهن.

گهمنڌڙن کي محل جي ڪن ڀاڱن جي اجازت آهي اسان به ٻين سياحن سان گڏ ڪافي فوٽا ڪڍيا. مهل جي گارڊ جي تبديليءَ واري تقريب پهرئين اپريل کان جولاءِ جي شروعات تائين روزانو ۽ سال جي باقي عرصي ۾ هر ٻئي ڏينهن عمل ۾ ايندي آهي. اها تقريب مون اڳ ۾ به ڏٺي آهي.

شاهي محلن تي مقرر فوجن بادشاهه سلامت ۽ سندن محل محلاتن جي حفاظت سن 1660ع کان وٺي پئي ڪئي آهي. راڻي جي حفاظتي جٿي ۾ شامل پيدل سپاهين کي پهريل فوجي پوشاڪ سرخ ٽيونڪس ۽ رڇ جي کل جي ٽهيل هوندي آهي.

محل جي گارڊ جي تبديلي واري تقريب اٽڪل منو ڪلاڪ وٺي ٿي. جنهن دوران ڊيوٽيءَ تي

چڙهندڙ گارڊ ويلنگٽن بيرڪن مان ٻئنڊ وڄندي محل ڏانهن ايندو آهي، جتي پهچندي اهو حاضر گارڊ کي بيدخل ڪندو آهي. بيدخل ٿيندڙ گارڊ وارو جٿو واپس بيرڪن ڏانهن ويندو آهي.

بڪنگهم محل هڪڙي مخصوص وڏراهه سان گهيريل آهي. اها وڏراهه محل کان مشهور چارنگ ڪراس تائين وڃي ٿي. چارنگ ڪراس لنڊن شهر جو قديم مرڪز آهي جيڪو ٽرافلگر اسڪوائر سان لڳو لڳ آهي. سڄي شهر جا مختلف طرفن کان مفاصلا هن هنڌ وٽان ماپيا ويندا هئا. يعني شهر جو زيرو ميل آهي. جيئن ڪراچي جو زيرو ميل ميٽرو پول وٽان شروع ٿيندو آهي ۽ نئين ڪراچيءَ جو مفاصلو غلط لکيل آهي پر ڪنهن انهيءَ طرف ڌيان ڪو نه ڏنو آهي. مٿي ڄاڻايل وڏراهه تي پٿرن ۽ سيمينٽ سان ناهيل زمين جي سطح کان مٿي ايريل لائين آهي. انهيءَ کي الائنمينٽ يا لي لائين ڪوٺين ٿا. تنهن کي سنڌيءَ ۾ ٻجرو چئي سگهجي ٿو. اها لائين بڪنگهم محل کان ٿيندي ٻين طرفن ڏانهن به وڃي ٿي. مثلاً اها لائين ڏکڻ اولهه طرف ويندي ٻهرين ٻن ڪليسائن يعني سينٽ پيٽرا واري ليٽن اسڪوائر واري ڪليسا ۽ سينٽ ليوڪ واري چيلسي ڪليسا مان لنگهي ٿي. اتان کان اڳتي اها فلهام محل مان پڻ گذري ٿي. اهو محل ڪيترين ئي صدين تائين لنڊن جي بشپس يعني وڏن پادرين جي رهائشگاهه ٿي رهيو آهي. انهيءَ کان پوءِ اها لائين ٻن رائيل پارڪن هڪ رچمونڊ پارڪ ۽ ٻئي بُشي پارڪ مان لنگهي ٿي. اها لائين سينٽ ميريءَ واري چرچ وٽان ٿيندي ٿيمس نديءَ جي ڪناري تي والٽن نالي ماڳ وٽ پهچي ٿي. تنهن کان پوءِ اها اوتليندس محل، وي برج، آل سينٽس چرچ، سڪس ڪراس روڊس يعني هارسيل ڪامن، ووڊ هام روڊ ۽ هل اپ پيرش چرچ وٽان گذرندي وڃيو سينٽ ايڊورڊ دي مارٽر واري آرٽو ڊاڪس چرچ ۽ بروڪوڊ قبرستان وٽ ڇيهه ڪري. هيءَ بڪنگهم محل سان وابسته لائين يا سڙڪ قديم لنڊن جي نشاندهي ڪري ٿي. اهو انڪشاف هيئر فورڊ واري الفريڊ ويٽڪنس سن 1925ع ۾ ڪيو. اها لي لائين اٽڪل ٿيوبهه وکون ويڪري ڏني وئي آهي. اسان هت اڍائي ڪلاڪ ڪن گهمياسين. منا چيو ته پئرس ۾ فرانس جي اڳوڻن بادشاهن جي رهڻ جي محلات ورسيلز هن کان تمام سُٺي ۽ پروقار ٿي لڳي.

مون منا کي چيو ته فرانس اڄ به انگليند کان وڌيڪ شاهوڪار ۽ امير مُلڪ آهي. اهو نه صرف هن محل مان پر ملڪ ۾ انهيءَ ۾ رهندڙ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۾ سونهن سوڀيا، نفاست، نزاڪت مان به محسوس ٿئي ٿو ته فرانس انگليند کان وڌيڪ امير ملڪ آهي.

بڪنگهم پيلس جنهن ۾ ويهي انگريز حاڪمن.

1۔ فاتح وليئم

2۔ بادشاهه جان

3۔ هينري viii

4۔ ايلزبيٿ اول

5۔ اوليور ڪرام ويل

6۔ وليئم پٽ (وڏو)

7۔ وليئم پٽ (ننڍو)

8۔ وليئم ولبر

9ـ ويلنگٽن
10ـ راڻي وڪٽوريا
11ـ راڻي ايلزبيت

بادشاهن سڄي دنيا تي حڪومت ڪئي. يعني آسٽريليا کان آمريڪا تائين سون سالن تائين هنن بادشاهن هن محل مان ويهي حڪم هلايا. ڇا نه شان هوندو هن محل جو پر اڄ ٽڪي جي ٽڪيت تي هر ايرو گيرو انگليند جي راڻي جي حرم سرا ۾ پنهنجي پيرن جا نشان ڇڏيو وڃي. جت اڳ ڪن ملڪن جي بادشاهن کي به اچڻ جي اجازت نه هئي. اسان بڪنگهم پيلس مان ٻاهر نڪري پنڌ ئي پنڌ ٽوروئي اڳيان هڪ شاهي ڍنڍ جيڪا به شاهي محلن جي وچ ۾ انهن جو ئي هڪ حصو آهي. تنهن جي ڪپرن تي پيل بئنچن تي ڪجهه دير لاءِ ويهي رهياسين. وچ شهر ۾ هوندي به ڪافي وڏي ڍنڍ آهي. جنهن ۾ خوبصورت بوٽس ۾ سياح گهمي ڦري رهيا آهن. ڍنڍ ۾ بدڪون ۽ پيا پکي به پاڻيءَ ۾ تري ۽ اُڏري رهيا آهن. اسان اڳ به هن ڍنڍ ۾ اچي چڪا آهيون پر اڄ ڪجهه زياده گهما گهمي نظر اچي رهي آهي. شايد آچر جي موڪل جي ڪري. آرتوار ۽ ڇنڇر جا ڏينهن يورپ ۽ آمريڪا ۾ مڪمل موڪل هوندي آهي پر ڇنڇر جي بنسبت آرتوار کي گهمڻ ڦرڻ لاءِ ترجيح ڏين.

آرتوار کانسواءِ ٻين موڪلن جي ڏينهن ۾ به انگليند ۾ بي پناهه رش نظر ايندي آهي. انگليند ۾ ٻين عام موڪلن جا هيٺيان ڏينهن آهن.

1_ New years Day.
2_ Good Friday.
3_ Easter Monday.
4_ May Day (First Monday in may)
5_ Spring And summar Band HoliDay,
6_ Chrismas Day,
7_ Boxing Day, (26th decemeber)

يعني ڪُل ست موڪلون آهن. پاڻ وٽ پاڪستان ۾ به اڳ ڪجهه زياده موڪلون هونديون هيون پر هاڻ گهٽائي اٺ موڪلون ڪيون اٿن.

يعني
1ـ عيدالفطر Eid_ul_fitr
2ـ عيدالاضحي Ed_ul_Azha
3ـ يوم عشورا Youm_e_Ashura
4ـ عيد ميلاد النبي Eid Milad_un_nabi
5ـ يوم پاڪستان Pakistan Day
6ـ يوم آزادي Independence Day
7ـ يوم اقبال Iqbal Day

8۔ يوم ولادت قائداعظم رحہ ۽ ڪرسمس ڊي Birth of Qaid_e_Azam Muhammad Ali Jinnah And Chrismas Day.

يعني چار مذھبي موڪلون ۽ چار پاڪستان جي قومي ڏينھن جون موڪلون.

ھت ڪا بہ ڪيفي يا ريسٽورانٽ ڪانھي. شام ٽيڻ واري آھي پر صبح جي ناشتي ڪانسواءِ سڄي ڏينھن ۾ چانھہ بہ ڪا نہ پيتي اٿم. صرف ڪجھہ پستا ۽ بادام منا پرس مان ڪڍي ڏنا جيڪي کاڌا اٿم. مون منا کي چيو تہ گھر ھلون. پاڻ چيائين تہ ڏاڍو مزو پيو اچي. ڪجھہ دير ڪان پوءِ ھلنداسين. اسان ٻئنچن تان لھي ھيٺ چِبر تي ويھي رھياسين. مون پيرن ۾ پاتل جوتو بہ لاھي ڇڏيو ۽ چِبر تي ليٽي پيس. چِبر مان جڻ تہ خوشبوءَ پئي اچي, ڪيڏي نہ صاف ستري چِبر آھي. پري ڪان ھيڊا گل ڏاڍا وڻندڙ لڳي رھيا آھن. ھت ڪو بہ ماڻھو گل ڪو نہ پٽي, پاڻ وٽ ھر ماڻھو گل پٽي, ھت ھر ننڍي وڏي گھر ۾ توھان کي گل نظر ايندا.

پاڻ وٽ شھر ۾ بنگلا ٺھرائي پوءِ وڪڻڻ جو ڪاروبار ڪندڙ ماڻھو اھڙن بنگلن ۾ تمام سُنا پارڪ ھڻن جنھن ۾ گل چوندي چوندي ھڻن, پر بنگلو وڪڻڻ ڪان پوءِ جيڪو انھيءَ پارڪ ۽ گلن سان حشر ٿئي سو انھن ويچارن گلن کي خبر آھي. ڪراچيءَ ۾ تہ مون خود پنھنجي ھڪ دوست جي ڊيفنس جي بنگلي ۾ ڏٺو تہ سندس سڄو پارڪ سُڪي ويو ۽ چِبر واري جڳھہ تي مٽيءَ جي دز پئي اُڏري, مون ڪانئس انھيءَ جو سبب پڇيو تہ پاڻ چيائين تہ يار ڪير پيو روز پيسن جو پاڻي پارڪ ۾ وجھي, سو انھيءَ ڪري ھن جو ڏاڍو لاجواب سڄو پارڪ ختم ٿي ويو. اھڙا بہ باذوق ماڻھو دنيا ۾ پيا آھن.

اسان ٽئڪسي ڪري ويسٽ منسٽر محل ڏانھن روانا ٿياسين. ھينري ائين ڪان اڳ سانده پنجن صدين تائين بادشاھہ ھتي رھندا ھئا ۽ پنھنجون دربارون لڳائيندا ھئا. ھينري ائين پنھنجي رھائش وائيٽ ھال ۾ اختيار ڪئي, جيڪو ٽاور آف لنڊن جو ھڪڙو حصو آھي. ھينري ائين جي وفات ڪان پوءِ دارالعوام جيڪو اڳي ويسٽ منسٽر ايبي جي چيپٽر ھائوس ۾ منعقد ٿيندو ھو اھو ويسٽ منسٽر محل ۾ منتقل ٿيو. تڏھن ڪان وٺي ھن محل جي پارليامينٽ سان وابستگي شروع ٿي. ھن محل وارين عمارتن جي جھڳٽي کي 1834ع ۾ باھہ لڳي جنھن سان تقريباً سموري اڏاوت سڙي وئي ۽ ڪجھہ نشان وڃي باقي رھيا. ھن وقت اھي پڻ ھتي ٿيندڙ نئين تعميرات ۾ ڊڪيل آھن. موجود عمارتون تقريباً سموريون اوڻيھين صديءَ جي تعمير آھن. ھن تعميراتي منصوبي جي مکيہ معمار چارلس بيريءَ کي ھدايت ڪئي وئي تہ ھو گوٿڪ ۽ ايلزبيٿن فن تعمير موجب ھي عمارتون جوڙائي جن ۾ قومي وقارنمايان رھي. دروازن ۽ درين جي ونگن تي گوٿڪ فن تعمير واري چٽسالي نھايت دلپذير اندازسان ٿيل آھي. جنھن سبب عمارتن ۾ بناوت جي ھڪجھڙائي وڌيڪ سھڻي لڳي ٿي. جيتوڻيڪ ڏاکڻيءَ دنگ وٽ ٺھيل وڪٽوريا ٽاور وڌيڪ اوچو آھي پر اترئين طرف وارو وڌيڪ چٽسالي ۽ سينگار سان جڙيل گھڙيال وارو ٽاور وڌيڪ مشھور آھي. تنھن جو نالو "بگ بين" آھي. جيڪو لنڊن جي سڃاڻپ آھي. جڏھن تمام گھٽي برف پوندي آھي تہ بگ بين جي گھڙيال جون سُيون بہ بيھي رھنديون آھن. پر اھو ڪڏھن ڪڏھن سالن پڄاڻان ٿيندو آھي. آرتوار جي شام ھئڻ ڪري ھت تمام گھڻي رش آھي. منا ھت بہ ڪافي فوٽا ڪڍيا. وڪٽورئين دور ۾ گوٿڪ فن تعمير جي نمايان جھلڪ ڪميٽي رومن ۽ آفيسن جي لين ۾ عيان آھي. ھن سموري تعميراتي ڪاريگريءَ کي ھڪ پيري

چڱيءَ طرح ڏسي نہ ٿو سگهجي. دارالعوام ۽ دارالخواص ٻنهي ايوانن ۾ قائم گئلرين جو تعداد مختلف آهي. پارليامينٽ جي ڪارروائي ڏسڻ ۽ سوال پڇڻ لاءِ گهربل پاس وٺڻ ڪان پوءِ شام 4:30 بجي گئلريءَ ۾ داخل ٿي سگهجي ٿو. اهڙي پاس پارليامينٽ جي مقامي ميمبر کان يا لنڊن جي ايمبسيءَ مان ڪافي هفتا اڳي حاصل ڪرڻي پوندي. دارالعوام ۾ بحث جمعي ڪانسواءِ سمورن ڪم وارن ڏينهن دوران ڏينهن جو اڍائي بجي شروع ٿيندو آهي. ڪرسمس ۽ ايسٽر وارن مذهبي ڏهاڙن ۽ آگسٽ کان وچ آڪٽوبر تائين اجلاس ڪو نہ ٿين. اندر جت پارليامينٽ جو اجلاس ٿئي، اهو هال تمام سادو آهي. پاڻ وٽ جيڪر اهڙو سادو هال هجي تہ شايد پيچي وري نئين سر نهرائين پر هت لنڊن ۾ جيئن پراڻي جڳهہ تيئن انهيءَ جي اهميت ۽ قيمت زياده. توهان هي اجلاس انٽرنيٽ ذريعي بہ ڏسي سگهو ٿا.

عوام کي ويسٽ منسٽر محل جي اصلوڪي جڳهين مان بچي ويل "ويسٽ هال" گهمڻ جي پڻ اجازت حاصل آهي. هي هال چوڏهين صديءَ ۾ تعمير ٿيل آهي. جنهن جي ڇت آڪ جي ڪاٺ جي ٺهيل آهي. پاڻ وٽ ڪراچيءَ جي مشهور فريئر هال جي ڇت بہ ڪاٺ جي ٺهيل آهي. هي هال بہ انگريزن ٺهرايو هو. ڪنهن وقت ويسٽ هال ملڪ جي وڏي ۾ وڏي عدالت طور استعمال ٿيندو هو ۽ هتي ئي وزيراعظم سرٿامس مور، گئي فيڪس ۽ چارلس اول کي موت جي سزا ڏني وئي. چارلس ثانيءَ 1661ع ۾ ڪرومويل جي سسي قبر مان ڪڍائي ويسٽ هال جي ڇت تي ڪاٺ جي شهتير تي ٽنگائي ڇڏي. جيڪا اُتي ويهن ورهين کان بہ وڌيڪ عرصو ٽنگي پئي هئي. هتي انتقام جو اهو مثال آخري هو پر غريب ملڪن ۾ اهو سلسلو اڃان جاري آهي.

ڪافي دير ٿي چُڪي آهي لنڊن جون روشنيون ٿيمس نديءَ جي پاڻي تي جرڪي رهيون آهن. سنڊن اولڙا پري پري تائين نظر اچي رهيا آهن. ڏاڍو پرڪشش منظر لڳي رهيو آهي. دير سبب اسان ٿورو پنڌ هلي پوءِ ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي گهر روانا ٿياسين. لنڊن جي روڊن رستن تان ترندي اسان جي گاڏي اچي پوراڻي هائوس جي دروازي پيڙي ٿي. جنهن جو در بہ گهنٽيءَ تي پوراڻيءَ کوليو. پاڻ ڏاڍي قرب سان سلام ڪيائين ۽ ٻڌايائين تہ نور ۽ فرخ صبح سوير ٻاهر ويا آهن. اسان مٿئين منزل تي پنهنجي بيڊ روم ۾ وياسين. ٿوريءَ ئي دير ۾ ماني ڪائي سمهي پياسين. صبح جو دستور مطابق تمام سوير اُٿي پهرئين چانهہ پي پوءِ لنڊن جي روڊن رستن تي واڪ ڪري واپس گهر آياسين. جت ناشتو ڪري هيٺ نور ۽ فرخ کي ٻڌايم تہ اڄ پاڻ کي واپس سنڌ هلڻو آهي. نور چيو تہ آئون مٿي توهان وٽ اچان ٿو. نور مٿي آيو ۽ چيائين تہ آئون واپس توهان سان گڏجي ڪو نہ ٿو هلان. آئون لنڊن ۾ اڃان بہ ٽي هفتا رهندس. توهان پلي هلو. ايئن نور لنڊن ۾ رهي پيو. آئون منا ۽ فرخ تيار ٿي ٽئڪسي ڪري هيٿرو ايئرپورٽ ڏانهن روانا ٿياسين. نور بہ اسان کي ايئرپورٽ تائين ڇڏڻ هليو.

اسان ايئرپورٽ فارملٽيز مان جان ڇڏائي اندر اچي ڊيوٽي فري شاپ جي دڪانن تي هلڪي ڦلڪي شاپنگ ڪرڻ لڳاسين. هت هيٿرو ايئرپورٽ اندر بہ هر ڊس وارن جو هڪ شاندار ڊيوٽي فري شاپ آهي. جت ڪنئين شيون ملن ٿيون. اسان هت فارم ڀرائي لنڊن جي دُڪانن تان ورتل سامان جا لوڪل ٽيڪس جا پئسا واپس ورتا. جيڪي ٻاهرين ملڪن جي شهرين کي ملڪ ڇڏڻ وقت ايئرپورٽ يا سي پورٽ تي واپس ملن ٿا. هيٿرو ايئرپورٽ جو اندر ۽ ٻاهر جو ڏيک ايڏو خوبصورت ڪونهي جهڙو دنيا ۾ اڄ جي جديد ٺهيل ايئرپورٽن جو آهي. مون اڳ بہ هن ڪتاب ۾ عرض ڪيو تہ

انگريز هڪ پيسو بہ فضول خرچ ڪو نہ ڪري، تلهي ڏيک ۾ تاهہ توهہ ڪي پسند ڪو نہ ڪري. اهو توهان ڪي نہ رڳو هيٿرو يا لنڊن ۾ نہ پر سڄي انگلستان ۾ نظر ايندو. اسان جي فلائيٽ جي انائونسمينٽ ٿي تہ اسان پنهنجو هيٿرو ايئرپورٽ تان ورتل سامان ڪٽي ہڏايل گيٽ ذريعي سڌو وڃي پنهنجي جهاز ۾ داخل ٿياسين. جهاز جي دروازي تي بيٺل جهاز جي ڪيپٽن ڪرو اسان جو ڪلي آڌر ڀاءُ ڪيو. انهن مان هڪ ايئرهوسٽس اسان کي ساڻ وٺي آڻي پنهنجي سيٽ ڏيکاري.

جهاز لنڊن مان اڏامي پهرئين دبئي بيهندو ۽ اُت مسافرن کي لاهيندو پوءِ اڳيان ڪراچيءَ ويندو. تنهن ڪري جهاز سڄو مسافرن سان ڀريل آهي ۽ ڪافي رش آهي. اسان پنهنجي هٿن ۾ کنيل سامان کي مٿي سامان جي جڳهہ ۾ رکي پوءِ پنهنجي سيٽن تي ويهي رهياسين. آئون دريءَ واري سيٽ تي ويٺس. ٻاهر ٿورڙو مينهن پئجي رهيو آهي. جهاز جو عملو (اسٽاف) برساتيون اوڍي جهاز جي هيٺيان ڪم ڪري رهيو آهي. چوطرف رڳو جهاز ئي جهاز بيٺا آهن. جن جي ارد گرد ڪيترا ئي عملي جا ماڻهو ڪم ڪندي نظر اچي رهيا آهن. ٻاهر ڏاڍي وٽندڙ موسم آهي ڀري ڀري تائين سنهي ڦوهار پئجي رهي آهي. انهيءَ ڦوهار ۾ جهاز هيٺ مٿي لهي چڙهي رهيا آهن. هوائي ڪمپنين جا هوائي جهاز جن تي پنهنجي پنهنجي ايئرلائين ۽ ملڪن جو نالو نظر اچي رهيو آهي. اسان جي جهاز اندر اجان بہ مسافر اچي رهيا آهن. جن ۾ اڪثريت عربن ۽ يورپين جي آهي. عرب شايد پنهنجين فيملين سان گڏ وئڪيشن تي لنڊن آيل هئا. جيڪي هاڻ پنهنجي ملڪ واپس وڃي رهيا آهن ۽ يورپين وري دبئي گهمڻ وڃي رهيا آهن. اڄڪلهہ دبئي بہ دنيا جي سياحتي مرڪزن مان هڪ آهي. جت هڪ سال ۾ هڪ ڪروڙ پنجهتر لک سياح اچن ٿا. جيڪو انگ يورپ جي ڪيترن مغربي ملڪن جي برابر آهي. هونئن بہ يورپ ۽ آمريڪا جا ماڻهو سال ۾ هڪ دفعو ضرور ملڪ اندر يا ملڪ کان ٻاهر گهمڻ وڃن. جنهن ۾ انهن ملڪن جا سربراهہ بہ شامل آهن. انگليڊ جو مشهور وزير اعظم چرچل پنهنجون موڪليون آفريڪا جي ملڪ مراڪش ۾ ملهائيندو هو. آمريڪا جهڙي اهم ملڪ جي سربراهہ لاءِ بہ سال ۾ هڪ پيرو وئڪيشن گذارڻ لاءِ موڪلون مقرر ٿيل آهن ۽ هو باقائدگي سان انهن ڏينهن ۾ پنهنجي فيملي ساڻ موڪلون گذارڻ پنهنجي ملڪ يا ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ ضرور وڃي.

اسان جي جهاز جو دروازو بند ٿي چڪو آهي پر انائونسمينٽ ڪري ہڏايائون تہ رنوي تي جهازن جي گهڻائي ڪري رش آهي. جيئن ڪنٽرول ٽاور کان سِگنَل مليو تيئن پاڻ پنهنجي منزل يعني دبئي لاءِ اڏام شروع ڪنداسين. توهان بہ رن وري تي ڏسي رهيا آهيو تہ ڪيڏي نہ رش آهي. درين مان برابر سڀ مسافر ٻاهر ڏسي رهيا آهن ۽ باقي مسافر پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهائي رهيا آهن. آئون دريءَ کان ٻاهر ڏسي رهيو آهيان. ٻاهرئين موسم هلڪي برسات پوڻ ڪري ڏاڍي مست لڳي پئي آهي. اسان جي اڳيان عرب فيملي ويٺل آهي. جن سان ننڍڙا ٻار بہ آهن. جيڪي عربيءَ ۾ ڳالهائي رهيا آهن. مون ڪيترا عرب ملڪ ڏٺا آهن. يورپ ۽ آمريڪا ۾ بہ عرب ڏٺا آهن پر مون ڪين عربيءَ کانسواءِ ٻي ٻولي ڳالهائيندي ڪو نہ ڏٺو آهي پر پنهنجا سنڌي جيڪي ڳوٺن مان شفٽ ٿي اچي ڪراچي ۾ پهتا آهن سي ڪجهہ وقت ۾ سنڌي ڇڏيو گهرن ۾ اردو ڀيا ڳالهائيندا آهن. چو تہ کين انگريزي تہ اچي ئي ڪا نہ جو ويچارا اها ٻولي ڳالهائين. پوءِ مڙئي اردو ڳالهايو پنهنجن تي رعب ڪريو وينا آهن.

اسان جي جهاز جي هلڻ جي منٽن زناني آواز ۾ انگريزي ۽ عربيءَ ۾ اناؤنسمينٽ ٿي ته اسان جو جهاز به رن وي تي آهستي آهستي هلڻ لڳو ۽ ڏسندي ڏسندي اسان کان لنڊن جا نظارا به گم ٿي ويا. صرف ڪڪر ئي ڪڪر نظر اچڻ لڳا. جن منجهان جهاز اڳتي هلي رهيو هو ۽ ڪافي دير کان پوءِ ڪڪرن جي انهيءَ قافلي کان ڏار ٿي تمام مٿي هليو ويو ۽ ڪڪر هيٺ ئي هيٺ. مٿي اڏامندڙ هن جهاز کي ڏسندا رهيا ۽ اسان وري هيٺ ڪڪرن کي ڏسندا رهياسين. هيٺ سفيد ڪڪرن کانسواءِ ٻي ڪا به شيءِ نظر ڪا نه ٿي آئي. جڏهن جهاز ڪڪرن کان ٻاهر نڪري پنهنجي صحيح رُخ تي آيو ته سيٽ بيلٽ کولڻ جو آواز ٿيو ۽ اسان انهن کي کولي آرامي ٿي ويناسين. پنيان ترالي ريڙهڻ جي آواز سان گڏوگڏ سنهو منو آواز به ڪن کي ڇهڻ لڳو. هوائي جهاز يا ڪنهن به اهڙي هنڌ ماڻهو ڪنڌ پنيان ورائي ته ڪو نه ڪو سگهي ٿو ته اهو سخت ناگواره ٿو لڳي سو انهيءَ آواز جي انتظار ۾ ڪافي وقت لڳي ويو. ڇو ته هر مسافر کان پهرئين پنهنجي پسند پڇڻ يعني ڪافي. چانهه. سافٽ ڊرنڪ يا جوس پوءِ برف يا بغير برف. باقي کير ۽ کنڊ ته هوندن به جدا ڏين سو انهيءَ جي پڇڻ جو ته سوال ئي ڪو نه ٿو پيدا ٿئي. انهيءَ پڇ پڇان ۾ ڪافي وقت لڳيو وڃي. وري جي ڪو ٻار هجي ته هو ذري ذري پيو پنهنجي راءِ بدلائي ۽ ايترن سوالن جوابن ۾ ته دير ٿئي ٿي. ٻيو ته عورت سان ڳالهائيندي به ته دل ڪا نه ٿي پرجي. ايئن انتظار ڪندي اسان جو به وارو آيو. منا هميشه جيان آرينج جوس پيتو ۽ مون اڄ اناناس جوس جي جڳهه تي چانهه پيتي ۽ فرخ ڪافي پيتي ايئن جوس چانهه پيئندي، ماني کائيندي، فلمون ۽ ٻيا پروگرام وڏي اسڪرين تي ڏسندي ڏسندي ڏينهن مان رات ۽ رات مان پرڀات ٿي وئي ۽ اسان لنڊن کان دبئي پهچي وياسين. جهاز جي رفتار ۽ وقت جي ابتڙ هلندي وقت گذرندي ويرم ئي ڪا نه ٿي لڳي اسان صبح جو سوير دبئي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي پهچي وياسين. هت ڪافي مسافر ۽ انهن جو سامان لهڻو هو. تنهن ڪري اسان کي به چيائون ته توهان پلي دبئي انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي ڊيوٽي فري شاپ مان ٿي اچو پر مڙيئي جلدي دبئي ايئرپورٽ ۽ دبئي منهنجو اڳ به ڪافي پيرا ڏٺل هو. تنهنڪري ڪنهن به قسم جي تڪليف محسوس ڪا نه ٿي. جڏهن ته آئون منا ۽ فرخ جو گائيڊ ٿي پيس. دبئي ايئرپورٽ ڊيوٽي فري سان گڏ ٻين ڪافي سهوليتن سان سينگاريل ۽ سنواريل آهي. جنهن ۾ خريداري تي انعام وسيلي نئين مرسڊيز ڪار کٽڻ جي سهوليت به آهي. اها مرسڊيز ڪار ڊيوٽي فري دڪانن جي وچ ۾ ايئن انتظار ڪري رهي آهي، جڻ ڪنوار سيج تي سُتي پئي آهي. مسافرڪار کي ايئن ڏسي جيئن اليڪشن جي ڏينهن اميدوار ووٽر کي ڏسي مشڪي.

انهن انعامن سان گڏ ٻيا پڻ هزارين انعام رکيل آهن. انهيءَ ڪري ايئرپورٽ اندر جڻ ته ميلو لڳيو وڃي. دبئي ايئرپورٽ تي ڪراچي ايئرپورٽ، جده ايئرپورٽ يا بمبئي ايئرپورٽ کان وڌيڪ رش ٿئي. امير ماڻهن جي موجودگيءَ ڪري وڌيڪ سونهن، سوپيا ۽ سرُهاڻ محسوس ٿئي. ايئرپورٽ جو اسٽاف پڻ ڏاڍي شائستگيءَ سان پيش اچي. اچڻ وڃڻ ۾ ڪا به بوريت محسوس ڪا نه ٿئي.

مون ٽوڪيو کان وٺي سئن فرانسسڪو تائين دنيا جا ڪئين ايئر پورٽ ڏٺا آهن پر مون جده ايئرپورٽ جهڙي مسافرن سان خراب روش دنيا جي ڪنهن به ايئرپورٽ تي ڪا نه ڏٺي. اچي چمڙيءَ وارن کانسواءِ باقي هر مسافر لاءِ اهو سمجهندا آهن ته هي اسان وٽ پنڻ آيو آهي. ڪا ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ڪو نه آهن. سعودي ايئرلائين اسٽاف کانسواءِ ٻي ايئر لائين جي اسٽاف سان به هنن جو رويو

ٺيڪ نہ هوندو آهي. باقي پي آءِ اي اسٽاف کي تہ مسافرن وانگر ٿي ڊيل ڪن.

پاڻ اچون ٿا پنهنجي منزل دبئي جي احوال تي جيڪو اڄڪلھ سڄي دنيا جي توجھ جو مرڪز بڻجي چڪو آهي. دبئي اصل عرب مڇيرن جو هڪڙو ڳوٺ هو. لوا (Liwa) نالي نخلستان ۾ رهندڙ بني ياس Bani yas جي هڪ خاندان سن 1830ع ۾ دبئي تي راڄ ڪرڻ شروع ڪيو. حڪمران اڄا تائين ساڳيو خاندان آهي. دبئي جي رهواسين جي گذر جا اصل وسيلا مڇي مارڻ، رڍون ۽ ٻڪريون چارڻ ۽ ڪجھ قدر ڪجيءَ جا باغ پوکڻ هئا، پر پوءِ هنن تجارت کي مکيہ ڌنڌي طور اختيار ڪيو. انهيءَ ۾ آهستي آهستي وڌندي اڄڪلھ ڪمال جي ترقي حاصل ڪئي اٿن. شهر جي فقط هڪ تجارتي علائقي (Deira) ڊيرا ۾ بہ 350 کان وڌيڪ گهڻ ملڪي تجارتي ڪمپنين جا مرڪز موجود آهن.

اها ترقي فقط حڪمرانن جي آزاد تجارت واري سٺي پاليسي اختيار ڪرڻ سبب ٿي سگهي آهي. انهيءَ ڪري اول هندستاني پاڪستاني، ۽ ايراني واپاري هتي ڪاروبار ڪرڻ لڳا. انهيءَ عرصي دوران دبئي سياسي طور برطانيا جي تسلط هيٺ هڪ پروٽيڪٽوريٽ Protectorate يعني ڪمزور ۽ طفيلي رياست جي حيثيت ۾ برطانيا جي پناھ ۾ رهندڙ وچ اوڀر وارين رياستن مان هڪڙي هئي. جيئن 1947ع کان اڳ پنهنجو ملڪ پاڪستان هو.

دبئي سن 1971ع ۾ برطانيا کان آزاد ٿيڻ کان پوءِ عرب رياستن جي اتحاد متحده عرب امارات ۾ شامل ٿيو. انهيءَ اتحاد ۾ ابوظهبي، شارجہ، اجمان. ام القوئين ۽ فيوجائراه رياستون شامل هيون. اهو اتحاد هن عرب علائقي ۾ سن 1966ع ۾ تيل لهڻ کان پوءِ ترت عمل ۾ آيو. جنهن هنن عرب عمارتن جي زندگيءَ ۾ تمام وڏي تاريخي تبديلي آندي.

دبئي جي هن غير معموليءَ ترقيءَ جو سهرو اڳوڻي حڪمران هز هائينس شيخ راشد جي سر تي آهي، جنهن تيل جي ڪمائي ملڪي ترقي لاءِ ڪم آندي. شيخ راشد جي شروع ڪيل منصوبن کي موجود. حڪمران شيخ مڪتوم بن راشد ۽ سندس ڀائر پايہ تڪميل تي رسائڻ لاءِ برقرار رکيو اچن. انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيو آهي جو جديد بنيادي شين جهڙوڪ مواصلات، صحت، تعليم ۽ سياحت جا زبردست منصوبا تڪميل تي پهچڻ وارا آهن ۽ سمورو سماجي نظام جديد زاوين تي قائم آهي. انهي ترقيءَ جو مدار آزاد تجارت تي قائم آهي. تعليم جي معيار جو اندازو انهيءَ مان لڳائي سگهجي ٿو جو آڪسفورڊ ۽ هارورڊ ۾ پڙهيل بينظير ڀٽو صاحبہ بہ پنهنجا ٻار پڙهائي لاءِ انگلينڊ ۽ آمريڪا بدران دبئي ۾ پڙهڻ لاءِ ڇڏيا هئا پر هاڻ U.K ۾ پڙهندا آهن. سمورين عرب عمارتن وانگر دبئي جي آبهوا پڻ نيم خط استوائي خشڪ قسم جي آهي. هتي برسات ٿوري ۽ ڪڏهن ڪڏهن پوندي آهي ۽ گهٽو ڪري سياري ۾ ٿيندي آهي. گرميءَ جو درجو سراسري گهٽ ۾ گهٽ 10 ڊگريون سيلسيئس Celsius ۽ وڌ ۾ وڌ 48 ڊگريون سيلسيئس تائين ٿيندو آهي.

دبئي جي سرڪاري ٻولي عربي آهي. انگريزي ٻولي پڻ هتي سمجهي وڃي ٿي ۽ عام استعمال ۾ آهي.

دبئي رياست جا ڪيترين عالمي تنظيمن سان تعلقات قائم آهن. مثلاً اهو متحده عرب امارات جي ميمبر طور سن 1971ع ۾ اقوام متحده ۽ عرب ليگ جو ميمبر ٿيو. تنهن کان پوءِ اهو تيل پيدا

ڪندڙ ملڪن جي تنظيم اوپيڪ OPEC جو ميمبر ٿيو. انهيءَ ڪان پوءِ آءِ ايم ايف I.M.F جو ميمبر ٿيو. انهيءَ ڪانسواءِ اهو عالمي تجارتي تنظيم W.T.O جو ميمبر پڻ آهي. ان ڪان سواءِ هي عرب ملڪن جي ٻي تنظيم A.G.C.C جو ميمبر پڻ آهي. انهيءَ تنظيم جا ٻيا ميمبر ملڪ آهن: سعودي عربيه، عمان، قطر، بحرين ۽ ڪوويت. دبئي UAE اتحاد جي ميمبر طور غير جانبدار خارجه پاليسيءَ جو حامل هئڻ سان گڏ عرب اتحاد جو پڻ گهڻو خواهان آهي.

دبئي رياست جي پکيڙ 3885 چورس ڪلوميٽر آهي ۽ متحده عرب امارات ۾ ايراضيءَ جي لحاظ کان ٻيو نمبر وڏي رياست آهي دبئي امارت دبئي ڪاري جي ڪنارن تي مشتمل رياست آهي. اها دبئي ڪاري نارعدن مان نڪرندڙ هڪ ڪاري آهي. دبئي شهر انهيءَ ڪاري جي ٻنهي ڪنارن تي اهڙي طرح آباد آهي جنهن موجب شهر جو هڪڙو پاڱو انهيءَ ڪاري جي اترئين ڪپ تي آباد ۽ ٻيو پاڱو انهيءَ جي ڏاکڻئين ڪناري تي آباد آهي. دبئي شهر عرب امارات جو هڪ مکيه بندر ۽ تجارتي مرڪز آهي.

دبئي رياست ڪي هڪ سئو ڪلوميٽر ڊگهو سامونڊي علائقو آهي. دبئي جي حاڪم جو محل به سامونڊي ڪناري تي آهي جتان هو محل مان ويهي سامونڊي جهازن جي چرپر ڏسندو آهي. هي محل ارڙهين عيسوي صدي ۾ ٺهيل آهي پر هاڻ هن کي وڏي پئماني تي جديد بڻايو ويو آهي. دبئي جي سامونڊي ڪناري کي پڻ ڏاڍو سنواريو سينگاريو ويو آهي.

متحده عرب امارات جي وفاقي حڪومت جو صدر ابو ظهبيءَ جو حڪمران شيخ زيد بن سلطان النهيان جو پٽ آهي. نائب صدر دبئي جو حڪمران شيخ مڪتوم بن راشد آهي. شيخ زيد بن سلطان مون ننڍي هوندي محمد يوسف چانڊيي جي ڳوٺ ڏٺو هو. جت پاڻ شڪار تي آيو هو. ساڻس گڏ لبنان جو صدر پڻ هو.

عرب امارات جي سپريم ڪائونسل جا ست ميمبر آهن. جيڪي واسطيدار امارات جا حڪمران آهن.

مواصلات ۽ اطلاعات، تعليم، دفاع، ترقيات، قانون ۽ خارجه تعلقات جا شعبا انهيءَ وفاقي سپريم ڪائونسل جي حوالي آهن. ڪيبينيٽ فيڊرل ڪائونسل آف منسٽرس سڏجي ٿي. جيڪا سپريم ڪائونسل جي تشڪيل ڪيل آهي ۽ انهيءَ ڏانهن جوابده آهي. هڪڙي مجلس شوريٰ پڻ آهي. جنهن ۾ چاليهه ميمبر آهن. جيڪي حصي رسيءَ موجب هر ميمبر امارت مقرر ڪندي آهي. انهيءَ شوريٰ جو مدو ٻه سال آهي. اها تجويزون ڏئي سگهي ٿي. باقي ويٽو پاور نه ٿي رکي.

متحده عرب امارات جي راڄڌاني ابوظهبي آهي پر ڪجهه وزيرن جون آفيسون دبئي ۾ پڻ آهن. خارجي پاليسي ۽ دفاع ڪانسواءِ باقي عوامل ۾ هر ميمبر امارت آزاد آهي. اهڙي طرح دبئي رياست آزاد تجارتي پاليسي اختيار ڪئي آهي جنهن تحت ٻاهران ايندڙ مال تي محصول يا ڪسٽم في معاف آهي. تنهن ڪري پرڏيهي سيڙپڪاري جا موقعا هتي هميشه موجود آهن.

دبئي حڪومت جي تجارتي پاليسي جا چند هينيان اصول بيان ڪجن ٿا.

1 ـ سڌي تجارت Direct Trade جنهن تحت ڏيهي ۽ پرڏيهي تجارتي ڪمپنيون هڪبئي سان سڌو واپار ڪري سگهن ٿيون.

2_ Commercial agency arrengements

هن قانون تحت پرڏيهي ڪمپني پنهنجو دبئي ۾ نمائندو دبئي جو شهزادو مقرر ڪندي ۽ اهڙو عهد نامو واپار واري وزارت وٽ رجسٽر ڪرائبو.

3_ دبئي شهر ۾ پرڏيهي ڪمپني پنهنجي آفيس قائم ڪري سگهي ٿي. تنهن لاءِ ڪيس ايڪانامڪ ڊيولپمينٽ ڊپارٽمينٽ کان لائسنس وٺڻو پوندو. انهيءَ کانسواءِ اسپيشل انويسٽمينٽ اسڪيم تحت ۽ ايئرپورٽ فري زون ۾ تجارت قائم ڪرڻ لاءِ پرڏيهي ڪمپنين کي هيٺيون سهوليتون ڏنل آهن.

1_ سئو سيڪڙو پرڏيهي ملڪيت جي اجازت

2_ 15 سالن تائين ٽيڪس جي معافيءَ جي ضمانت

3_ ڪسٽم بلڪل مفت

4_ لچڪدار سيٽ اپ جا موقعا

5_ نقل و حمل ۽ ورهاست جون بهترين سهوليتون

6_ انتظامي ۽ افرادي امداد

انهيءَ کانسواءِ هيٺيون سهوليتون پڻ ميسر آهن. جهڙوڪ:

1_ آزاد ڪمپني نظام

2_ ٽرانسپورٽ جو اعليٰ انتظام

3_ اطلاعات جو جديد نظام

4_ جديد مالياتي ۽ سروس جو شعبو

5_ اعليٰ عالمي نمائش ۽ ڪانفرنس ڪرڻ جو بندوبست

6_ بهترين قسم جي آفيسن ۽ رهائش جو بندوبست

7_ موزون توانائي ۽ ٻين شين جي موجودگي

8_ فرسٽ ڪلاس هوٽلن، اسپتالن، اسڪولن ۽ تجارتي مرڪزن جي موجودگي

9_ جديد عالمي معيار جي شهري سماج جي موجودگي.

پرڏيهي ڪمپنين لاءِ مٿي بيان ڪيل سهوليتن کانسواءِ هيٺيون سهوليتون پڻ موجود آهن.

1_ ڪارپوريٽ ٽيڪس معاف

2_ انڪم ٽيڪس معاف

3_ فارين ايڪسچينج تي ڪو بہ ڪنٽرول ڪونهي

4_ ڪجھ شين تي جزوي محصول

5_ مناسب مزوري

6_ مناسب قيمتون

7_ مناسب مسواڙ

8_ آزاد تجارت

دبئي دنيا جي وڏي واپاري منڊي آهي. هتي هر سال 17 بلين ڊالرن جو آمدني واپار ٿئي ٿو.

دبئي ۾ 170 بحري جهازن واريون ڪمپنيون ۽ 86 هوائي ڪمپنيون مسافر ۽ مال آڻين ۽ نين ٿيون.

پاڻ وٽ افغانستان جي جنگي حالتن ڪري ڪيترين ئي هوائي ڪمپنين پاڪستان اچڻ ئي ختم ڪري ڇڏيو آهي ۽ هاڻ انهن ڪراچي جي جڳهه تي دبئي کي پنهنجو بيس بڻايو آهي. جنهن ڪري دبئي جي اجا به تجارتي اهميت وڌي وئي آهي. جيڪا هاڻ ڏينهون ڏينهن وڌندي وڃي.

منا دبئي ايئرپورٽ اندر داخل ٿي، پهريائين سڄي ايئرپورٽ جو جائزو ورتو پوءِ هر هڪ شاپ جو جائزو وٺندي اڳتي هلندي رهي. تان جو اچي هڪ اليڪٽرانڪ جي شاپ تي بيٺي، جتان پاڻ ڪجهه اليڪٽرانڪ ۽ ڪافي بيو سامان پڻ خريد ڪيائين. مون به ٿي پرفيوم ۽ هڪ ڪئميرا خريد ڪئي. باقي رڳو ٽي چار ڪلاڪ چڪر لڳائيندا رهياسين ۽ هر فلائيٽ جي اينڊڙ ويندڙ مسافر کي ڏسندا رهياسين.هڪ ريسٽورانٽ تي ڪجهه دير ويهي برگر کاڌاسين ۽ ڪوڪ پڻ پيتي سين. جده ايئرپورٽ جي مقابلي ۾ هت يورپين ماڻهو زياده نظر آيا ۽ شاپنگ جي خيال کان به دبئي، جده ايئرپورٽ کان بهتر آهي. ٿوريءَ دير ۾ اسان جي فلائيٽ جي اناؤنسمينٽ ٿي ۽ اسان بس ۾ چڙهي هوائي جهاز ڏانهن روانا ٿياسين. بس اچڻ مهل مسافرن سان پيري پئي هئي پر هينئر به ڪافي مسافر هئا. ڪي هتان دبئي مان ڪراچي لاءِ چڙهيا هئا ۽ ٿوري دير کان پوءِ هوائي جهاز ڪراچي ڏانهن اڏام ڪئي. سڄ جي روشنين ۾ هيٺ هر شيءِ نظر اچي رهي هئي. جنهن ۾ گهڻو ڪري سمنڊ نظر اچي رهيو هو. لنڊن کان ايندي يورپين مسفار وڏي تعداد ۾ جهاز ۾ هئا پر هينئر هڪ به نظر نه آيو. گهڻو ڪري سڀ پاڪستاني مسافر هئا. جن جي سامان ۾ هڪ ٽيپ رڪارڊر، هڪ بلانڪيٽ، هڪ وڏو ٿيلهو جنهن ۾ اليڪٽرانڪ ۽ شيشي جا ٿانوَ ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا. سندن ٻار وڏي واڪ ڳالهائي ۽ رڙيون ڪري رهيا هئا. پاڻ ٽڪل ۽ هيسيل پر ڳوٺ وڃڻ جي خوشيءَ ۾ مرڪي رهيا هئا. سندن زالون مردن کان ڪجهه وڌيڪ خوش لڳي رهيون هيون. جن کي ملڪ کان وڌيڪ پنهنجي مٽن مائٽن سان ملڻ جي خوشي ۽ سندن دماغ ۾ ڪئين خوشيون ۽ سوچون ۽ انهيءَ جو انتظار ته ڪڏهن ٽا گهر پهچون. الائي ايئرپورٽ تي ڪو مٽ مائٽ آيو به هوندو يا نه. ڪراچي ايئرپورٽ جا سور، پنهنجن سان ملڻ جون خوشيون بهرحال ڪيئن انومان دل ۾ اوريندي اوريندي ماڻهو ڪراچي پهچيو وڃي.

ڪراچيءَ کي ويجهي ۾ ويجهو ايئرپورٽ دبئي، تنهن کان پوءِ بمبئي ۽ لاهور آهي، پر پرائي ملڪ ۽ هٿ ۾ پاسپورٽ هئڻ ڪري ويجها به ڏور ٿيو پون سپرين. هڪ سنهي سريلي ۽ منڙي آواز تي خبر پئي ته جهاز ڪراچي ۾ لهڻ وارو آهي ۽ سڀ مسافر جهاز اندر مٿان ڪيٽن ۾ رکيل پنهنجو پنهنجو سامان ڪڍي هيٺ رکڻ ۽ هٿن ۾ جهلڻ لڳا. جهاز اجان هوائن ۾ تري رهيو هو تنهن ڪري اسان اهو بهتر سمجهيو ته جهاز لينڊ ڪري پوءِ ٽا سامان ڪڍون. سو ويهي انهن مسافرن جو مزو ڏسڻ لڳاسين. ته جهاز به پنهنجي بي Bay تي هيٺ لهي هلڻ لڳو ۽ اسان ڇيلهه وارو پٽو زور سان ڇڪي ويهي رهياسين. تان جو جهاز ٿوريءَ دير ۾ آهستي آهستي هلندو اچي پنهنجي مقرر گيٽ سان ايئرپورٽ بلڊنگ وٽ بيٺو ٿوريءَ دير کان پوءِ جهاز جو دروازو کليو اسان پنهنجو پنهنجو سامان کڻي هوائي جهاز کان ٻاهر نڪري ايئرپورٽ ٽرمينل بلڊنگ ۾ داخل ٿياسين. جت پري کان بگهئي ڪسٽم آفيسر سلام ڪيو. انهيءَ سان ڳالهائيندي ۽ دعا سلام ڪندي ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪري

آياسين.